سنڌي

# ريڪائون

October: 2019



## بخشڻ مهراڻوي
## کي سالگره جون واڌايون

آڪٽوبر 2019

5

# ريڪائون

ايڊيٽر (اعزازي)

رحمت پيرزادو

ايڊيٽوريل بورڊ:
مهتاب راشدي، سيد امداد جعفري، ڊاڪٽر عامر عباس سومرو، باري منگي، راڄ، جميل سومرو، پريتم قاضي، رحمت سومرو، سنڌو پيرزادو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

مارڪيٽنگ مئنيجر:
سارنگ پيرزادو

قيمت -100 روپيا

03337551931

ايڊريس: E-15 الشمس ڪمپليڪس
جوهر موڙ، ڪراچي
rehmatpirzado@yahoo.com

هي رسالو سارنگ پيرزادي اردو بازار ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

# ايڊيٽوريل

جڏهن ميڊيا ماڻهن کي پنهنجي آڱرين فنگر ٽپس تي نہ نچائيندي هئي، ان وقت زندگي ڪيڏي نہ پُرسُڪون هئي. اهو بہ شڪر آهي تہ اسان اُها زندگي نہ فقط ڏٺي پر ڀرپُور نموني گذاري پڻ. جڏهن ماڻهوءَ وٽ وڏو وقت هوندو هئو ۽ ڪرڻ لاءِ بہ ڪجھ نہ هوندو هئو سواءِ مطالعي ۽ ڪچهرين جي.

اڄ جڏهن اسان وٽ ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجھ آهي تہ وقت نہ بچيو آهي. جڏهن ڪا شيءِ نہ رهندي آهي يا ٿوري بچندي آهي تہ ان ۾ چڪ پيدا ٿيندي آهي اها رومانوي ڪشش بڻجي ويندي آهي. جڏهن وقت کي هڪ شاعر جي اک سان ڏسبو تہ خبر پوندي تہ ان جا ڪيترا زاويا آهن، ڪيترا سرڪلس آهن، ڪيترا دائرا آهن! جيئن مُڪڙيءَ تان پنکڙيون آهستي آهستي ڪلنديون آهن ۽ اها هڪ لال گلاب ۾ بدلجي ويندي آهي، جڏهن شيشي جي گلاس ۾ سونهري شراب جو ڀريون پيگ اوتبو آهي تہ هڪ عجيب خمار اکين ۾ اوتبو آهي جنهن ۾ پنهنجو مزو هوندو آهي. ساڳئي طرح، وقت جڏهن ٻار مان جوانيءَ ۾ جهاتي پائيندو آهي تہ سوچ جا تاڪ کُلندا ويندا آهن.

وقت ڪيڏو نہ حسين آهي! ڇا اسان ان وقت جو قدر ڪيون ٿا؟ جنهن "وقتِ" کو نظم يا غزل پنهنجي تخليق جي عروج واري لمحي مان گذرندو آهي، ان وقت کي پنهنجا خمار هوندا آهن. وقت جيڪو تمام گهڻي تيزيءَ سان گذري رهيو آهي، اسان ڪنهن بہ سائنسي ايجاد سان ان کي بيهاري نہ ٿا سگهون! اسان ان کي فقط سانڍي سگهون ٿا، دل جي لينسز سان هر گهڙيءَ کي پرزرو ڪيون، تہ ان جو لطف وڌيڪ دير تائين ماڻي ۽ محسوس ڪري سگهنداسين. زندگي ڪيتري نہ مختصر آهي، سوين سهڻا سهڻا ماڻهو پنهنجو وقت پورو ڪري هليا ويا ۽ اسان جهيڙن ۾ پورا آهيون، ڊوڙ ۾ پورا آهيون، فريب ۽ ڦريستائيءَ ۾ پورا آهيون، اسان پاڻ پنهنجو احتساب ڪيون تہ اسان دوکو ڪنهن کي ٿا ڏيون. اسان پنهنجو پاڻ کي دوکو ٿا ڏيون ۽ اهڙي ناياب شيءِ کان محروم آهيون جنهن جو نالو "وقت" آهي. جنهن اسان کي گهڻو ڪجھ ڏنو آهي ۽ اڃا گهڻو ڪجھ ڏئي بہ سگهي ٿو. اڃو تہ ان وقتَ جو قدر ڪيون.

ريڪائون جي هن پرچي ۾ پياري بخشڻ مهراڻويءَ جا لک ٿورا جيڪو راضي ٿيو تہ ان بابت آئون ڪارنر آڻي سگهان. هي پرچو منهنجي جڻ سپني جي ساڀيان آهي. شال پيارو بخشڻ اڃا وڌيڪ محبتون ماڻي. هُن جو پورهيو پنهنجي نوعيت جو الڳ ڪم آهي، هي اُهي ماڻهو آهن جڏهن ٽي وي نہ هئي يا عام نہ هئي تہ ريڊيو تان پنهنجي آواز سان ماڻهو بيهاري ڇڏيندا هيا، ڪنهن دوست لکيو آهي تہ مون بخشڻ مهراڻويءَ کي ڦٽل ميلا مچائيندي ڏٺو آهي. سچ پچ تہ بخشڻ مهراڻوي اڌ صديءَ جو اهو اوجاڳو آهي جنهن جي جوت سدائين هڪ ڏيئي وانگر جرڪندي ۽ جڳ مڳ ڪندي رهندي.

## بخشڻ مهراڻويءَ کي

## سالگره جون واڌايون

# ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان

## منجهان ورتل حصو

### شيخ اياز

بخشڻ مهراڻويءَ کي بحر وزن تي ڪنهن حد تائين عُبور حاصل آهي ۽ هُن جا نظم ٽيڪنڪ توڙي تخيل جي لحاظ کان قابلِ قبول آهن.

ازي او پيار جا پاڳل
کڻي ڪشڪول نيڻن جا
کهڙي مٽيءَ کي ڳولين ٿو.

"ڪشڪول نيڻن جا" ڪهڙو نہ پيارو محاورو آهي! ڪيترو نہ انوکو، ڪيترو نہ نئون، ڪيترو نہ عجبائتو!

هاڻي اچو تہ بخشڻ مهراڻويءَ جا مجموعي ۾ ڏهہ شعر ڏسون جي سنڌيءَ جي هر "ڏهس نامي" کان ڀاري لڳن ٿا ۽ ايئن لڳي ٿو تہ اسان جا نقاد ڪچڪول ڪٺا ڪندا رهيا آهن، جن ۾ رُڳو ڀُهرَ مان ميڙيل سيڙيل اُڪارٿيون وَٺون آهن. بخشڻ جو غزل ڏسو:

منهنجي پريت آ پنڇيءَ جهڙي،
تنهنجي موٽ شڪاريءَ وانگي.
جڳ لڳي ٿو جُوا خانو،
مان هارايل جواريءَ وانگي.

هي سٽون گربيءَ ۽ سوسيءَ کان زيادهہ خوبصورت آهن ۽ شاعر کنهن امرتا جي آڏاڻي تي اُٿيون آهن.

هن جا نثري نظم "هڪ ڏکي نند سمهڻ جي ريهرسل" ۽ "درد جي ڦاسي گهاٽ تي" بہ سٺا نظم آهن.

در اصل هي ٿر جي ولين وانگر شاعر آهن، جي برسات تي پاڻ ٽڙيا پيا آهن ۽ جي پوکيون نہ ويون آهن ۽ جن جي هيڪار سان هاڻ واسجي ٿو وڃي.

## بخشڻ مهراڻوي

### غزل

منهنجي پريت آ، پنڇيءَ جهڙي،
تنهنجي موٽ، شڪاريءَ وانگي.
مون بہ ڪير آڪيرو، جوڙي،
آئون تتل ڪنهن ٽاريءَ وانگي.
ويهہ گهڙي ڪن، ويهہ تہ مون وٽ،
سال پو آئينءَ ڏياريءَ وانگي.
اوسيئڙي بہ نيڻ اُجايل،
ٿر جي پياسي واريءَ وانگي.
ريت جي رات بہ هر هڪ آشا!
ماري وئي آ ڪاريءَ! وانگي.
ماڻهو ذات ۽ ذات، ضمير بہ،
وڪڻي ٿو واپاريءَ وانگي.
جڳ لڳي ٿو جوا خانو،
مان هارايل جُواريءَ وانگي.

# بخشڻ مهراڻوي

# ذميواري نڀاهي رهيو آهي

امداد حسيني

”ريڪائون“ مئگزن پاران ”بخشڻ“ مهراڻوي، تي هڪ ڪارنر ڪڍي پئي وڃي. اها هڪ سٺي ڳالهه آهي ته زندگيءَ ۾ ئي هڪ شاعر کي ميڃتا ڏني پئي وڃي. ”بخشڻ“ مهراڻوي اسٽيج ۽ ٽي وي تي ڪمپيئرنگ به ڪري ٿو. ڪنهن سرڪاري نوڪريءَ ۾ به آهي. ائين هو هڪ مصروف زندگي گذاري ٿو. ڪراچيءَ جهڙي مصروف شهر ۾ رهي ٿو. مختلف شهرن ۾ موسيقيءَ جي پروگرامن کي آرگنائيز ۽ ڪنڊڪ ڪري ٿو. ادبي پروگامن ۾ ڪمپيئرنگ ڪري ٿو.

”بخشڻ“ مهراڻوي کي ڪيترائي شعر ياد آهن، جيڪي هُو انهن پروگرامن ۾ ٻُڌائي ٻڌندڙن / ڏسندڙن کان داد حاصل ڪري، انهن کي به چڻ پروگرام جو حصو بڻائي ڇڏيندو آهي. زندگيءَ جي انهن مصروفيتن مان ڪجهه وقت بچائي هو شاعريءَ کي به ڏئي ٿو. اهي سمورا ڪم - نوڪري ، مختلف ( اسٽيج / ٽي وي ) پروگرام - وڏي ذميواريءَ جا ڪم آهن ، جيڪا ”بخشڻ“ نڀائي به رهيو آهي.

شاعري به هڪ سنجيده ۽ وڏي ذميواري، جو ڪم آهي. ان ڏس ۾ هُن جو مطالعو به ٺيڪ ٺاڪ آهي پر اهو گهٽجي پاڳي اسٽيج / ٽي وي پروگرامن لاءِ ٺيڪ آهي، جنهن ۾ عوام جي پسند جا شعر چيا ويندا آهن. شاعريءَ لاءِ ہٹي قسم جو مطالعو گهربل هوندو آهي. ان ڏس ۾ نه رڳو "بخشڻ" ڪي پر اسان سڀني کي جوڳو ڌيان ڏيڻو پوندو!

"بخشڻ" مهراڻوي سدائين خوش باش - باغ بهار لڳندو آهي - دعا آهي ته هو سدائين ائين مُرڪندو رهي!

آخر ۾ "بخشڻ" جو هڪ شعر:

توکان هوندي ڌار جيئون ٿو،
جيون ڪچي گار جيئون ٿو.

## بخشڻ مهراڻوي

### غزل

توکان هوندي ڌار، جيئون ٿا،
جيون ڪچي گار، جيئون ٿا.

روز نوان الزام اسان تي،
روز اسين سنگسار، جيئون ٿا.

توکان پيار مليو جي ناهي،
نفرت جي آڌار، جيئون ٿا.

هيڏانهن هٺ سمورا خالي،
هوڏانهن هُو هٺيار، جيئون ٿا.

موت بيهاري بيٺو آهي،
چوڏس پهريدار، جيئون ٿا.

# منهنجي پريت آ

# پنڇيءَ جهڙي

مظهر لغاري

بخشڻ جي ڪتاب تي لکڻ اعزاز آهي پر اهو هڪ ڏکيو ڪم بہ آهي. ڏکيائيءَ جا هڪ کان وڌيڪ سبب آهن. جيڪڏهن منهنجي سوچ ۾ لکيت هڪبئي جو ساٿ ڏيئي سگهيا تہ ڪوشش ڪندس تہ اهي سبب شيئر ڪري سگهان.

ڏکيائي نمبر 1: بخشڻ جي شاعري گليور جي سفر وانگر ماضيءَ جي دنيا ڏانهن وٺي وڃي ٿي. آئون پاڻ کان مسلسل پڇندو رهيو آهيان: "وڃان يا نہ وڃان؟" هڪ وڏي عرصي کان آئون سيلف امپوزڊ اڪيلائيءَ ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. مون وڏا وس ڪري ان کي fortify ڪيو آهي. هاڻي شاعريءَ جي آڙ وٺي يادگيرين جو هڪ دشمن لشڪر ان قلعي جو دروازو ٽوڙي اندر اچڻ چاهي ٿو. هي شاعري ناهي. هي بليڪ ميلنگ آهي. ان قلعي جو دروازو آئون پاڻ کولي رهيو آهيان ۽ ان سان گڏ هڪ اسٽوري مفت ۾ کلي ويندي، جيڪا پاڻ شارٽ هجي يا نہ پر ان جوشارٽ عنوان آهي: "باءِ پاس حيدرآباد." مان ان کي پريڪٽس ڪري سگهيو هجان يا نہ پر مون اهو سکيو ضرور آهي تہ اندر ۾ پلي ڪٿي لڏپلاڻ لڳي پئي هجي پر شاعر کي ماٺ هجڻ گهرجي. شاعر جي ماٺ سياستدان جي ماٺ ٽوروئي آهي! چپ کي sustain ڪرڻ يا "ماٺ پچائڻ" سان سوچ سراڻ تي چڙهندي آهي.

ٽيچر،مين سنڌي هون!“
هڪ اهڙي وقت جڏهن ”تعلق دار“ريئل اسٽيٽ پراپرٽيءَ وانگر سنڌ جو اڳهه پڇي رهيا هجن، ته صدمي مان ڪو ٿوري وقت لاءِ لاتعلقيءَ جي meditation ۾ وڃي سگهي ٿو. سو مون اهو تجربو ڪيو. قرعت العين حيدر لکيو هو ”زندگي اسان تي تجربا ڪري رهي آهي ۽ اسين ليبارٽريءَ جي ٽيبل تي پيل ڏيڏر ئي ته آهيون.“
چوڏهن سال ٿي ويا آهن. ڇا ايوڊيا ۾ پاڻ لاءِ ڪو ڏيئو ٻاريندو؟
ڏکيائي اها آهي ته بخشڻ جي شاعري درياهه جي ٻئي پار بيٺل شخص کي واپس سڏي رهي آهي ۽ هي پائيڊ پائيپر جي ميلوڊي اسان جهڙن ڪوئن کي مست ڪري پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ چاهي ٿي. اسين جيڪي درياهه برد ٿي وڃڻ جي ڏپ ۾ وررتل آهيون. ننڍڙي، پيرن هيٺان ڇڇي پوري ٿي ويندڙ ۽ گهٽيا existence اسان کي پاڻهن مان جهلي روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.
هي ”اسين“ ۽ ”اسين جيڪي“ بخشڻ جي پرسنلائيزڊ اسڪيم آهي. ڪو ٻيو اهي لفظ بخشڻ وانگر نه ته اچاري سگهي ٿو ۽ نه ئي لکي سگهي ٿو.“ اسين ... جيڪي رحم جي اپيل وانگر رجيڪٽ ٿي چڪا آهيون!“
جيئن ته هو ڇڏڻ وارو ڪونه هو، سو نيٺ هو ان جاءِ تي وٺي آيو آهي. اتي پهچي ڇا ٿا ڏسون ته سڀ ڪجهه ايئن جو ايئن آهي. حافظي جي ٽيڪسيلا ۾ فريزٽيل، پراڻي سولائيزيشن وانگر. اڙي بخشڻ! تنهنجي شاعري ڦيٿي جي پٺيان ڊوڙ ٿي ويل ورهين کي ايئن Re-construct ڪري ٿي جوماڻهوءَ جي پنهنجي دل ڦيٿي هيٺيان اچي وڃي ٿي.
اڄ ڪلهه ڪابه شيءِ ٻس انسٽال ڪرڻ ڪيڏو نه آسان آهي. دشوار تو يهي هي ڪ دشوار ڀي نهين! هڪ ته يادن جي تتلين ڪيس وٺي تنگ ڪيو، مٿان واپس ان رنگين چمن ڏانهن موٽڻ به سندس وس ۾ نه هجي، سو مرزا نوشا نيٺ مالڪ ڪان حافظو ڪسڻ جي درخواست ڪئي پر رحم جي اپيل جيان رجيڪٽ ٿيو: ”ياد ماضي عذاب هي يارو“ ۾ عذاب ان ڪري آهي جو ياد ماضي بي دعوتئي مهمان وانگر صفا اوچتو اچيو ڪڙو ڪڙڪائي. مٿان وري اهو عذاب ته جنهن شيءِ کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪر سا وسريو وڃي ۽ جنهن کي وسارڻ جا وس ڪر سا وريو وريو پٺي الر ڪندي. يادن جي ٽريفڪ تي ڪنهن جو ڪنٽرول ڪونهي.
مون سان هڪڙو مسئلو آهي، ۽ اهو مسئلو شايد گهڻن سان هجي. جنهن ماڻهوءَ سان هر موضوع تي اتفاق راءِ هجي، سو منهنجي پرسنلٽيءَ ۾ انسٽنٽ ڪافيءَ

وانگر پهرين مڪس ٿيندو ۽ پوءِ dilute ٿي ويندو. اهي سنڌي اديب مون کي معاف ڪن جن کي اهو پڙهي مايوسي ٿي آهي ته آخر مون dilute کي "الوپ" چو نہ لکيو. لڪلڪان بہ "اڏرڪامالاڏر"ڪرڻ جهڙوڊنلوآهي. سنڌيءَ ۾ ڪيل پنهنجي شاعريءَ ۾ موناردوسامان جي جام "اسمگلنگ"ڪئي آهي. انگريزي تہ هونئن ئي سيني سنڌين لاءِ مسئلو آهي، پر مون سان ان جو هڪڙو وکري ٽائپ جو مسئلو اهو آهي تہ مون کي لڳي ٿو تہ جتي کي انگريزيءَ جا لفظ فارسي يا هندي لفظن جي پيٽ ۾ سنڌيءَ کي وڌيڪ ويجها هجن، اتي آئون انگريزي خانو کولي ان جو سامان واپرائي ڇڏيندو آهيان. هونئن ٽيسٽ جي لحاظ کان آئون اهو ئي چوندس تہ جيڪڏهن ممڪن هجي تہ واپرائڻ انگريزي سامان ئي کپي.

پڙهيءَ تان لهي وياسين. ڪوشش ڪري واپس ٿا هلون:ٿي سگهي ٿو تہ آمريڪن جرنل آف سائيڪياٽريءَ ۾ ان جو ڪو خاص نالو هجي پر آئون انکي ڪيفيت سمجهان ٿو جو مالڪ جي مهربانيءَ سان مون کي اجا تائين ڪا ڏکئي نالي واري دبنگ بيماري ڊائگنوز ڪانہ ٿي آهي.

مون سان مسئلو اهو بہ آهي تہ جنهن ماڻهوءَ سان هر موضوع تي اتفاق راءِ هجي، سو منهنجي سيلف ۾ مڪس ٿيdilute ٿي ويندو آهي. اندر ۾ هڪڙي آرا مشين هلي رهي آهي. آڪاش انصاريءَ کان معذرت سان، اڏواڏ تہ ٿي ويا آهيون پر اڌورا ڪونہ آهيون. جيڪي معصوم ماڻهو ان جا اندرواندر شڪار ٿيا آهن، پنهنجو يار بخشڻ بہ انهن ۾آهي. شايد هاڻي هو اهو سمجهي سگهي تہ مون هن سان هاسيڪار جهيڙا ڇا لاءِ ٿي ڪيا. هن يار جي پرسنلٽي ڇا آهي؟ هن جي آتو بايوگرافي آهي "منهنجي پريت آ پنڇيءَ جهڙي، تنهنجي موٽ شڪاريءَ وانگي." ۽ جڏهن منهنجي ڏي نينا سنڌيءَ ۾ افسوس جو اظهار ڪندي آهي تہ چوندي آهي "آئون سوري آهيان!"

جن ماڻهن جا مون سان اختلاف يا جهيڙا ٿيا، يا جن سان مون باقاعدي ڪينو رکيو سي منهنجي يادن جي صنم خاني ۾ وڏن وي آءِ پي وهاڻن کي ٽيڪ ڏيو ڪانيون ہڏيو مچون وٽي رهيا آهن. هڪ پاسي اهي آهن، ٻئي پاسي حسن وارن جو ديرو آهي. وڏو قبضو لڳو پيو آهي. هي سچو مقبوضہ علائقو آهي.

مون سان هڪ مسئلو اهو بہ آهي تہ جنهن ماڻهو سان هٽ نہ ملايل هجي، سو جيڪڏهن ڪو وڏو ڳائڻو، وڏو ايڪٽر يا وڏو ليکڪ نہ هجي تہ يادگيريءَ تان آهستي آهستي ميسارجي ويندو آهي. انهن ۾ گهڻي ۾ گهڻو تعداد هردلعزيز سنڌي ڪامورن، وڏيرن ۽ صوبيدارن جو آهي. خوش نصيب آهن اهي جيڪي

مون جهڙي جيتامڙي بدران براڪوڊا جهڙن اجگر اديبن کي پنهنجي مائٽن مٿن کان به وڌيڪ ياد رهندا آهن. الله کين اجا وڌيڪ عزت ڏئي، سنڌي مائين کي ياد رکڻ جو ته سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. ان ۾ پنهنجو ڪوئي ڏوهه ڪونهي. پرڏيهي مايون ان ڪري ياد رهجيو وڃن جو اهي انسانن وانگر هٿ ملائي سگهن ٿيون.
مون سان هڪ بيو مسئلو وري اهو آهي ته ڪجهه ماڻهو وري پنهنجي لهجي جي ڪري منهنجي يادگيريءَ تي وڏي والار ڪيو ويٺا آهن. هي به قبضو آهي. "ڪيوپاءِ مظهرس ميمري!"
سنگت حسن جي شاعريءَ تي لکي پئي. مون کي ته هو پنهنجي لهجي جي بارش ۾ بيهاري هليوويو آهي. هن جوآوازماڻهوءَ کي پور لڳل انبن جي باغن مان ڪک پن وانگر اڏاري مياٽي بيلي ۾ وٺي ويندو هو. ۽ ماڻهو آواز جي ان سندربن ۾ گم ٿي ويندو هو. تنهن ڏينهن مون ابي (رسول بخش درس) کي پئي چيو ته هاڻي جڏهن سئوٽس اڪبر درس سان فون تي ڳالهائيندو آهيان ته هن جو آواز ڏور وانگر پاڻ ڏانهن ڇڪيندي ۽ پنهنجو پاڻ سان ويڙهيندي محسوس ٿيندو آهي.
۽ سنڌ جي هن ديوداس ياسر ڪاچيلي جو اٽڪي اٽڪي ڳالهائڻ..... اسپائرل ڏاڪڻ وانگر ڏيري ڏيري چڙهندڙهن جو نشي جهڙو لهجو! هو داروءَ جي دنيا جو فرمان روا استاد عزيز پلي..... ۽ هو شيخ اياز کان وڏو شاعر ارشاد ساگر ..... دور ڪٿي محمد رفيع ڳائي رهيو آهي: "او دور کي مسافر..... هم کو ڀي ساٿ لي لي ري..... هم ره گئي اڪيلي!"
"سب آوازين ميري هين!"پر آئون "ڪري نه سگهان ڳالهڙي!"
انهن سيني لهجن جي ماڪ قطرو قطرو ٿي بخشڻ جي شاعري جي ڪرن ڦل ۾ ڪري ٿي. Nostalgiaڏئي ٿي. گونگو ڪري ڇڏي ٿي.
اسٽاف رائيٽر (پيس، "ملازم ليڪڪ") طور هر سال 365 جي حساب سان پنجن سالن ۾ مون 1825 ايڊيٽوريل لکيا هوندا جيڪا سموري non-attributable پراپرٽي آهي. بس مڪينيڪل حساب سان لکبو هو. بلڪ آئون "فرمائيندو" ويندو هئس ۽ ڪمپيوٽر آپريٽر ٽائيپ ڪندو ويندو هو. پنهنجو آواز پنهنجو نه لڳندو هو. گهٽو پوءِ وڏيري (ياسر)چوڻ شروع ڪيو هو ته "آتي هين غيب سي ي مضامين خيال مين!" تن ڏينهن ۾ بخشڻ نظم لکيو هو "اسان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو آهي."ڪاپي ڊائون ٿيڻ ڪانپوءِ گنهور خان جتوئيءَ سان روزانو ٿيندڙ ڪچهريءَ ۾ چار پنج تڪڙا شاٽس هڻي اڌ رات کان پوءِ ويران انڌيري شهر مان گهر جو رستو ڳولڻ هاڻي مون کي بخشڻ جي نظم "هڪ ڊگهي ننڊ سمهڻ جي

ريهرسل"جي تمثيل لڳي ٿو. هم ني دلي ديکا، پونا ديکا، لهور اور پشور ديکا.....مون سنڌ جي صحافت ڏٺي ۽ سياست ڏٺي، جتي راءِ کي فيصلو سمجهيو ويندو آهي. اڳتي هلي مون ريسرچ جي ڏنڊي ۾ لفظن ۽ خيالن جي ماپ تور جو اعشاري نظام به ڏٺو جنهن ۾ فيصلا ڪيل هوندا هئا پر انهن تي هٿ نه رکي سگهبو هو. "تا رک نه سکي کوئي، ميري حرف پر انگشت!"

پر ڏکيائي اها آهي ته بخشڻ جي شاعريءَ تي راءِ ڏيڻ لاءِ ڪنهن تنقيد نگار يا ايڪسپرٽ وانگر مون کي ان پراسيس کان detach ٿيڻو پوندو جنهن ۾ اها نپني ۽ وڌي ٿي آهي. تنقيد نگار ۽ ايڪسپرٽ ته خير ڪجهه به ڪري سگهن ٿا. آئون ايڏو بهادر ڪٿي آهيان!

هم تو هميشه سمجهتي ٿي ڪوئي هم جيسا حاجي پي هوگا
ڪس ڪو پته ٿا پهلو مين رکا دل ايسا پاجي پي هوگا.

نئين زماني جي پڙهندڙ کي خبر ڪانه هوندي ته بخشڻ جي گهڻي ڀاڱي شاعري جنهن پراسيس جي پيداوار آهي سو هڪ شيئرڊ لرننگ پراسيس آهي. ان جو دائرو هونئن ته بخشڻ جي رولاڪيءَ جيترو ڦهليل هو، پر اسين پنج ڇهه ڄڻا ان جا خاص ۽ مستقل خريدار عرفparticipant هئاسين. (جي جدا ٿي ويا.... سي خدا ٿي ويا. هاڻي اسين ٿورڙا رهجي ويا آهيون!) اهو وررلي ٿيندو هو ته نئين لکيت سڀ کان پهرين اسان تائين نه پهچي، يا ٻاهران ڪو نئون آئيڊيا هٿ ۾ وارد ٿئي ۽ سڀ کان پهرين ان جي ترويج يا تبليغ ڪرڻ جو ٺيڪو اسان کان سواءِ ڪو ٻيو کڻي وڃي. اسان پلي ڪٿي ايڏي سٺي شاعري نه ڪري سگهيا هجون ۽ اسٽوري رائيٽر ته خير اسان مان ڪو ٿي ئي ڪونه سگهيو،پر اهو پراسيس ڏاڍو پرامزنگ هو. شايد ان دور جي شاعريءَ جي پيٽ ۾ اهو پراسيس ڪمال جو هو جيڪو آئيڊياز جي گرومنگ ڪندو هو. شايد شاعري ته رهجي وئي آهي پر اهو سانچو ٽٽي ويو آهي. ان پراسيس ۾ شريڪ رهي آئون بخشڻ مهراڻويءَ جي شاعريءَ جو وٽنيس آهيان.وٽنيس ٽو وار.... اينڊ وٽنيس ٽو سرينڊر!

اسان پاڳل هئاسين چو ته اسين سنڌي هئاسين. پنهنجي سموري سنجيده سيڙپ جي باوجود اسين پراسيس بيزار ماڻهو به هئاسين. بخشڻ جي ڪٿي به نه ڇپيل پر محاورن ۾ بدلجي ويل شاعري به جام آهي."بانسريءَ جي صدا جهڙي چوڪري...." "دروازا رڳو اندر ئي نه ٻاهر به وٺي وڃن ٿا،" "فيصلو ڪوڪي وانگر ٺوڪيو وڃي ٿو..." "شيطان ريٽائر ناهن ٿيندا.." سرڪل ۾ استعمال ٿيندڙ سيڪريٽ محاورن جو هڪ حصو ته اهڙو آهي جو جيڪڏهن اهو ڇپجي

تہ وڻ ہرن يا نہ، پر مروئن کي ماٺ ضروري لڳي ويندي. جڏهن ملازم ليکڪ مالڪ ايڊيٽر سان روزاني ملاقات تان موٽندو هو تہ حسين ڪپري چوندو هو "ڪهڙي مسئلي ڏسيندا اين، وي قاضيا!"هلائي تہ اسين دڪان رهيا هئاسين پر نک جي پڪائيءَ اها هئي تہ ادارو پيو هلي. "اداري" تي اڻ لکيل شيون اڻ لکيل ئي رهن تہ سٺو. ان گهن چڪر تي بخشڻ فرمايو هو:

سڀ ادارا عذاب خانا ٿيا

فرد جو درد ڪير ڇاٽي ٿو؟

فرد طور سوچڻ شرط اسين ادارن کان آزاد ٿي ويندا هئاسين. ادارا ڇا هئا؟ فيملي، ميريج، سوسائٽي، رياست، ڪارپوريٽ ادارا، ۽ ويندي دوستي بہ جنهن ۾ ماڻهوءَ کي ہيا نہ رڳو own ڪندا آهن پر وڏي خلوص سان ماڻهوءَ جا مالڪ بڻجي ويهي رهندا آهن. مشتاق يوسفي لکيو هو: "بچوُ، بڙي خلوص سي ڊنک مارتا هي!" سڀ ادارا ڪمزور جي استحصال ڪرڻ جو فورم هئا. گهڻو ڪري هرڪا مائٽي ۽ وابستگي فورسڊ هئي ۽ اهي ادارا فورسڊ مورلٽيءَ تحت هلي رهيا هئا.

اسين پنهنجي وقت جا سڀ کان ڏکيا سوال اٿاريندا هئاسين ۽ پنهنجي لک پڙهہ ۾ انهن جا جواب ڳولهڻ جي بہ ڪوشش ڪندا هئاسين. مثال طور اهڙا ڏکيا سوال بہ، تہ:

"سيزر جي قتل ٿيڻ وقت ڪليوپيٽرا ڪٿي هئي؟

صحيح جواب ہڌائيندڙ لاءِ روم جي ٽڪيٽ مفت!"

شايد هر ڪمپني لميٽيڊ هوندي آهي. بخشڻ، حسن ۽ آئون "جگر" هئا سين. آئون حسن کي چوندو هئس، پاڻ کي هن ڪمپنيءَ جو نالو "ليور برادرز" رکي ڇڏڻ گهرجي.

هي جبر جي اها سوسائٽي هئي جنهن لاءِ حسن درس لکيو هو تہ "وطن ۾ بي وطن معشوق عاشق جو ملڻ ڪهڙو؟" ان سوسائٽيءَ ۾ اندرواندر جيڪا ڦريلن ۽ ماريلن جي ہي سوسائٽي هئي، سا فنڪارن ۽ لکندڙن مٿان ڪا نہ ڪا ڊيلي ڊيماند رکندي هئي جنهن جي پورت کان سواءِ اڳتي وڌڻ ممڪن ڪونہ هوندو هو. اڄ جي سوسائٽيءَ جي ڊيلي ڊيماند کي وراڻي ڪير ڏئي ٿو؟ گهڻي وقت کان پوءِ اسين جڏهن ملنداهئاسين ۽ شاعري ہڌڻ جي فرمائش ٿيندي هئي تہ اها ڊيماند ورجائي ويندي هئي. شايد افضال احمد سيد ان کي بهتر نموني پيش ڪيو آهي:

مون کي هڪڙي ڪهاڻي ہڌاءِ

ان کان سواءِ، تہ ميوزيم مان امن معاهدي جي شاهدن واري ميز ڪيئن گم ٿي هئي
ان کان سواءِ، تہ دنيا جي هڪ ڪنڌ جو نالو غلط ورتو ويو ٿو
مون کي هڪڙي ڪهاڻي ٻڌاءِ
ان کان سواءِ، تہ چپ چمڻ توکي ڪونہ وڻندو آهي
ان کان سواءِ، تہ آئون تنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ماڻهو ڪونہ هئس
ان کان سواءِ، تہ ان ڏينهن بارش ڪونہ پئجي رهي هئي
حسين ڪپري جو قول آهي تہ روئيندڙ ٻار کي منٽ ۾ پرچائڻ جينيئس جي صلاحيت آهي جيڪا مائين کي مفت ۾ مليل آهي. بخشڻ جيڏو وڏو شاعر آهي، اوڏو ئي وڏو ڪرائوڊ پُلر ۽ مينيجر بہ آهي. اسٽيج تي آيل بخشڻ ماڻهن کي لفظن جي اشارن تي نچايوهوندو،ڪلايو هوندو ۽ روئاريو هوندو. مون ڪيس ڦٽل جلسا بچائيندي ڏٺو آهي. بجلي فيل ٿيڻ ۽ اسپيڪر بند ٿي وڃڻ جي باوجود ماڻهن کي پنڌ پهڻ ڪندي ڏٺو آهي.
اڄڪلهہ منهنجي سيراندي تي ڪتاب پيل آهن. هڪ بخشڻ جي التجا، ٻيو حسن جو رسالو ۽ ٽيون محمد حنيف جو Our Lady of Alice Bhatti تنهي ڪتابن جي پاڻ ۾ ڪا مائٽي آهي. لڳي ٿيئي ڪراس ريفرنس ڏيندڙ ڪتاب آهن. بخشڻ ۽ "نيفي" جا ڪتاب حسن کي ارپيل آهن. معلوم سببن جي پيش نظر مون لاءِ بخشڻ جو ڪتاب صفحي نمبر 13 کان شروع ٿئي ٿو ۽ حسن جو رسالو صفحي 47 کان شروع ٿئي ٿو. بخشڻ جو ڪتاب شروع ٿئي ٿو ۽ حسن جو ڪتاب ختم نٿو ٿئي.
لاهور جي هڪ درگاهہ گهمڻ دوران مون کان هڪ پرڏيهي مهمان پڇيو تہ ڇا اها درگاهہ اهل تشيع مسلڪ سان وابستہ آهي، چيومانس ها. چيائين ڇٽبو تہ ان مسلڪ ۾ راڳ ڳائڻ، ڌمالون ڪرڻ ۽ حيش واپرائڻ جي اجازت آهي. چيومانس تہ ايڏيون اجازتون ان مسلڪ ۾ هجن ها تہ قم جي صوفي درگاهن ڏانهن ايندڙ صوفين تي پاسداران انقلاب جو موچڙي جو زيپٽ ڪونہ هجي ها. چيائين آئون ڪنفيوزڊ آهيان، سادي نموني سمجهاءِ. چيومانس، هي ايران ناهي. هتي اهل تشيع ۽ صوفي ٻئي ٿورائيءَ ۾ آهن ۽ ٻنهيءَ خلاف باهہ ٻريل آهي، ان خاص صورتحال ۾ هھڙيون درگاهون انهن ٻنهيءَ جي گڏيل پناهہ گاهہ آهن.
خبر ڪانهي تہ اها ڪهاڻي اسان کي ڪڏهن ٻڌڻ لاءِ ملندي تہ سرڪاري دانشورن ۽ چادرون چاڙهيندڙ چيف منسٽرن سنڌ کي امن جي ڌرتي ۽ صوفين جي سرزمين سڏڻ ڇڏي ڏنو آهي. تصوف بہ سنڌ ۾ ڏاڍي رعايت ورتي آهي.

شايد مستقبل جي سنڌ جا ٻار انهن صوفين جو به احتساب ڪندا جيڪي مولويءَ جي پيٽ ۾ ڪجهه لبرل ۽ برداشت وارا ته هئا پر وٽن سنڌ لاءِ ڪو به روڊ ميپ ڪونه هو. سنڌ شنڪريءَ جو ناچ نچي رهي آهي. ان جي نذر گيت ڪير لکندو؟

ٿي سگهي ٿو ته ڪوئي ائين چوي ته ايڏي سٺي شاعريءَ کي التجا ڪرڻ بدران حڪم هلائڻ گهرجي. پر اها هن جي چوائس آهي. هو شروعات التجا ڪان ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ان ڳالهه جي پرواهه نٿو ڪري ته ريٽائرڊ ڪامريڊ پراڻن زائچن جي بنياد تي سندس لکيت کي هن جوبورجوا رومينٽسزم سڏي سگهن ٿا.

هن پنهنجي نثري نظمن "چور" ۽ "اعتراف" ۾ اسان تي ڪيڏا نه ظلم ڪيا آهن:

تون جڏهن هئينءَ
ته هڪ ستارو هئينءَ
هاڻي جڏهن ناهين
ته آسمان ٻڌجي وئي آهين.

اسين ٻئي چور آهيون،
اسان وٽ پير ته آهن، پر رستو ڪونهي.

ڪٿي ڪٿي هن جا شاندار نظم انهن ٻارن وانگر آهن جيڪي صفا ويجهو پهچي گهر جو رستو وڃائي ويهي رهن ٿا. خبر ڪانهي ته شاعريءَ جي دنيا ۾ اهڙا تجربا ڪيترا جائز آهن يا ڪا روايت به موجود آهي يا نه، پر مون کي محسوس ٿئي ٿو ته آئون انهن مان ڪجهه ٻارن کي آگر مان وٺي گهر پهچائڻ چاهيان ٿو. بلڪل ائين جيئن منهنجي دل چوي ٿي ته آئون وقت جي وراڪي ۾ واپس وڃي سهڻيءَ جو گهڙو آويءَ مان پچائي رکي ڇڏيان. پر اهو ڪم بخشڻ وٽ رائيٽس پروٽيڪٽيڊ آهي.

وڏيڪ ڇا تعريف ڪجي ههڙي سهڻي ۽ سيڪسي شاعريءَ جي!

# موهن جي دڙي مان نڪتل ماڻهو

مصطفيٰ ارباب

انسان هڪ اهڙي ڪتاب وانگر آهي، جيڪو مسلسل ڇُٽپ ڪان ٻاهر تعداد ۾ ڇپجي رهيو آهي، جنهن جو هر نئون ايڊيشن نئون هوندي به نئون نہ ٿو هجي. جڏهن اهو ثابت ٿيو تہ سڀ ماڻهو هڪ جهڙا آهن تہ پوءِ اسين پاڻ کي ڏسڻ لاءِ آرسيءَ جو سهارو ڇو وٺندا آهيون، انهيءَ جو ڪارڻ اهو آهي تہ آرسي اسان کي چٽي طرح ٻُڌائي ٿي تہ اسين ڪيتري قدر هڪ جهڙائي رکون ٿا ۽ ساڳئي وقت هڪ ٻئي کان ڪيترا مختلف آهيون ۽ آرسي اسان کي اهو پڻ ٻُڌائي ٿي تہ اسان منجهان ڪير هابيل آهي ۽ ڪير قابيل آهي، يعني تہ آرسي بہ آڪسيجن وانگر اهميت رکي ٿي، پر ڪڏهن ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي تہ ڪجھ ماڻهو آرسيءَ کي آرسي نہ ٿا سمجهن ۽ ناموجود کي موجود ڪري ڏسن ٿا ۽ شين کي رڳو شين وانگر نہ ٿا ڏسن، بلڪ اهو سوچيندا رهن ٿا تہ شيون اسان بابت ڪهڙا ويچار رکن ٿيون، اهي ڪهڙي مهل ڪهڙين ڪيفيتن مان گذرن ٿيون، جڏهن ڪيفيت بہ پنهنجي پاڻ منجهان ٻاهر نڪري ٿي ۽ ماڻهو هڪڙو ماڻهو نہ ٿو رهي ۽ عام سطح کان مٿيرو ٿي، احساس جي اڻ ڏٺل سطحن تي پهچي وڃي ٿو تہ اهو يا تہ چريو بڻجي وڃي ٿو يا شاعر ٿهي پوي ٿو.

چريائپ ۾ شاعري، جي وچ تي تمام ٿورو فرق آهي ۽ شاعري تائين پهچڻ لاءِ صدين جو سفر لمحن ۾ طئي ڪري چريائپ جي حد ڪي لتاڙي شاعري جي حدن منجهه پهچبو آهي. بخشڻ چريائپ جي ڪيفيتن کي بيپرواهيءَ سان پوئتي ڇڏي اڳتي نڪري آيو. آرسيءَ کي ڏسندي ڏسندي آرسيءَ منجهه داخل ٿي ويو، جتي سڀ ڪجهه تمام مختلف آهي، ايترو مختلف جو جڏهن ڪو ٻيو فرد آرسيءَ منجهه رهندڙ بخشڻ کي ٻاهر وٺي ٿو اچي تہ هُو هر شيءِ کي اوپرائپ سان ڏسڻ لڳندو آهي ۽ بخشڻ سان تعلق رکندڙ هر ماڻهو آسانيءَ سان اهو چئي سگهندو آهي تہ "ها! هي موهن جي دڙي مان نڪتل قديم عهد جو اُهو جديد ماڻهو آهي، جيڪو اجا تائين شين کي، ماڻهن کي ۽ پنهنجي پاڻ کي حيرت وچان ڏسي رهيو آهي."

انهي ڳالهہ سان ڪجهه ماڻهو اختلاف بہ ڪري سگهن ٿا تہ هر ماڻهو يا هر شاعر ايئن نہ هوندو آهي. اختلاف جي انهي حق کي ميڄڻ گهرجي، جو تہ والٽيئر گهڻو اڳ ڪين اهو حق ڏئي ڇڏيو آهي، پر ڇا ڪجي، جو ڪجهه ماڻهو اختلاف جي حق کي "حق مهر" سمجهي فتويٰ ڏيندا رهن ٿا. آئون انهن وڏن ماڻهن سان مخاطب ڪو نہ آهيان، جيڪي ميڪانيڪي ڳالهيون ڪندا آهن. ڇو جو آئون تمام ننڍو ماڻهو آهيان ۽ پاڻ جهڙن سان ڳالهائڻ چاهيان ٿو جن جا خواب ۽ خواهشون محدود هونديون آهن تہ ڏک بہ ساڳيا هوندا آهن. اُهي ڏک جيڪي ڪتاب ڏيندا آهن يا پهرين ڪان اندر ۾ ڪٺي دبيل هوندا آهن ۽ ڪنهن خاص وقت تي ٻاهر نڪري هڪ خاص شڪل ۾ هميشہ لاءِ پنهنجي پاڻ کي محسوس ڪرائيندي هڪڙو شعور ڏين ٿا ۽ اُهو شعور انسان کي آسمان وانگر اڪيلو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ بخشڻ انهيءَ اڪيلاپ جو، پاڻ جهڙن ٻين جي پيٽ ۾ پراڻو قيدي لڳندو آهي ۽ سندس وجود ۾ سندس وجود ۾ مختلف رنگن جا شيڊ ايئن گڏيا پيا آهن جو يقيني انداز ۾ ڪجهه بہ نہ ٿو چئي سگهجي. ڪنهن ڪنهن مهل سندس اکين مان ايئن بہ لڳندو آهي تہ هي تمام جلد ۽ تمام گهڻو روئندڙ ماڻهو آهي، پر سندس ڳالهين ۽ بيان جي قوت جنهن طريقي سان سامهين ماڻهو کي چيڪيءَ مٽيءَ وانگر ناهڻ ۽ ڊاهڻ لڳندي آهي تہ ايئن لڳندو آهي تہ هي ڪڏهن بہ نہ روئندڙ ۽ جادوئي شخصيت جو مالڪ هڪ سگهارو ماڻهو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري ايئن بہ لڳندو آهي تہ هي ڪير آهي؟ بخشڻ الائي جي ڪيڏانهن ويو؟ شايد ان مهل هُو موجود جي سرحدن کي لتاڙي عدم جي جزيرن ۾ پنهنجي پاڻ کي نامعلوم جي ڳولا ۾ ٽڪائيندو رهي ٿو. جيڪڏهن ايئن نہ آهي تہ پوءِ ٽهڪڙن جي ڇانوي ۾ چمڪندڙ ڳالهين جي رنگن

منجهه هوندي به خشڪ موسم جي باوجود تمام غور سان ڏسڻ تي چو لڳندو آهي ته بخشڻ جي اکين منجهه هڪ خاص قسم جي آلاڻ وڌندي ۽ گهٽجندي رهي ٿي. جنهن جي سطح فطري آلاڻ جي سطح کان مختلف هوندي آهي. شايد هو هڪ آسان شخصيت جي باوجود هڪ مشڪل ۽ اُلجهيل ماڻهو آهي، جنهن کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته سُٺ جو اُهو چيڙو ڳولڻ جو طريقو اوهان کي ايندو هجي.

ڪڏهن ڪڏهن بخشڻ جي سامهون ويٺل ماڻهو ايئن سمجهندو آهي ته هو مون تي مڪمل طرح ظاهر ٿي پيو آهي، پر اها سندس خوش فهمي هوندي آهي، بخشڻ جو اهو هڪ ڪمال آهي ته سندس هر ملندڙ کي ايئن محسوس ٿيندو آهي، پر درحقيقت الائجي ڪيترو حصو پنهنجو بچائي رکيو اٿس، جنهن جي ڪا به خبر نٿي پئجي سگهي.

شاعريءَ منجهه رهندڙ بخشڻ ۽ شاعريءَ کان ٻاهر رهندڙ بخشڻ هڪ سڪي جا ٻه پاسا آهن، پر اسين ناس ڪرڻ مهل پريشان نٿا ٿيون، چو ته اسان کي خبر هوندي آهي ته سڪي جو ڪهڙو به پاسو اچي، اسان جي ملاقات ساڳئي بخشڻ سان ٿيندي، جنهن جي ڪيفيتن ۾ اصلي ۽ فطري رنگ موجود هوندا آهن.

آئون ايئن ڪو نه چوندس ۽ پنهنجي آسي پاسي ۾ رهندڙ پاڻ جهڙن ئي ماڻهن لاءِ لکي ٿو جيڪي ساڳئي ڌرتيءَ تي رهندا آهن، انهنجي ڪري سندس شاعري جون پاڙون ڌرتيءَ منجهه کتل آهن، انهي ڪري سندس شاعري "عظيم بُلندين" تي پهچي خلا ۾ بي معنيٰ ٿيڻ کان بچيل آهي. آئون ايئن به ڪو نه چوندس ته بخشڻ جي شاعري زندگي جي اذيتن کي ڏنل ڏک ۽ پيڙا جي شعور کان انڪاري ٿيڻ آهي. ها، بخشڻ جي شاعري خاص طور تي سندس نظم زندگي جي عذابن کي ختم ڪرڻ بدران گهٽ ضرور ڪري ڇڏيندا آهن.

ڏک ڪي ئي قسمن جا هوندا آهن، پر هڪڙو جيڪو زندهه رهڻ جو ڏک آهي، اهو ٻن لڪيرن جي اندر زگ زيگ وانگر هلندو ٿو رهي، جڏهن متين لڪير مان ٻاهر ٿو ٽپي ته وات مان دانهن ٿي نڪري پوي، اها دانهن، اهو ڏک، جيڪو زندگي جو لازمي حصو ۽ مسلسل آهي. بخشڻ جا نظم پاڻ وٽ سنڀالي ويٺا آهن ۽ ڪين پڙهندي اسين به بخشڻ جا نظم ٻڌجي ويندا آهيون، اهڙا نظم جن سان بخشڻ کي تمام گهڻو پيار آهي.

نثري نظم لکڻ هڪ آسان عمل آهي ۽ سٺو نثري نظم لکڻ هڪ تمام مشڪل عمل آهي ۽ بخشڻ جي نثري نظمن کي پڙهندي لڳندو آهي ته بخشڻ هڪ تمام مشڪل عمل مان گذرندي نظم لکيا اهن. سندس ڪي نظم هڪ سهڻيءَ اداس

وينگس وانگر لڳندا آهن ۽ دل هرو ڀرو چاهيندي آهي تہ ڪين ٻڪ وجهي اکيون بند ڪري لاڳيتو چميون ڏيڻ گهرجن، ايستائين جو اها اداس وينگس ٺهڪ ڏيڻ لڳي، پر ايئن ان ڪري نٿو ٿئي، جو چالاڪ بخشڻ وانگر سندس چالاڪ نظر بہ اهو سمجهن ٿا تہ ٺهڪ ڏنوسين تہ اسان جي وجود جي سچائپ ڪوئجي ويندي.

خوشيءَ جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ بخشڻ جو ذاتي ۽ تخليقي ڏک ايترو ذاتي بہ ڪونهي، جيترو ڪنهن غير تخليقي ماڻهو جو ٿي سگهي ٿو. ڪيس اهو حوصلو ڏيندو هوندو تہ سندس جهڙا ٻيا بہ ڪي ماڻهو چاهي اڱرين تي ڳڻڻ جيترا هجن موجود آهن ۽ اهي پڻ ساڳي پيڙائن مان گذرن ٿا ۽ گذرندا رهندا، پر سندن وجود خيال ۽ خواب جي وچ ۾ هجڻ ڪري محسوس ٿيڻ جي باوجود محسوس نہ پيو ٿئي، جيئن خود بخشڻ جو وجود بہ شاعريءَ جو هڪ اهڙو خواب آهي، جنهن مان شاعري ڦٽي، پنهنجي پاڻ کي لڪرائي ٿي. شل اهو عمل انت نہ رکي ۽ بخشڻ ڪڏهن بہ خوشيون نہ ماڻي سگهي، اها منهنجي اهڙي خواهش آهي جيڪا بددعا جي ويجهو آهي، پر اها حقيقت آهي تہ ڪو بہ باشعور ۽ فهم رکندڙ ماڻهو ڪڏهن بہ خوش ڏسجڻ جي باوجود حقيقي خوشيءَ کان پري هوندو آهي ۽ جيڪو مڪمل طور تي خوش آهي، اهو منهنجي خيال مطابق باشعور ڪونهي. اسان کي بخشڻ جو شعور گهرجي يا خوشي؟ انهي جو فيصلو آئون انهن تي ڇڏيان ٿو، جيڪي سدائين بخشڻ کي خوش رهڻ جون دعائون ڏيندا آهن.

# درياهہ ڪناري بيٺل شخص

## بخشڻ مهراڻوي لاءِ

## چند مختصر احساس

### لياقت رضوي

منهنجي جاگرافيءَ ۾ ڄاڻ بلڪل ڪمزور آهي، پوءِ بہ سمجهان ٿو تہ درياهہ سانگهڙ مان ڪو نہ گذرندو آهي، جنهن جي ڪناري تي بيٺل شخص، بخشڻ کي ڪري پيش ڪيان ٿو. اصل ۾ مٿيون عنوان، بخشڻ جي ٿي هڪ نثري نظم جو عنوان آهي، جنهن کي مون، بغير سوچڻ جي، بخشڻ جي باري ۾ پنهنجي احساسن لاءِ عنوان طور ڪم آندو آهي.

سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ منهنجي ۽ بخشڻ جي دوستيءَ جي وچ ۾، شاعريءَ جو تہ واجبي ڪردار آهي، اصل بنياد سندس مرڪنڌڙ شخصيت آهي. توڻي اسين اڃا ايترا پوڙها ڪو نہ ٿيا آهيون، جو اسان جي بہ ڪائي شخصيت هجي. ليڪن اسين جيڪو ڪجهہ بہ آهيون، ان کي "شخصيت" چوڻ کان سواءِ، مون وٽ ٻيو ڪو رستو ڪونهي. دل چوي ٿي، تہ من موهڻي بخشڻ تي لکڻ لاءِ ماضيءَ ڏي موٽي وڃان. جڏهن حيدرآباد جون هوائون، اسان جي پاڪرن ۽ ٿڪن ۾ شاعري ٿي پونديون هيون. جڏهن ٿڌي ڇام جون موسمون، اسان جا ڪنارا دريافت ڪري اهڙيون نظمون ٿي ويندون هيون، جن کي فقط نوخيز دليون گنگنائي سگهنديون آهن.

جڏهن اسين شاعريءَ ۽ ڇوڪرين تي هڪ جيترو ڳالهائي سگهندا هئاسين، جڏهن سنڌي ادبي سنگت اسان لاءِ دلچسپ ۽ اڻکٽ جستجوءَ وانگر هئي، جڏهن شيخ اياز ايئن وڻندو هو، جڻ هو ڪائي خوبصورت ڇوڪري هئو، جڏهن بخشڻ جي ڇپن تي مڪيش جا ڳايل نغما، اڇهيل گلن وانگر ڦٽي، اسان جي اداسيءَ کي وڌيڪ گهرو ڪري ڇڏيندا هئا. جڏهن اسين هڪ ٻئي جي نگاهن ۾، پهاڙي ندين وانگر وهندا هئاسين ۽ ان ڳالهه کان بي خبر هوندا هئاسين.

۽ جڏهن خاموشي، اسان جو تعارف، ديوارن، درن، وڻن، گلن، آسمان ۽ زمين سان انوکي انداز ۾ ڪرائيندي هئي، پر مان ايئن نٿو ڪري سگهان. جو ماضي ڏي موٽڻ لاءِ مون وٽ ڪوئي دلڪش رستو ڪونهي، البت اڄ ٻ بخشڻ کي مان سندس نثري نظمن جي آئيني مان، ايئن ڏسي سگهان ٿو، جيئن ڪنهن لازوال پينٽنگ کي ڏسبو آهي.

شاعري پنهنجو پاڻ سان طويل حسناڪُ، بيرحم ۽ لذيذ ڊائلاگ آهي، جيڪو ڪٿان ٻ شروع ٿي سگهندو آهي، پر هميشہ هڪ حيرت تي ختم ٿيندو آهي، پيهر شروع ٿيڻ جي لاءِ بخشڻ جي غزلن، واين، نظمن ۽ ٻئي پابند شاعريءَ ۾ جيتري پختگي، نواڻ ۽ تخليقيت آهي، اوتري ئي سندس نثري نظمن ۾ ٻ آهي، جيڪا ڳالهه سنڌي شاعريءَ ۾ گهٽ نظر اچي ٿي. وڏن ۽ تمام وڏن شاعرن کان وٺي سيڪڙاٽ قسم جي شاعرن تائين، سندن شاعريءَ ۾ اهڙيون ”پابند“ تخليقون تہ ڪوڙ ملي سگهن ٿيون، جيڪي واقعي فن سان گڏ دل کي ٻ ڇهندڙ هجن ٿيون، پر نثري نظمن جي سلسلي ۾ ڪي چند نوجوان شاعر ئي آهن، جيڪي نثري نظم سان ايئن نڀائي سگهن ٿا، جيئن عشق سان نڀائبو آهي. بخشڻ ٻ انهن مان هڪ آهي.

سندس چند نثري نظمن جون ڪجهہ سٽون، مان هتي ڏيڻ چاهيان ٿو.

(جو تہ سڄيون نثري نظمون ڏيڻ، اوهان سان، وقت سان ۽ بخشڻ سان غير دلچسپ زيادتي ٿيندي، اهڙي صورتحال ۾ جڏهن تہ اهي اڳ ئي ڇپيل آهن- ڪاش! هن وقت مون وٽ بخش جون ڪي اڻ ڇپيل نثري نظمون هجن ها.)

تو وٽ تہ جوانيءَ جو تخت گاهہ آهي- (نثري نظم ”محض فيشن طور...“)

تو ن

ڳولا جي آخري هڏڪي آهين... (نثري نظم ”تون“)

هزار ڪرشمن جي باوجود

تون ڪنهن ٻ طرح

زخمن جي رهجي ويل نشانن جيان
منهنجي وجود ۾ رهجي وئي آهين. (نثري نظم ”درياهه ڪناري بيٺل شخص“)

هوءَ
رانگ نمبر جهڙي ڇوڪري! (نثري نظم ”طوطا چشم“)

شيطان
گنجا ٿي ويندا آهن
پوءِ به
شيطان ئي هوندا آهن. (نثري نظم ”شيطان“)

پريشاني
شاور هيٺ وهنجڻ سان نٿي لهي سگهي... (نثري نظم ”پردي جي ڪرڻ جا انتظار“)

ايئن ڪونهي ته سندس نثري نظمن ۾ فقط مٿيون سٽون ئي سٺيون آهن، درحقيقت پوريون نظمون سٺيون آهن، پر طوالت ڪان بچڻ لاءِ، مون هتي ڪجهه سٽن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اهي به فقط اهڙين نثري نظمن جون، جيڪي مون کي ملي سگهيون آهن. سندس هڪ بنا عنوان نظم به ٿاهوڪو آهي، جيڪو مان پڙهي سگهيو آهيان ۽ هن وقت منهنجي آڏو آهي. ان جون چند سٽون به پڙهي ڏسو:

انتُ ناهي چاهه جو ۽ پيار جو
سمنڊ ڪيڏو آ ڏکو سنسار جو
ڪائي آٿت ڪو سهارو ڪو نه آ
ڪو به ساحل، ڪو ڪنارو ڪو نه آ.

ايئن بغير ڪناري جي درياهه جي ڪناري تي بيٺل شخصُ، بخشڻ مهراڻوي، نه رڳو شاعر آهي، بلڪ اداڪار، صداڪار، ڪمپيئر ۽ خاص ڳالهه ته منهنجي مذاقن تي چڙي پوندڙ پيارو دوست به آهي ۽ ها، جنهن درياهه کي ڪوئي ڪنارو نه هجي ٿو، ان جو ڪنارو، شاعر جي دل هوندي آهي.
بخشڻ جي مُڇن ۽ ڇپن جي اختلاف کي هميشه سندس مرڪ Cover ڪري وٺندي آهي. مون کي هن جي ڪمپيئرنگ وڻندي آهي، پنهنجي آواز ۾ ايڏي تازگي، چترڪاري ۽ ڦهلاءُ، خبر ناهي هن ڪٿان آندا آهن.

بيشڪ اسان جي ٻولي، هڪ شاهوڪار ٻولي آهي ۽ ان ۾ بي حساب ماڻهو شاعري ڪندڙ آهن، پر شاعر فقط چند آهن، بخشڻ، انهن چند شاعرن مان هڪ آهي، توڙي سندس شعرن جو ڪوئي مجموعو ڇپيل ڪونهي، مون لاءِ ان سان ڪو فرق ڪو نہ ٿو پوي.

هو خود ڪوئي انوکي شاعريءَ جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ٿورڙيون پروف جون غلطيون آهن.

پر مون کي ان ڳالهہ جي خوشي آهي، تہ جيڪڏهن هن ۾ هڪ هزار هڪ غلطيون بہ هجن ها، تہ بہ هو منهنجو دوست هجي ها، ان ڪري منهنجي مٿي بيان ڪيل مختصر احساسن سان هر ڪنهن کي اختلاف جو حق آهي.

## بخشڻ مهراڻوي

### غزل

تنهنجون يادون ۽ هي اڪيلايون،
زرد شامون ۽ هي اڪيلايون.

بند ڪمرو ۽ تنهنجي فوٽوءَ سان،
تنهنجون ڳالهيون ۽ هي اڪيلايون.

چنڊَ، تارا، ڪَتيون نہ ڪي چارا،
سُڃ راتيون ۽ هي اڪيلايون.

دوست ٿياسين اسان نٿي آخر،
سمنڊُ، آئون! ۽ هي اڪيلايون.

درد ڳوڙها ۽ رڳني ماتم،
رت ڇاتيون ۽ هي اڪيلايون.

ماٺ مٽي ۽ چئوطرف قبرون،
سرد آهون ۽ هي اڪيلايون.

# جنھن جي نَيا ڏُور وجي ٿي

مير حسن آريسر

تاريخ جا سمورا تماشا اهي ئي اکيون ڏسي سگھنديون آهن، جن جي حصي ۾ ننڊ بدران نظر ايندا آهن.

اسان جي ڪجھ شاعرن جون نظمون ننڊ ڦٽائڻ بدران سندن بستري تي سمجھي خواب ڏسڻ چاهين ٿيون، پر بخشڻ مهراڻوي جا خواب ڪنهن اڪيلي رات جي راهيءَ جيان پنهنجو دڳ پاڻ ئي پلجي ويا آهن ۽ ننڊ سندس اکين جا رستا وڃائي چڪي آهي. هن جون اکيون جاڳ ۽ ويراڳ جون هيراڪ بڻجي ويون آهن. تڏهن ئي تہ هو تاريخ جا سمورا تماشا ڏسي سگھي ٿو:

هن صديءَ جو مدد خان
ڪو طوفان بڻجي اٿيو آهي
۽ سندس عهد جا گھوڙا
بي لغام ٿي ويا آهن.

مدد خان جي گھوڙن جو طوفان جڏهن بي حسيءَ جي ننڊ ستل ماڻهن جون اکيون نٿيون ڏسن، تڏهن بخشڻ جو آواز صدين جي صدا بہ بڻجي ٿو ۽ سوال بہ:

جن ڪالهہ مدد جي مستيءَ سان
ڌرتيءَ جو سينو چيپاٽيو
سي اڄ بہ ساڳيا گهوڙا هن
ڇا تنهنجا ڪن بہ ٻوڙا هن؟
ڇا ڪالهہ هئي سا اڄ نہ آ؟
ڇا توکي ڪائي لڄ نہ آ؟

نہ رڳو ايترو، پر هو ماڻهن تان ننڊ جا ڪمبل لاهي، ڪين اٿاري، بيهاري سندس نازڪ ۽ ننڍڙين آڱرين وارا خوبصورت هٿ سندن ڪلهن تي رکي ڪين ڌونڌاڙيندي چوي ٿو: جاڳو! اسان جي وجود هيٺيان رکيل ٽائيم-بم جي ٽِڪ ٽِڪ پنهنجي آخري نڪتي تي پهچڻ واري آهي. پر اهي ماڻهو جيڪي ڪنهن ڏکي ننڊ سمهڻ جي ريهرسل ڪري رهيا آهن، بخشڻ جي من مان ڪنهن گهاءُ جيئن پچري اٿيل ان صدا کي ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري، بي حسيءَ جا ڪمبل تاڻي ٿا ڇڏن ۽ بخشڻ محسوس ٿو ڪري تہ، هن ديس جا سمورا حواس هيٺا ٿي پيا آهن ۽ ديسي ماڻهن بي حسيءَ جي ذلتن سان ناهہ ڪري ڇڏيو آهي، جن جي ٽيسٽ شاعري ڪان موسيقي، ادب، صحافت ۽ سياست تائين مري چڪي آهي.
جن وٽ لفظن جو غلط استعمال رواجي ڳالهہ بڻجي ويو آهي، جيڪي هر جاهل ۽ بدديانت ماڻهوءَ کي معتبر ۽ هر عالم ۽ ايماندار ماڻهو کي نيچ سمجهن ٿا. سندن ڪنن ۾ غلاميءَ جو شيهو ٻوڙاڻ بڻجي لٿو آهي. سندن اکين تي انڌي خودفريبيءَ جا چشما چڙهيل آهن ۽ سندن دلين تي پانهپ جي ڪاري رات لٿل آهي، تڏهن هو شديد بي وسيءَ جو زهر پيئندي اعلان ٿو ڪري:

اسان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو آهي
ڇاڪاڻ تہ اسان جي جسم جو هر انگ
درد جو ڪو اشتهار بڻجي چڪو آهي
۽ اسين رحم جي اپيل جيان
رجيڪٽ ٿي چڪا آهيون.

بخشڻ جي اها بي وسي، بي معنيٰ ڪونهي. جيتوڻيڪ بي وسي جي شدت مايوسيون چٽيندي آهي، پر مايوسين تان بہ هاڻي ڪفر جي فتوا لهڻ ڪپي. ڪير آهي جنهن ڪڏهن بہ شديد بيوسيءَ جو زهر ناهي پيتو؟ ۽ ڪير آهي جيڪو ڪڏهن بہ مايوس ناهي ٿيو؟
هونئن بہ ماڻهو جي سمورين داخلي ڪيفيتن جيان مايوسيءَ کي بہ پنهنجو سمنڊ ۽ ساحل آهي، پنهنجو روپ ۽ رنگ آهي.

اهو رنگ پيلو تہ ٿي سگهي ٿو پر اڻ وڻندڙ بہ هجي ايئن هرگز ڪونهي. مظهر لغاري سميت احساسن جي دنيا جي ڪيترن ئي شهزادن کي اهو رنگ وڻي ٿو. نابين ماڻهن جي شهر ۾ آئينن جو ڪاروبار ڪندڙ چريا هجن تہ هجن، پر بي حس نٿا ٿي سگهن ۽ احساسن جا پوپٽ پيلي گل جي بہ سنگ سنگ هوندا آهن. بخشڻ مايوسيءَ جي سير ۾ بہ تري ٿو، پنهنجي روح کان سوال ڪري ٿو ۽ تلاش ڪري ٿو "جواب" جو ڪنارو:

چا اسان جو ازل سمنڊ
۽ اسان جو ابد مٽي آهي؟

جيڪڏهن بخشڻ جي انهيءَ سوال جو جواب ها ۾ آهي تہ پوءِ "اوشو" نيڪ ٿو چوي: پاڻي جو پاڻي رهڻ سپاويڪ ڪونهي، پاڻي کي يا تہ 100 ڊگرين کان مٿي گرم ڪيو تہ هو ٻاڦ بڻجي وڃي يا (0) ڊگري کان هيٺ ٿڌو ڪريو تہ برف بڻجي وڃي. اسان جيڪي ممڪن آهي 99 ڊگرين تائين گرم ٿيندا هجون، پر ٻاڦ ٿيڻ لاءِ 100 ڊگرين جي گرمائش کپي، تنهن ڪري بہ اسان مان هر ڪنهن جي من ۾ بي چين سمنڊ لڇي ٿو، جيڪو اسان سميت سمورن جاندارن جو ازل آهي. "آگ ڪا دريا" ۾ "عيني" جي تصور جا ڀڪشو (0) ڊگري کان بہ هيٺاهين ٿڌ حاصل ڪرڻ لاءِ شانتي جي تلاش ڪن ٿا، پر انهن مان بہ ڪيترا برف ٿي سگهيا؟ گرو چوي ٿو: ڀڪشو شانت نٿا ٿين، پر عارضي طور اتان هليا ٿا وڃن، جتي اشانتي رهي ٿي.

ان اشانتي جو ئي ڪمال آهي، جو سانگهڙ جي حُر جماعت جو ماڻهو محمد بخش مهر مان بخشڻ مهراڻوي بڻجي، پنهنجي پلڪن جي تاجي تي اهي گيت ٿو اُڻي، جيڪي يا تہ ڄامشوري جي ٿڌين هوائن ۾ پسار ڪندڙ گلابي چوڪرين جي ڊائرين ۾ رڪيل آهن يا وري بند وارڊ ڪيل ڪنهن آزادي پسند قيديءَ جي ڪسي ۾.

بخشڻ جنهن جي ڇاتيءَ ۾ دل بدران مکڻ جو چاڙو رڪيل هوندو هو، (ٻن سالن کان وڃائجي ويو آهي) شايد اجا بہ ايئن هجي، انهن ٻن سالن جي عرصي دوران هن جي سار جون آڱريون جڏهن بہ روح جي هارمونيم تي رقصان ٿينديون آهن، تڏهن سندس ئي سٽون منهنجو آلاپ بڻجي پونديون آهن:

وقت، واٽن تي اڏايل ڏوڙ ۾ مدتون گذري ويون،
دوستن کان دوستيون وسري ويون.

شل منهنجو اهو گمان غلط هجي، ڪنهن کان وسري وڃڻ جو احساس بہ اذيتناڪ آهي، پر ان کان بہ وڌيڪ اذيتناڪ ڪنهن کي سارڻ آهي. ساروڻين جي

پرندن پنيان اڏري به ڪيترو اڏرجي؟
اها 1988ع جي سرءُ جي ڪا شام هئي، آئون نهايت ئي سباجهي شخص نصير مرزا جي ريڊيو حيدرآباد واري آفيس ۾ چانهه پي رهيو هوس ته اوچتو هڪ مرڪندڙ نوجوان اندر ٽيو. سندس هٿ ۾ به مختصر پنا هئا، جن تي ان نوجوان جا منتشر خيال غزلن جي تڪميل تلاش ڪري رهيا هئا. ساڻس نصير منهنجو تعارف ڪرايو ته هو پنهنجو پاڻ تعارف ڪرائيندي چوڻ لڳو: آئون الفقراء اخبار جي باني مرحوم فقير محمد رحيم مهر جو پٽ آهيان. منهنجو نالو بخشڻ مهراڻوي آهي.
مون ساڻس پيهر تعظيم سان هٿ ملايو، چو ته فقير محمد رحيم مهر جي صحافتي جرئت مون لاءِ قابل تعظيم رهي آهي. تنهن کان پوءِ ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد کان ميرپور خاص ۾ مظهر جي ڪورٽ تائين ڪيترائي ڏينهن ٽهڪ ڏيندي ۽ سانگهڙ کان ڍوري ناري تائين ڪيتريون ئي راتيون خاموشي سان تارا تڪيندي گڏ گذريون. انهن ئي ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن دوستن جي ست ۾ بخشڻ جي ڪوٺ اسان سيني ڪي اباڻڪو ڪري وجهندي هئي. اهو احساس ڪيس به هو، هن کي خبر پوندي هئي ته اڄ سڄي سنگت ڍوري ناري ۾ آهي ته هو آڏيءَ جو به اچي اتان نڪرندو هو ۽ ڍري ناري جي ريلوي اسٽيشن جنهن کي هو "اجازت" فلم جي سين سڏيندو آهي، تي رات جي سناٽي ۾ دوستن وچان ويهي جڏهن "دل جي ويران رڻ تي ڪڪر بانورا" يا "جسم پورو لباس ڪاري ۾..." جهونگاريندو هو، تڏهن جڻ ته سمورن يارن جي احساسن کي آلاپن جو اظهار ملي ويندو هو ۽ درد جا موتي هر ڪنهن جي نيڻن مان لڙڪ لڙڪ ٿي چٽي پوندا هئا.

گهٽ ۾ گهٽ آئون وسارڻ نٿو چاهيان
اهي سمورا چنڊ ۽ چونڊوڪيون
جن جي اڪين جي البم ۾
انهن راتين جون سموريون ڪٽائون
اجا زندهه آهن.

بخشڻ جو مکڻ جي چاٽي جهڙو من چنچل نگاهن جي اُس تي ڪيئن پگهرجندو هو؟
اها هڪ الڳ ۽ ڏکي ڪٿا آهي، پر ان ڪٿا کي سميٽيندي چئي سگهجي ٿو هو نينگرين جي احساسن کي نه رڳو محسوس ڪندو هو، پر امير خسروءَ جي گيتن جهڙا اهي احساس، سرور بڻجي هن جي اکين ۽ آواز ۾ لهي ايندا هئا.

# ۽ منهنجي ٿهيءَ
# جي کهلن تان
# بيجا بارهتڻ گهرجي.

## مصطفيٰ نانگراج

۽ منهنجي ٿهيءَ ڏاهپ جي عشق ۽ سخنوريءَ جي چاهت ۾، پنهنجا نازڪ ۽ گونچن جهڙا خوشنما ڪلها انهن کي آڇيا، جن جي اڪثريت جي فقري بازيءَ جي سنگباري اڄ تائين به ان ٿي ٿهيءَ کي رتورت ڪندي رهي آهي. نڪور احساسن تي سنگباري!! يقينن سچ جي رستي کي روڪڻ جي ڪوشش ٿي ٿي سگهي ٿي. اها هڪ اهڙي تلخ حقيقت آهي، جنهن جا پردا کلڻ ڪانپوءِ آسمان سان لڳل بُت مختصر ٿيندي ٿيندي غائب ٿي ويندا آهن ۽ جي ڪن بتن جي حقيقت اهائي آهي ته انهن کي غير حقيقي طريقا ڪيستائين بچائي سگهندا!! ۽ بچائڻ جو بهانو خود فريبي ٿيندو. جيتوڻيڪ ان اظهار سان منهنجي پنهنجي ٿهيءَ جا يار به ناراض ٿيندا ته ان حقيقت کي ان انداز ۾ پيش نه ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ان سان ناراضگيون پيدا ٿينديون، پر راضپو هيو ئي ڪٿي!! اها چاهت ته يڪ طرفي هئي.

۽ حقيقت جي اظهار جي ان انداز جي اجازت هاڻ تہ ڪنهن کي ملڻ گهرجي. آخر ڪير تہ ڳالهائيندو، ڪير تہ ساز کي ڇيڙيندو، چپ کي ڪير تہ لفظن جي نرم تارن سان ٺي صحيح پر تڙپائيندو، ڪير تہ پردا ڪٽندو، دريون کوليندو، تازي هوا جي جهونڪي کي ڪير تہ گهر ۾ اچڻ ڏيندو. ڪير تہ ڏيو وسائي چانڊوڪيءَ کي اڱڻ ۾ آڻيندو. ڪِلنڊڙ چپن کي ڪو تہ ڳوڙهن جي نمي چکائيندو ۽ پنل نيڻن سان ڪو تہ مشڪندو. مندر مان ڪو تہ آذان ڏيندو ۽ مسجد ۾ ڪو گهنٽيون وڄائيندو.

ءِ-مون کي اندر جي ڪڙاڻ ۽ مٺاس جي وچ تان ڳالهائڻ ڏيو، هتي ڪڙاڻ ۽ مٺاس جي وچ کي ياد رکجو، آئون ايئن نہ ڳالهائيندس جيئن کي قدر اڳ ڳالهائيو ويو آهي. ڏنڌليون ڳالهيون يا پنهنجي ذات جي کيني مان ڪوٽيل کي سِٽون، پر مان جيڪي ڳالهائيندس، اهو ڪڙاڻ ۽ مٺاس جو وچ هوندو، جيئن مون اڳ بہ شين جي وچ جي باري ۾ لکيو آهي تہ تخليق، خارجيت ۽ داخليت جي ميلاپ جي هڪڙي مخصوص Frequency جو نالو آهي، ٻين لفظن ۾ خارجي عملن ۽ داخلي ڪيفيتن جو جيڪو ڪنهن خاص حالت ۾ ميلاپ ٿئي ٿو. اتان ٺي جيڪا تخليق ٿئي ٿي، اها ئي تخليق دائميت ماڻي ٿي، ليڪن فنون لطيفہ جي گهاڙيٽن ۾ جبري اظهار پڪ سان دائميت تہ ڇا، پر دل جي صحرا تي هڪ بوند بہ وسائي نہ سگهندو.

۽ آئون جڏهن ڏک ۽ خوشيءَ وچان اڳين، پيڙهيءَ جو بار پنهنجي ڪلهن تان هٽائڻ جي ڳالهہ ٿو ڪريان، تہ اُن جو سبب سندن ٺي بيوفايون آهن. رڃ ۾ ڦُٽل رنگ برنگي گُلن ڏانهن سندن بي توجهي آهي، سادي نموني ايئن چئجي تہ هو اسان جي ڪلهن تي تہ چڙهيا، پنهنجا قد وڌائڻ لاءِ، ليڪن اسان تي دستِ شفقت نہ رکيائون. اسان جي گهُرَ اِها ناهي تہ هو اسان کي شاعر، اديب بڻائڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏين ها، پر ايترو سندن فرض هو تہ سٺو ادب پڙهندڙن جو ڪو چڱو خاصو حلقو پيدا ڪن ها. ڇا اسان منجهان ڪو ان ڳالهہ کان انڪار ڪندو تہ سنڌي ادب ۾ سٺن پڙهندڙن جي حلقي جي کوٽ بلڪ کي قدر اٿهوند ناهي! آئون سمجهان ٿو تہ اِن ڳالهہ تي اوهين سڀ مون سان سهمت هوندئو تہ ايئن ٺي آهي. ڇاڪاڻ تہ اوهان وٽ ٻيو ڪو چارو بہ ناهي ۽ جيستائين ڪنهن ٻوليءَ ۾ سٺو پڙهندڙ حلقو نہ هوندو اُتي سٺو ادب بہ مڃتا ماڻي نہ سگهندو. پوءِ بہ هن ٽهيءَ پنهنجي پيرن تي پاڻ بيهڻ جي سگهہ پيدا ڪئي آهي. پنهنجا پيار، پنهنجون محبتون، پنهنجون رنجشون، پنهنجا غم، پنهنجون پيڙائون، پنهنجا درد، پنهنجون محروميون، پنهنجون ڪمزوريون،

ڪيڏي نہ سليقي سان تخليقي انداز ۾ پيش ڪيون آهن، جو انهن کي پڙهي شيخ اياز جهڙو انا پرست شخص بہ چئي ويهي ٿو تہ: 'سنڌ تي منهنجي پنجاهہ سال هڪ هٽي رهي آهي، ادب ۾ ايتري آمريت بہ چڱي نہ آهي.' هي مثال صرف اُن ڏهيءَ جي هار جي علامت طور ڏنو ويو آهي، نڪي مستند راءِ طور-هي سڀ جيڪي مون مٿي لکيو آهي، ان جو هڪڙو اهم مقصد هي هو تہ پنهنجي پياري يار بخشڻ مهراڻويءَ کي پنهنجي بدولت بڻيل شاعر طور ثابت ڪريان ۽ جيڪا حقيقت آهي، هو ڪنهن جي آگر وٺي شاعر ناهي ٿيو، هن جي شاعري آئي تہ در و ديوار کي بہ ليڪي نہ آئي. هوءَ بنان ڪنهن هٻڪ جي گناهہ ثواب سڀ، جهول پنهنجي ۾ رهڙي ڪٽي آئي. آئي تہ بس ڇا آئي!
ڪبير چوائي: 'نديا لاڳي آگ'

## بخشڻ مهراڻوي

### غزل

هاءِ هُن جي شهر مان گذرون پيا،
چن وڏي ڪنهن قهر مان گذرون پيا.

نينهن نانگڻ جان ڏنگي ٿو ڏيل کي،
عاشقيءَ جي زهر مان گذرون پيا.

چولي چولي ۾ پرولي پيار جي،
پاڪرَن جي بحر مان گذرون پيا.

الوداع جا آخري لمحا ايئن،
جڻ تہ پوئين پهر مان گذرون پيا.

# "بخشن مھرانوی کی نظمیں"

## رفاقت حیات

اس دن وہ بظاہر حلقہ اربابِ ذوق کے ایک اجلاس میں اپنی سندھی نظم "درد ہمارے صوفی ہیں" سنا رہا تھا لیکن اس کی آواز، اس کی ادائیگی، لفظوں کی نشست و برخاست اپنے سننے والوں پر ایک عجیب سا سحر طاری کرتی جا رہی تھی۔ یوں لگ رہا تھا جیسے پوری وادیٔ مہران اپنے تمام رنگوں، خوشبوؤں، فضاؤں اور موسموں کے ساتھ، اور اپنی تمام خوشیوں، دکھوں، محرومیوں اور اداسیوں کے ساتھ، اس چھوٹے سے ہال میں در آئی تھی، جہاں حلقے کا اجلاس ہو رہا تھا۔ نظم کی مسحور کن قرات ختم ہونے پر سامعین نے داد کے ڈونگرے برساتے ہوئے، مہمان شاعر سے ایک اور نظم سننے کی فرمائش کر ڈالی۔

وہ اپنی ایک اور نظم "میں نے تو یہ نہ جانا تھا، کہ سندھڑی ایسے دن بھی دیکھے گی" سنانے لگا، جو اس نے اہلِ مذہب کے ہاتھوں ایک بھیل کی لاش کی بے حرمتی کے خلاف لکھی تھی۔ اس کے لب و لہجے میں تھر کے صحرا جیسی وسعت، دریائے سندھ جیسی گہرائی، ٹھٹھہ اور مکلی جیسی قدامت اور ایک صوفی شاعر کی سی تمکنت واضح طور پر محسوس کی جاسکتی تھی۔ وہ اپنی نظم میں سندھڑی کی کایا کلپ ہو جانے کے خلاف احتجاج کر رہا تھا۔ وہ سندھ جو کئی صدیوں سے صوفیوں کی سرزمین کے طور پر مشہور چلا آرہا ہے، اب یہاں بھی مذہبی منافرت اور عدم برداشت کی آکاس بیل، رواداری اور مساوات کے گھنے پیڑ کو کھوکھلا اور کمزور بنانے لگی ہے۔

سندھی کے معروف شاعر بخشن مہرانوی سے یہ میری اولین ملاقات تھی۔ وہ شاعر اور نقاد علی آکاش کے ساتھ حلقے کے اجلاس میں آئے تھے۔ اس پہلی ملاقات کے بعد جلد ہی دونوں کے ساتھ گہری دوستی ہو گئی۔ معلوم ہوا کہ بخشن کا ایک شعری مجموعہ "التجا" کے نام سے 2011 میں شایع ہو کر مقبولِ عام ہو چکا ہے۔ وہ بہت سہولت کے ساتھ غزل، وائی، بیت، ہائکو، آزاد نظم اور نثری نظم کہنے پر قدرت رکھتا ہے۔ یہ بات اس کے قادرالکلام شاعر ہونے کا پتا دیتی ہے۔

ایک قاری یا ایک سامع کے طور پر یہ کہنے کی جسارت ضرور کروں گا کہ اس کے ہاں جیسی اثر پذیری، شدت، قوت اور وفور اس کی نظموں یعنی آزاد اور نثری نظموں میں محسوس ہوتا ہے، وہ یقینی طور پر ایک خاصے کی چیز ہے۔ کیوں کہ اس کی نظمیں اپنے اسلوب اور اظہار کے حوالے سے مختلف اور منفرد رنگ روپ کی حامل نظر آتی ہیں۔ اس کی نظمیں کبھی رات کے چاند کی طرح گھنیرے بادلوں، قدِ آدم درختوں یا گھنی جھاڑیوں کی اوٹ میں چھپ کر اپنا حسن دل آویز عیاں کرتی ہیں اور کبھی ایک دیہاتی دوشیزہ کی طرح گھونگھٹ سے ہلکی سی دل چھب دکھا کر اوجھل ہو جاتی ہیں۔ اس کی نظمیں کہیں کہیں اپنے پورے وجود کے ساتھ سامنے آکر ششدر بھی کر دیتی ہیں۔ بخشن کی اکثر نظمیں تفہیم کی سطح سے بلند ہو کر احساسات کی دنیا تسخیر کرتی ہوئی حواس پر پوری طرح چھا جاتی ہیں۔ اس کی نظموں کی قرات یا سماعت ایک ایسا دل پذیر تجربہ بن جاتی ہے کہ پڑھنے یا سننے والا انہیں تا دیر فراموش نہیں کر سکتا۔ ثبوت کے طور پر درج ذیل نظم ملاحظہ کر لیجیے۔

"حصے میں ملی ہوئی رات" (ترجمہ: مصطفیٰ ارباب)

میں
جہاں تک دیکھ سکتا تھا
اس نے وہاں تک جانا چاہا
اس کے قدم
جب تاریکی میں گزرتے تھے
میں اس کی پینسل ہیل کی
ٹِک ٹِک کے جگنو پکڑنے لگتا تھا
وہ جب بھی
آنسوؤں کی رت میں مسکراتی تھی
میں
بہار بن جاتا تھا

وہ میرے لیے
ایسی خاموشی تھی
جس میں مندر کی گھنٹیاں
پوجا کے لیے پکارتی ہیں،
وہ
راستے کا ایسا موڑ تھی
جس سے آگے جانے کی مجھے اجازت نہیں تھی،
وہ
اپنی رضا میں
مجھے شامل کرتی رہی
اس نے
قیامت کے راستے دریافت کیے تو
میں دوزخی بن گیا،
وہ مجھے
ریل گاڑی کی کوک میں ملی تھی،
یادداشت کے اسٹیشن پر
اسے الوداع کہنے کے بعد
میں پٹریوں کی مانند اکیلا رہ گیا تھا۔
ایک دن وہ
ایک ایسا درخت بن گئی
جس نے اپنی چھاؤں بیچ دی تھی،
اس نے جب اپنی پیشانی
پچھتاوے کی دیوار سے ٹکرانی چاہی تو
میں اپنی ہتھیلیاں اس کے ماتھے اور دیوار کے بیچ لے آیا،
اس کے تحیر نے
مجھے پہچاننے کی کوشش کی،

اور ہم
دیوار میں سے نمودار ہو گئے،
باہر درخت
ابر آلود آسمان دیکھ کر،
چھوٹے بچوں کی طرح خوش ہو رہے تھے،
میں،
کھٹ میٹھی گولیوں کی طرح میں
اس میں تقسیم ہو گیا،
اب وہ مجھے،
آنکھ مچولی میں کھوجتی ہے،
اور اپنے حصے کی رات میرے پاس چھوڑ جاتی ہے۔

## بخشڻ مهراڻوي

## اسان جا درد صوفي هِن!

اسان جا درد صوفي هِن،
سدا گيڙو رتا ڪپڙا،
ڏُڌڙ ۽ ڌوڙ رستن تي،
اکين ۾ وڏ ڦُڙا آئي،
دلين جا ديپ ٻاريون ٿا.
وڇوڙا رات ۾ ويڙهيل،
جڏهن اينداً اکين ۾ هن.
ڪٿي چپڙيون ۽ يڪتارا،
وصل جا گيت واريون ٿا،
انڌيري وات جي ور تي
اندرَ ۾ آڳ ٻاريون ٿا.
خماريل ڪيپ مان خود کي
ڏسي هُن جو سڏايون ٿا.
درياهه جيڏي ڪٿي هي دل!
اسين ترندي تنواريون ٿا،
اسان جا درد صوفي هِن.
اوهان جا قهر ڪوفي هِن،
يزيدي وقت ويري آ،
سچي تاريخ ميري آ،
مگر پوءِ پي پنهل سائين
فقيري ۾ اميري آ.
سڄڻ جي سڪ جو سڳڙو،
سچو سنسار سوري ٿو.
تڏهن هي ساهه سسئي جيان
ڀهاڙي پنڌ ڏوري ٿو.
اسين پلڪن جا پروانا،
تنهنجي اکڙين جا ديوانا
تنهنجي درشن ۽ ديا لئه،
ٿياسين مست، مستانا.
اندر جو در کليو آهي،
رُڳو توکي ڏٺو آهي.
تنهنجي آ طلب تن من ۾
رُلائي پئي ٿي بن بن ۾،
اسان ويراڳ ورتوسين،
۽ ديپڪ راڳ ورتوسين،
اسان جا زخم ساقي هن
ڪٿي اکڙين جا پشمانا،
اوهان جي جام سان جانا!
جڏهن جهونگار بنجون ٿا،
تڏهن پيئون پياريون ٿا.

پرين، جي پاند ۾ آهيون،
حقيقي راند ۾ آهيون،
اها بازي اسان جي آ،
اڙي قاضي! اسان جي آ،
اڙي منڪر محبت جا!
ڪندين ڇا تون قبيلي کي،
قبيلو هي ڪُٺل آهي.
تنهنجي شيخي شريعت ڪان
رُٺل آهي، رُٺل آهي.

اسين اُن در سندا داسي،
ازل کان پيار جا پياسي،
اسين گولا غلامي ۾،
سدا سجدي سلامي ۾،
انهن جا ئي سڏايون ٿا،
تڏهن خود کي پڏايون ٿا.
اسان جا درد صوفي هِن،
اسان جا درد صوفي هِن.

# بخشڻ مهراڻويءَ جي نڪور شاعري

## دوها

مڌ ماتي هئي شام اکين ۾، يادون چڻ ڪي آڙيون،
ڪجي ڪجيءَ جي ڪينچل اوتيم، تن من ٿي ويو تاڙيون.

مونکان ڍيل رسي وئي آهي، من جو مور اڪيلو،
ميگهه وچائن تن جون تارون، آڌيءَ رات جو ويلو .

ڀهراڙيءَ ۾ وڻ پپر جو، چانوَ ٿڌيءَ جو سُکُ
شهر جي ساري مُونجهه مِٽي وئي ڏُلي ويو سڀ ڏک.

ڪالهه ٻه مون وٽ ترسيا برسيا، ڏئي ويا ياد پراڻي،
ڦڙي ڦڙي ۾ لفظن لارون، ڪڪرن منجهه ڪهاڻي.

انبن ٻور جهليا پر منهنجي ڪانه جهليندڙ مهماني،
وک وک تولڻه واجهايان پئي، جهڙ ڦڙ يار جواني.

ٿڌ هيڪاندي، پانهن سيراندي، سيءَ ۾ ٺوڪي ساهه،
ڪوسا پاڪر پئي ٿي ساري، انگ انگ ۾ آڙاهه.

لڇندي لڇندي رات ڪٽيائين، پگهر ڦڙا پيشاني،
ٻک نه ٻيلي، هاءِ اڪيلي، تن من ۾ ڪا طغياني

پريل هئي بندوق جواني پر ۾ رات سُتي،
چري چري ڪئي چاتي چالي، گولي ڪانه گُتي

هاءِ جواني، توبن جاني، مانو چڻ درياهه،
چاهڙ اڪيلو، ڍگهو ڪنارو، آهه وچوڙو واهه.

□ڪجي جي تاڙي جو جمع
□ميگهه هڪ راڳڻي

## ياد

ياد ناهي الاءِ ڪهڙي گهڙي
مون هن جا پير چورايا هئا
ڪنهن امڪاني انڪار هئان
اظهار محبت لاءِ لفظ
هن جي چپن تي ايندي ايندي رڪجي ٿي ويا
شهر جي وسيع باغيچي ۾
تلاءُ ڪناري ويهڻ هن جو معمول هيو
منهنجي وڃڻ جي خبر ڪان پوءِ
هوءِ ڪيترا ڏينهن مونکي ڪک ڪک ڪري
تلاءُ ۾ اڇلائيندي ٿي رهي
مون نٿي چاتو هن پنهنجي خواهش ۾
اکين جي آپريشن ڪان پوءِ
سڀ ڪان پهرين مونکي ڏسڻ ٿي چاهيو .......

## نظم

.....بي خودي جهيڙا ساهه ڪٽي ٿي
ڪيف ۽ سرور ۾ گذرندڙ لمحا جهونگارين ٿا
مدهوشي ۾ تنهنجون يادون هوش ۾ اچي ٿيون وڃن
مصيبتن کي مصلحتن سان مات نٽي ڏئي سگهجي
شاعري جسم جي حرارت کي ٽيڪو ڏيو بيٺي آهي
انت اڪيلائي ۾ موسيقي ،
جياپي جا رومال پريندي ٿي رهي
ڪاش تنهنجي پرفيوم سان رلمل
تنهنجي پگهر جي هٻڪاءُ کي سانڍي سگهان ها
مدتن ڪان خوشبوءِ جا ڪيسا خالي آهن.
دوست سڀ خود ساخته فاصلن جي جلاوطني ۾ ٿا رهن
فيس بوڪ جي ويجهڙائپ ۾
پاڪرن ۽ ٺهڪن جا مزا نا ممڪن آهن
بس تون بي سبب هڪ دفعو موٽي آ
آءُ لفظ محبت جا ٽي نڪتا
تنهنجي ڳل ، ڳچي ۽ چپ مٿان اُپريل
نيور ڪارن ترن سان لکڻ ٿو چاهيان!!

# پُر ڪيف قرار...........

آديسي اڪيون
پنهنجي اندر سمونڊ سمائي ٽيون ڇُلن
تنبوري جون تارون تن من کي ترڻپائين ٽيون
رڳ رڳ ۾ رچيل رهاڻيون عيان ٿيون ڪن
آوازن جا راز ۽ پوءِ آد جڳاد جو اسرار !
واريءَ تي وسرام ڪري ٿو ، عشق جي امامت !
پٺن جو پيد ڪولي ٿي
ڪامل ڪمايون آچپو آڇين ٿيون
۽ داسيءَ جي دل ۾
اميدن جا ڏيئا جرڪن ٿا
اميد ! جيڪا هر بازي ڪٽائي ٿي
خوابن کان خالي اکيون
سچي تعبير جا ترورا ناهن پسي سگهنديون
پاڻ کان ٻاهر ناهن ڏسي سگهنديون
هڪ اڻ ڳٽ جهان آهي پنهنجي پاڻ کان ٻاهر
اهڙي سفر جي پانڌي وکن کي
وڄن جو پاڻي پيارڻو پوي ٿو
در در آڏو ٽنگيل هٿ جنجال ۾ جڪڙيل آهن
ڏيڻ وارا هٿ ئي معراج ماڻين ٿا
جيڪي پري کان "ويجهڙائي" کي ڏسن ٿا
انهن جي صحبت ئي پرينءَ جو پار پسائي ٿي
مونن ۾ منهن لڪائي ويٺل نانگا !
ڪيڏانهن ناهن ويندا
اُجاريون اکيون ۽ دليون
انهن جي صحبت جا سانگ
۽ اُجرا آستانا ڳولي لهنديون آهن.
وقت ٻلي سائنسي ٿي وڃي
هي جيءُ سنڌي جهوري
انوکين ايجادن جي ڪنهن ريت به منڪر ناهي پر
پساهن جو پُر ڪيف قرار يڪتاري جي تند تنوار کان وٺي
سرمئي ڪبوتر جي نهار تائين
انوکي اُڏار سان نيجي نروار ٿئي ٿو .

# اُتر تنهنجو انت لهڻ لئہ (نظم)

تنهنجي در تي بيٺو آهيان،
ڪجين جو پيو باغ نهاري.
هڪ اسرار هوا جو آهي
جنهن جي ٻوليان سڄ لهي ٿو.
پکي چڻ تہ پروليون آهن.
آکيري جو پنڌ پري آ،
ڳوٺ جو رستو ڳالهائي ٿو.
ڪي ٿي وِير لنگهيا ها جنهن تان،
مجبورين ها گهر ڇڏايا
ڪي ٿي نِيرَ لنگهيا ها جنهن تان.
دُنهين مان ڪا دانهن ڏکي ٿي،
سڪ جون ڪائيون ڪير ٿو سوري؟
باهہ برهہَ جي ڀڙڪا ڏئي ٿي،
يڪتاري جي تند تپي ٿي،
ويراڳي ويلاپ ورن ٿا.
من من ۾ ڪو مينهن وَسي ٿو،
آهُن ۾ ڪي گهاڙ لُڇن ٿا،
ساهہ جو گهوڙو سهڪي پيو ٿو.
وڄ وراڪا پنڌ پُڄي ٿو،
اُتر تنهنجو انت لهڻ لئہ،
ڪيڏي آتر ويلا آهي.
سارين مان ٿو اوڀر اُڀري،
گرمي ٿاڌل گهوٽي پئي ٿي.
تو ۾ هڪڙو سچل آهي،
تو ۾ بيدل، بيڪس آهي،
سانجهيء جو ٿو سنک وڄي ٿو
ميڙي ميڙي مچ ٻرن ٿا.
مون کي اهڙو سڄ چون ٿا،
اُتر تو مان آڳ ہہ اٿي،
تو مان هڪڙي جاڳ ہہ جُنٽي،
سنتو ساهہ کي سولا ڪٽندو،
مٽي سونُ سريکي ٿيندي.

تو مان هڪڙو ناچو اينلو،
ڇيريون ڀاڻي ڇم ڇم نچنلو،
هر گهنگهروءَ کي پنهنجي ٻولي،
جيونُ هڪڙي ڏٽ پرولي،
ٺنهن جي ڀيڄڻي تو ۾ آهي،
مست قلندر ٿيڻي آهي!
ٻاٽ ۾ لاٽ ڪا ٻرڻي آهي!

## درد ڄڻ ڪارو گلاب

....ياد جون ڪانيون ٻرن ٿيون
بي قراري ڊُود وانگي
مون اندر پيئي ڏکي
تون تہ چندن جو بدن هئين
تون تہ خوشبو جو وطن هئين
لڱ منهنجا
تنهنجي ڏاڳي سان ٻڌل ها
ڪئين ڪهاڻيون ،
تنهنجي پاڙي ۾ رهيون ٿي
جيءَ جگنو جان ٻڻي
تنهنجي راهن ۾ رُليو
ڦوهہ جوڀن ڄڻ ندي، جي ڪا رواني،
ڄڻ بدي جو وڏ ڦڙو،
ڦڻ ڪڍي واسينگ ڪو،
مياڻ مان تلوار نڪري،
ڄڻ جبل جي هنج مان
سج لالائي ڪڍي،
ڄڻ تہ گهوڙو پيو ٻڪي،
لوڏ ۾ پَٿِي هوڏ هٽڪيو،
پند پٺي چرڪن چنايا .
ها مگر دل جو نگر،
وقت دشمن جو ڪو لشڪر
بخت تي گهوڙا گهميا
ڏوڙ ٿي وئي هر ڏِسا

زندگي جي پيرڙن ۾
چير ٿي چر چر وڃي
ويس ململ جو ڍڪي
ٿو پيو هي غم نچي
هجر کي پنهنجو ڏمالون
سوڳ کي پنهنجا سوالَ
آهه زاري جون اکيون
تنهنجا رستا ٿيون تڪِن
موسمن جو موهه توکي
ڪو نه ٿو واپس ورائي
درد کي ڪارا وڳا
درد چڻ ڪارو گلاب ...

## هڪ معصوم پکيءَ جي شهادت

سنڌ جو سچاڻپ ڪارڻ
هڪ دفعو وري
رت ۾ ٻڏل آهي
ڪراچي!
پنهنجي زمين ۽ آسمان جي جاگرافيءَ ۾
امان ڪلاچي جو شهر آهي
پر ڪراچي جي هوائن ۾
قاتل وائرس
هر ڏسا پکڙيل آهن
روشنين جي شهر ۾
انڌير ڏسندڙ اکين
ڦورو قرار ڏنل اکين جي ڏانهن ڪانه ورنائي
بيوسي پنهنجا ساهه ڦريندڙ آڏو تڙپندي
هڪ لمحي آسمان
۽ ٻي لمحي زمين ڏانهن ڏٺو
گولين هٿان گهايل جسم
هٿوراڙيون هڻندي
ڌرتي ماءُ جي هنج کي پٽي ڌوڏيو
تماشو ٻڌيل هجوم

ڪو سهارو نٿي آڇيو
انسانيت آڏو
لسانيت ۽ حيوانيت جا لوسي ڪتا
نوس نوس ڪندا رهيا
ڪنهن به ايڌي ايمبولنس
هن جي واهر نه ڪئي
ڪراچي جي آسمان
اهو ڪربلا پنهنجي اکين سان ڏٺو
هڪ معصوم پکيءَ جي شهادت ڪان پوءِ
سنڌ جون هوائون سوڳوار آهن
مزاحمت جون اب ڪچيندڙ للڪارون
چا منصفي جي اکين تان
انڌ جي پٽي لاهي سگهنديون!؟

# بخشڻ مهراڻويءَ کي جنم ڏينهن جون واڌايون

علي آڪاش

يُگن جي دائري ۾ پنڪندڙ دليون،
زمان ۽ مڪان جو قيد نہ قبوليندڙيون آهن
۽ هو بہ اهڙو ئي يگانو ۽ آزاد مُنش آهي.
هو پنهنجي تت ۾
تنبور جئين وڄندڙ وجود رکي ٿو،
تنهن تي جڏهن هو
پنهنجي اندر جي اڪيلائيءَ کي ڳائيندو آهي
تہ پرپل تريل ڪائنات
پنهنجيءَ معنويت جو جواز وڃائڻ لڳندي آهي .
هو بنهہ گهڻو حساس آهي،
جڏهن هو آسروند اکين سان اڀ ڏانهن نهاريندو آهي
تہ خدائي ڪنهن ٺاري ۽ ٻچائي رکيل
سانوڻيءَ کي آگمجڻ جي اجازت ڏيندي آهي.
هو ڄاڻي ٿو تہ
جڏهن نيڪيءَ جو مقدس روحُ،
بديءَ جي پليد سگهہ کان هارائي ويندو آهي
تہ تقدير جي ازلي ڪاغذ تي
پيل قلمُ ڳاڙها لڙڪ وهائي،
حتمي يا پڇاڙڪي فتح جي ڏندڪٿائي باب ۾
هڪ ڪاري ضميمي جو اضافو ڪندو آهي .
ڪيس اهو تجربو آهي تہ
دوستي جڏهن وفا جي حسين پنڌ تي هلندي،
اوچتو دغا ۽ دولاب جي موڙ تي ٻيهجي ويندي آهي
تہ منزلن جو ويساهہ،
پنين ۾ برف جي ڇپ وانگي ڄمي ويندو آهي
۽ اڪيون مراد ماڻڻ کان اڳ ئي
پنڌپهڻ ٿي ويندو آهن
ڪيس اها بہ ڄاڻ آهي تہ
هِن سهارن جي دنيا ۾ بي سهاري هئڻ جو احساسُ
جڏهن هڪ رڻ جي صورت اختيار ڪندو آهي تہ

زلزلي جي شدت،
ريڪٽر اسڪيل جي ماپ جا سڀ پئمانا ٽوڙي وجهندي آهي.
جيئن گهرڙا ٺهڻ ۽ ڊهڻ جي عمل مان گذرندي
فنا ۽ بقا جا متوازيءَ ۽ متوازن دليل گهڙيندا آهن،
پر هو ڄاڻي ٿو تہ فنا ۽ بقا جو حقيقي فلسفو،
محبت جو محتاج هوندو آهي .
نئين چاول ٻار جي اکين جي اوجر جهڙي دلبر دوست،
ذات جي مها ساگر ۾
پنهنجن نظمن جي پائدار پيڙن کي تاريندڙ شاعر
۽ آواز جي گوناگون دنيا ۾ هڪ منفرد
۽ مستقل پڙاڏي وانگي گونجندڙ صداڪار،
بنهہ پياري بخشڻ مهراڻويءَ کي
سندس جنم ڏينهن تي
گهڻي ڪان گهڻيون واڌايون .

## منهنجا محبوب ياءُ "بخشڻ مهراڻوي
## "توکي ۽ سنڌ کي تنهنجو جنم ڏينهن مبارڪ"
## خالد راڄپر

"بخشڻ مهراڻوي "هو جيڪو،
زمين جي خشڪي،
آڪاس جي آس کي ماپڻ جي سگهہ رکي ٿو .
هو جنهن، پنهنجون اکيون
پکيءَ جي پرن سان ٻڌي ڇڏيون آهن .
هو جيڪو، سهڻيءَ کي سيرَ مان پار پهچائي سگهي ٿو .
هو جيڪو، دل جي نوريءَ لاءِ اکين ۾ ڪينجهر رکي ٿو .
هو جيڪو، پالوا جي کوهہ تي
مارئيءَ جي مٽي تي سربهڙو آهي .
هو جيڪو، ڪيلاش کان لهندڙ
سنتوءَ جي پاڻيءَ جهڙو اجرو آهي .
جنهن جي سيني ۾، ڪبيرَ جي دوهي،
پٽائيءَ جي آيتن جهڙي دل آهي .
مان هن جي دل جي قريب آهيان
هو منهنجيءَ اک جي اندر آهي .."

# غزل
## خالد راڄپر

(پياري بخشڻ مهرالوي ۽ لاءِ)

"هاءِ منهنجا هُجڻ، ڪٿي آهين؟"
دل جا "بخشڻ" سڄڻ، ڪٿي آهين؟

منهنجي من جو رباب تون هڪڙو
تون نہ ايندي وڄڻ، ڪٿي آهين ؟

دل ڏِکي ۽ اکيون ڏِکن ترڏي
پير تنهنجا چمڻ، ڪٿي آهين ؟

شهر تنهنجو، ٻُڏي ويو سورج،
تون نہ آئين ملڻ، ڪٿي آهين؟

آهُ توکان سوا رُکي ماني
منهنجا ماکي مکڻ، ڪٿي آهين؟

# نثري پيٽا
## هوڪير آهي
## عمر تيوڻو

ڪنهن پراڻي جي ڪٿا آهي
يا نئين دور جي ساڃاهہ
اڄ تائين ڪو بہ هن لاءِ
تعين ناهي ڪري سگهيو
ڇو تہ هو ڏاڍو ڳوڙهو آهي
پنهنجي سياءُ مان لڳندو ڇڻ
يوناني ديوتائن جي دعائن جو ثمر آهي
۽ ڪڏهن لڳندو ڇڻ

ٿر جي رڃ ۾ ڪڙي پيل روهيڙي جو گل هجي
عمر جي ڪٽ جوڙ کان ڪوهين ڏور
ستين جي آستان جو اڪيلو وارث
مهين جي دڙي مان دريافت ٿيل
پراڻي يگ جو مها پوڄاري
سرن جي ديس ديوتا
شاعري جي ڏيه جو وينجهار
ڪروڙين يگن کان ايندڙ
هڪ اهڙو پڪيل روح
جيڪو پنهنجي انت تائين
وشواس جي ڏوري ٽٽڻ ناهي ڏيندو
ڪڏهن بلڪل ٻار
۽ ڪڏهن رڻ ۾ ويڙهه وجهندڙ
مها يڌ جو سپهه سالار
هو پنهنجي وجود جو منڪر به رهيو آهي
ته ساڳي جڳهه تي معتقد به
فنا ۽ بقا جي فلسفي جو ڄاڻو
انت تائين گڏ هلي سگهڻ جي سگهه رکندڙ
ڪنهن ڪنيا جي دل جي آس جهڙو
۽ ڪنهن دوشيزه جي زلفن ۾ وڄڙي وڃڻ وارو
نياڻن تي اچي ته راءِ ڏياچ
۽ جيڪڏهن تپي پئي ته تنبور وانگي
هو جڏهن وڏا ٺهڪ ڏئي
چوڪڙي ۾ ڪل جا گل پوکيندو آهي
ته ائين لڳندو آهي ڄڻ مالهي هجي جنهن کي
سمورن وڻن جي حفاظت جو هنر ايندو هجي
اڄ چوڻ ٿا ته هُن جو جنم ڏينهن آهي
ڪٿي ائين ته ناهي هي وڻجارو
هن يُگ تي احسان ٿي آيو هجي
هن پرٿوي کي جنت ڪرڻ لاءِ
آئون هُن جي ٻاڪ جو ساکي آهيان
ته هو پنهنجي اندر مرشد لطيف جي بيت جهڙو آهي
"الله ڏاهي ۾ ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن "جهڙو
ها هو منهنجو دوست ۽ پرجهلو آهي

# بخشڻ مهراڻويءَ کي پيتا

مختيار سهتو

پنهنجي ذات ۾ هو
مون کي سمنڊ لڳندو آهي
جو چلندو رهندو آهي
يا باربار قتل ٿيندو رهندو آهي
مون هن سان
هڪ ناڪام عشق جو قصو ڇيڙيو
هن الئه ڪيترا ناڪام عشق
منهنجي سوچ جي شيلف ۾
ناولن جيئن سٿي ڇڏيا
مون هن سان
هڪ شهر جي بازار جو ذڪر ڪيو
هن ان شهر جي هر وڻ جي هيٺيان
مون کي طويل ننڊ ڪرائي.....
مون هن سان واهه جي ڪپ تي بيٺل
ٽاليءَ جو ذڪر ڪيو
هن ٿوهر جي اڄ سمجهائي
مون هن سان
وڻ جي تتل تار جو ذڪر ڪيو
هن ان ۾ پنهنجي آڪيري جو انڪشاف ڪيو
مون هن کان ماڻهو ڇا آهي؟ بابت پڇيو هن پڇيو
آئون اڃا اکين جو مهاڳ پڙهان پيو
آئون هن ۾ ندي ٿي ڪري پيس
هو اڄ به سمنڊ جيئن باربار قتل ٿيندو رهي ٿو
ڪناري تي ايندڙ هر ماڻهو کي
پيرين پئي التجا ٿو ڪري ٿو
ته ڏس پلا هو ڪيئن آ هي.........

## نارائڻ شيام جي ڪتاب

# روشن ڇانورو

## جو يادگار مُهاڳ

### سُگن آهوجا

پهرين سجاڳي:

سنڌي شعر و ادب جي دنيا ۾ پهرين سجاڳي ڪشنچند "بيوس" آندي. بيوس جي دور جا ماڻهو، تن ۾ به خاص طور وچين طبقي وارا هندو سياسي ۽ سماجي طور سجاڳ ٿي چڪا هئا، هنن شعر و شاعريءَ سان پنهنجي سجاڳ شخصيت جي ترجمانيءَ جي طلب ڪئي، وڌيڪ سجاڳيءَ لاءِ للڪار جي تقاضا ڪئي. بيوس سندن طلب کي پٽيو، طلب جي وسعتن کي پروڙيو، پنهنجي دور جي ماڻهن کي سمجهيو ۽ سندن طلبون ۽ تقاضائون به پوريون ڪيون.

هن پنهنجي شاعريءَ کي نوان وزن، نوان اصناف، نوان موضوع، نوان امنگ ڏيئي ايترو ته مقبول ۽ عزت لائق بڻايو، جو ماڻهو سندس شاعريءَ کي سندس "ذات" جو ڪرشمو سمجهڻ لڳا ۽ ٻيا شاعر عزت سان سندس نقش قدم تي هلڻ لڳا.

۽ ائين بيوس پنهنجي شاعريءَ سان پهرين سجاڳيءَ جو تاريخي رول ادا ڪري ورتو.

ٻي سجاڳي

شعر و ادب جي دنيا ۾، ٻي سجاڳي شيخ "اياز" آندي. هن ٻيوس واري (جان تان) موضوعاتي سجاڳيءَ کي اڃا به نوان فارم، نوان وزن، نوان موضوع ڏنا، اڃا به نوان لفظ، نيون ترڪيبون ڏنيون. هن سنڌي شاعريءَ کي نئون ذهن، نئون شعور ڏنو، نئين انفراديت، نئين آناقيت ڏني. سڀ کان وڌيڪ هن پنهنجي يگاني فن ۽ شخصيت سان سنڌي شاعريءَ کي نئين لئي، نئين لوچ، نئون تاثير ڏنو.

ٻيوس پنهنجي شاعريءَ کي شاعراڻي شخصيت جي ڪا به اهڙي خوبي ڏيئي نه سگهيو، جا خوبي ٻين شاعرن جي پهچ کان پري هجي، جا خوبي ڪيس ٻين شاعرن کان هڪ طرف الڳ ۽ ٻئي طرف ممتاز ڪري بيهاري. انهيءَ جي برعڪس، شيخ اياز پنهنجن گيتن خواهه غزلن ۾، بيتن خواهه آزاد نظمن ۾، پنهنجي شاعراڻي شخصيت جي مخصوص خوبين کي ڪٽي، نه رڳو ٻين شاعرن کان الڳ ٿي بيٺو آهي، پر شاهه کان پوءِ ۽ نارائڻ "شيام" کي ڇڏي، باقي شاعرن کان ممتاز پڻ.

انهيءَ ڪري مان ٻيوس کي فقط سنڌي ترقي پسند شاعرن جو باني سمجهندو آهيان ۽ سنڌي ترقي پسند شاعريءَ جو باني شيخ "اياز" کي.

ٽين سجاڳي

ورهاڱي بعد، ڀارت ۽ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد، سنڌي شعر و ادب جي دنيا سجاڳيءَ جو ٽيون دور به ڏٺو، ان دور کي ترقي پسند شاعريءَ جو ٽيون ۽ آخرين دور به چئي سگهجي ٿو. هن دور جو ڦهلاءُ ڇهن پنجن سالن تائين رهيو، هن دور جو ڪو به شاعر نه ٻين شاعرن تي ڇانئجي سگهيو، نه ڪي شعر و ادب جي دنيا ۾ ڪو خاص مرتبو يا مقبوليت حاصل ڪري سگهيو.

هن دور تي سياست ڇانئي رهي ۽ قوميت پلجندي رهي.

جئن جئن ديس ۽ دنيا جي وڳوڙي حالتن ۾ ڦاپر ايندي ويئي، تئن تئن شاعرن وٽ به سياسي موضوعن جي قلت ٿيندي ويئي، اها قلت آخر ۾ قريب قريب قحط ۾ بدلجي وئي.

ٻن ٽن سالن جي ان سياسي موضوعن جي قحط کي ادبي بحران سڏيو ويو، پر حقيقيت ۾ اهو بحران يا ماٺائي هڪ تياريءَ جو عرصو هو، اها تياري جنهن ۾ اڏامن کان اڳ پکي پنهنجا پر سوئيندا آهن، شاعر زندگيءَ ۽ ادب جا نوان قدر ۽ معيار لوچيندا آهن، پاڻ کان نيون تقاضائون ڪندا آهن.

سياست جو غلبو، يا عوام جي سياسي رهبري ڪرڻ جو جذبو ٽٽڻ بعد، قوميت

جو جذبو باقي رهيو، ان قوميت جي جذبي سان، نئين سجاڳيءَ جو هڪ نئون دور شروع ٿيو آهي، اهو دور جنهن مان اڄ اسين گذري رهيا آهيون.

نئين سجاڳي RENAISSANCE

هن نئين سجاڳيءَ جو سرچشمو اسان جي ان پاڪيزه جذبي ۾ آهي، جنهن جذبي جو راس اڇڻ سنڌيت کي قائم دائم رکڻ ۽ ان جي قلڻ، ڦولڻ جي هر معنيٰ آهي، انهيءَ ڪري نئين سجاڳيءَ جي شاعرن اڳيان مقصد آهي سنڌي شاعريءَ ۾ هر قسم جو اضافو ڪري، ان کي اوج تي رسائڻ.

هن نئين سجاڳيءَ جون تقاضائون ايتريون گهٽيون ۽ نراليون آهن، جيترو سنڌي شاعريءَ ۾ اضافو ڪرڻ جو ميدان وسيع آهي، پر خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اهڙين تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ عمل جي ميدان ۾ شاعر به تمام گهڻا آهن. زندگيءَ ۽ ادب جي قدرن کي پنهنجي پنهنجي علم ۽ شعور سان سمجهڻ مطابق ۽ پنهنجي پنهنجي فني لياقتن ۽ تخليقي قوتن مطابق اڄ جي دور جو ڳٽپ ۾ ايندڙ، عمومن هر شاعر اهي تقاضائون ٿوريون يا گهٽيون پوريون ڪري رهيو آهي.

نئين سجاڳيءَ جو جائزو

هن نئين سجاڳي جي دور ۾، سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪو اضافو ٿي رهيو آهي، تنهن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، 1- اظهار لاءِ نئون تاجي - پيٽو، 2- نوان فارم، 3- نيون ڌارائون يا رجحان.

1. اظهار لاءِ نئون تاجي پيٽو Diction

نئين سجاڳيءَ جي تقاضا آهي ته سنڌي شاعريءَ ۾ پارسي ۽ اردو ٻوليءَ جي غير مانوس ۽ دقيق لفظن ۽ ترڪيبن جو استعمال گهٽجڻ گهرجي ۽ سنڌي لفظن ۽ ترڪيبن جو واهپو وڌڻ گهرجي.

اها تقاضا جيتري ئي واجبي آهي اوتري ئي ڏکي ۽ پيچدار پڻ.

چند سالن جي شعر گوئيءَ بعد شاعر جي پنهنجي هڪ Diction ٺهي ويندي آهي، جنهن سان هن جو سوچڻ، محسوس ڪرڻ ۽ اظهار ڪرڻ به وابسته ٿي ويندا آهن. تنهن ڪري مدت مشق شاعر اها تقاضا مشڪل سان پوري ڪري سگهندا. سندن لاءِ اردو لفظن ۽ ترڪيبن جو استعمال گهٽائڻ ايترو ڏکيو نه ٿيندو جيترو سنڌي لفظن ۽ ترڪيبن جو واهپو وڌائڻ. جو ته هونءَ به شاعر جيئن جيئن پختو ٿيندو ويندو آهي، تيئن تيئن سندس شعر مان ڏيک ۽ ٽڪسال سان گڏوگڏ ڏکين لفظن ۽ ترڪيبن جو واهپو گهٽبو ويندو آهي. هو لفظن ۽ ترڪيبن جي چونڊ کي سوڌي، سولو ڪري سگهي ٿو، بلڪ ڪندو ئي ويندو

تائين ان ڪري ڏيئي سگهيا آهيون جو هو ساز ۽ سماع جي پابندين هيٺ في البديهہ Extempore شعر چوندا هئا ۽ شاعريءَ کي دماغ سوزي ۽ علم جي اشتهار بازيءَ جو واهڻ نہ سمجهندا هئا، هنن لاءِ شاعري ڪن وجداني ڪيفيتن ۽ جذباتي سچاين جي اظهار جو واهڻ هئي. زنده شاعرن ۽ غير صوفي شاعرن کي ٻوليءَ بگاڙڻ جي اها رعايت ڏئي نہ ٿي سگهجي.

مٿين مثالن کي خيال ۾ رکي شيام جي فائدي ۾ اها ڳالهہ بخوبي چئي سگهجي ٿي تہ هو اهڙا لفظ نہ گهڙيندو آهي، جن مان ٻوليءَ جي بگڙجڻ جو انديشو هجي. شيام پنهنجا لفظ گهڙيندو ضرور آهي، پر اهڙا جن سان شاعريءَ ۽ ٻوليءَ جي خدمت ٿي سگهي. خوبصورت لفظن، فقرن ۽ صفتن جي گهڙ شيام جي شاعريءَ ۽ شخصيت جي انهن نمايان خوبين ۾ اچي وڃي ٿي، جي کيس موجوده دور جي ٻين شاعرن کان الڳ ڪري بيهارين ٿيون.

مرڪب لفظ

سنسڪرت، هندي خواهہ انگريزي ٻوليءَ جي شاعرن وٽ ٻن يا ٻن لفظن کان وڌيڪ لفظن کي پاڻ ۾ گڏي، نوان مرڪب لفظ ٺاهڻ جو رواج آهي. ان رواج انهن ٻولين کي مانيدار بڻائڻ ۾ هٿي ڏني آهي. خيالن ۽ جذبن جي اظهار لاءِ ٻوليءَ کي وڌيڪ رنگين، وڌيڪ وسيع بنايو آهي. هن ڏس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي شاعري ۽ سنڌي ٻوليءَ جون ٻيون ادبي شاخون گهٽ پٺتي پيل آهن.

ان حقيقت کان "شيام" شروع کان ئي باخبر نظر اچي ٿو. زنده شاعرن مان ٻيو ڪو شاعر ان ڳالهہ ڏانهن متوجہ ٿيل نظر نہ ٿو اچي. هيٺين چند مثالن مان ڏسندا تہ "شيام " ڪهڙي نہ سليقي سان مرڪب لفظ جوڙيا آهن.

پهريائين ڏسو سندس شاعريءَ جي مجموعن جا نالا: 1- ماڪ- ڦڙا، 2- رنگ-رتي لهر، 3- پنکڙيون ۽ روپ - مايا 4- روشن ڇانورو

ان بعد ڏسو هيٺان مثال :

1. "نينهن - نوازيل" اکيون نيائيون (ڪافي )
2. "ساهہ - سيبائيون" سندس رهائيون (ڪافي)
3. منهن پنهنجي ۾ ڏس "مرڪ - مڙهيل موهہ اجا " (رباعي )
4. هوءَ "ننڊ - ڦٽل" ڏس تہ ڪلي "ڪام - پٺي" (رباعي)
5. سنگيت ۽ "جيو - ڪنٺ" جيسين هوندا ( رباعي )

غير شاعراڻا لفظ

هڪ طرف ڪي شاعر آهن جي چاتل - سچاتل ۽ شعر و شاعريءَ ۾ مروج لفظن جو جوڳو ۽ شاعراڻو استعمال نہ ٿا ڪري سگهن، ٻئي طرف اياز ۽

شيام پارا شاعر آهن جي نون، غير مانوس، بلڪ غير شاعراڻن لفظن کي به پنهنجو فن ۽ شخصيت ڏيئي، چمڪائي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ اهي سنڌي لفظ جي سنڌين جي روزاني زندگيءَ ۾ ڪو رول ادا ڪن ٿا، مگر ظاهر غير شاعراڻا لفظ آهن، سي هن نئين سجاڳيءَ جي دور ۾، سٺي شاعر جو فن ۽ شخصيت پائي، اهڙو ته چمڪي ٻيهن ٿا جو پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جو ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ئي نه ٿو وڃي ته اهي ڪي غير شاعراڻا لفظ آهن. ان ڏس ۾ شيام جي شاعريءَ مان هيٺيان ٻه مثال پڙهڻ کان اڳ ذرا سوچي ڏسو ته چاچ ۽ گودڙي غير شاعراڻا لفظ آهن يا شاعراڻا:

صاف ڪير جڻن جوڀن تنهنجو،
نرم مکڻ جڻن تن من تنهنجو،
ڪير مکڻ سڀ سهڻي آهي،
چنڊ ته آهي "چاچ" ڇڙي، وو!
چنڊ جي کهڙي سونهن، ٻڙي وو! (ڪافي)

چتيون لڳل رنگين - ڪيڏيون ان تي آس جون،
هيءَ دل آهي ڪين - ڪا گودڙي فقير جي! (روشن چانورو )

سنڌي ترڪيبون

هن نئين سجاڳيءَ جي دور ۾، قريب قريب هر ڳٽپ ۾ ايندڙ شاعر ان ڳالهه ڏانهن ٿورو ڪي گهڻو ڌيان ڏنو آهي ته هو پنهنجي خيال يا جذبي جي اظهار لاءِ سنڌي لفظن، فقرن، مهاورن ڪانسواءِ سنڌي ترڪيبن جو به استعمال ڪري مثال:

هري دلڳي :
آهي در تي ڪڙو دلدار، اڙي مان صدقي.

اير ڪمل:
پريا جي وقت جي مرهم ها ڦٽ سي اڪلي پيا،
وري ملائي نظر سان نظر، چڱو نه ڪئي!

نياز همايوني:
پيچ پني، رات پُني، تون نه آئين، دادلا!

شيخ اياز:
"ڪٿا ڪنير ڪيچ مان"، ڪليا تنهنجا ڪيت،
مون وٽ مڙئي بيت، تو وٽ آهن آيتون!

شيام :
ڇا هير جي جهلڪن ڪان وڻن ۾ چرپر!
جهڙ ٿيندي پرندن جي دلين ۾ هُرڪُر!
برسات جي ڦڙ ڦڙ ۽ پکين جون لاتيون،
"چلڪي ٿي فضا پريل ڪٽوري وانگر!"

2. نوان فارم

اظهار لاءِ نئين تاجي - پيٽي ۾ نوان فارم بہ اچي وڃن ٿا، پر انهن کي سهوليتن لاءِ الڳ بہ ڪري سگهجي ٿو.

"شيام" باشعور ۽ جدت طراز شاعر آهي، هو سنڌي شاعريءَ ۾ موضوع خواهہ حيثيت يا فارم جي لحاظ کان هميشہ نوان نوان تجربا ڪندو پئي آيو آهي. اسين سندس نظمون ۽ آزاد نظمون، قطعون ۽ رباعيون، ڪافيون ۽ وايون، غزل ۽ سانيٽس، ڪند- ڪاويہ (روپ – مايا) ۽ ترائيل پڙهي چڪا آهيون. پنهنجي نئين ڪتاب "روشن چانورو" سان هو اسان جي اڳيان پنهنجي غزلن ۽ ترائيلن سان گڏ دوهن ۽ سورٺن جو مجموعو بہ پيش رکي رهيو آهي.

نوان فارم - لريڪل شاعري

"شيام" جي هن نئين مجموعي "روشن چانورو" جا چارئي وڀاڳ (غزل، ترائيل، دوها ۽ سورٺا) لريڪل شاعريءَ جي دائري اندر اچي وڃن ٿا.

عام طور لرڪ Lyric کي موسيقي ۽ لريڪل شاعريءَ کي موسيقيءَ جو احساس ڏياريندڙ شاعري سمجهيو ويندو آهي، حقيقت ۾ لرڪ ۽ لريڪل لفظن جو مفهوم موسيقيءَ تائين محدود نہ آهي.

اصل ۾ ماحول يا خارجي حالتن ڪان متاثر ٿي، يا داخلي ڪيفيتن جي ترجماني ڪندي، شاعريءَ جي روپ ۾ جا چيز بي ساختہ، يا خود بخود يا بنا ڪنهن خاص ڪوشش جي، شاعر جي منهن مان نڪري ٿي سا لريڪل شاعري آهي. لريڪل شاعريءَ جو بنيادي واسطو جذبي يا جذبات سان آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻاهرين ماحول جو اثر بہ پهريائين شاعر جي دل تي ٿئي ٿو ۽ داخلي ڪيفيت جو اثر بہ دل سان واسطو رکي ٿو. دل تي ٿيندڙ اهو بنان لفظن وارو بنيادي اثر لفظن واري چٽائي حاصل ڪري جذبي جي روپ ۾ شاعريءَ ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن

ڪڏهن دل تي ٿيندڙ اهو بنان لفظن وارو بنيادي اثر لفظن واري چتائي حاصل ڪندي جذبي سان گڏ ڪنهن نئين خيال کي بہ پيدا ڪري شاعريءَ ۾ داخل ٿئي ٿو، لفظن جي جوڙت ۽ جملن جي ترتيب مان جيڪو جذبو بي ساختہ، يا خوف بخود يا بيان ڪنهن خاص ڪوشش جي پيدا ٿيل لڳندو، اهو لريڪل جذبو چئبو، جيڪو لريڪل جذبو شاعريءَ ۾ داخل ٿيندي ٿيندي پاڻ سان گڏ اهڙي نئين خيال کي پيدا ڪري وٺندو، جو ان جذبي تي ڇانئجي وڃي تہ اهڙي خيال کي لريڪل خيال چئبو.

پر عام طور اهو لريڪل جذبي ۽ لريڪل خيال وارو پيد شاعريءَ ۾ نہ ڪيو ويندو آهي، اهو پيدا انهن شاعرن جي شاعريءَ ۾ ڪري سگهبو جي خاص طور لريڪل شاعر هوندا، يعني اهي شاعر جن جي لفظن جي جوڙت ۽ جملن جي ترتيب مان بي ساختي جو اهاءُ تہ ملندو پر ان سان گڏوگڏ هلڪي موسيقي جو حظ بہ. اڄ اسان وٽ اهڙا رڳو بہ شاعر آهن، جن کي خاص طور لريڪل شاعر چئي سگهجي ٿو: شيخ "اياز" ڪانپورءِ تنوير عباسي.

اظهار جي لحاظ کان لريڪل شاعريءَ جي گهٽ ۾ گهٽ تقاضا آهي، جذبو ۽ وڌ ۾ وڌ خيال، لفظن جي جوڙت ۽ جملن جي ترتيب جي لحاظ کان لريڪل شاعريءَ جي گهٽ ۾ گهٽ تقاضا آهي رواني، ۽ وڌ ۾ وڌ غذائيت يا موسيقي. هتي ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪرڻ بہ بي موقعي ڪين ٿيندو تہ شعر کي وزن ۾ پچي پچي چوڻ سان يا وزن ۾ پچي پچي پڙهڻ سان تہ شعور ۾ موسيقي پرجي سگهندي نہ ڪي ان مان موسيقيءَ جو رس يا حظ ئي ملي سگهندو.

مثال طور: هيٺين مطلع وارو سڄو غزل وزن ۾ پچي پچي چيو ويو آهي:

ڪپت دل ۾ - ڏري ڪيچي - ٿهي ڪي - ڏينہ - هہ ٿهري ويا،

پلاٽي اٿ - ڪٿي زوري - پنهل هو را- ت پهري ويا. (نئين دنيا)

ان غزل لاءِ ائين تہ چئي سگهبو تہ منجهيس موسيقي پري ويئي آهي يا ان کي پڙهڻ يا ٻڌڻ مان هلڪي موسيقيءَ جو رس ملي ٿو. ماڳهين، ائين چئي سگهبو تہ جنهن وقت شاعر صاحب اهو غزل چيو آهي تنهن وقت هو صاحب روانيءَ جي معنيٰ ۽ انهي اهميت کي هڪدم وساري چڪو آهي ۽ وزن پيماني ڪندي هڪ سيڪڙات شاعر جو رول ادا ڪيو اٿس، ورنہ، جنهن شاعر صاحب اهو غزل چيو آهي سو ضرور ڄاڻي ٿو تہ وزن جو استعمال صوتي نظام Sound pattern ۾ هڪ لهر، هڪ undertone جهڙي اهميت رکي ٿو. آلڊو هڪسلي پنهنجي ڪتاب Vulgartity in literature ۾ ايڊگر ائلن پو جي شاعريءَ ۾ وزن جي باري ۾ بحث ڪندي، سٽن کي وزن ۾ پچي پچي شعر چوڻ واري "وزن پيمانيءَ" کي

Vulcgar metre سڏيو آهي.
لريڪل شاعري، جون گهڻ ۾ گهڻ تقاضائون بي ساختگي ۽ روزاني "شيام" بخوبي پوريون ڪري ٿو، پر هو لريڪل شاعري، ۾ جذبي ۽ خيال جي جيڪا گهرائي ۽ نواڻ رکي ٿو اچي سا ڪيس موجوده دور جي سنڌي شاعرن ۾ ممتاز ڪري بيٺي آهي.

## نيون ڏارائون يا رجحان

### 1.نئين ڪلاسيڪل Neo-classical شاعري

مذڪوره نئين سجاڳي، جي ڪري سنڌي شاعري، ۾ هڪ رجحان آيو آهي، وقت جي تقاضائن مطابق ڦير گهير ڪرڻ سان پنهنجي سنڌي ڪلاسيڪل شاعري، کي نئين سر جاڳائڻ.
ان شاعري کي هيٺين طرح زور وٺائي سگهجي ٿو.
1- ڪلاسيڪل فارمس وايون، ڪافيون، بيت ڏوهيڙا وغيره ۾ شاعري ڪرڻ سان ۽ انهن فارمس ۾ اڃا بہ ڪجھ اضافو ڪرڻ سان، جيئن ڪ "شيام" پنهنجي هن مجموعي "روشن چانورو" جي دوهن ۽ سورٺن سان ڪري رهيو آهي.
2- سنڌي ڪلاسيڪل شاعري، جي ڪردارن مومل – راڻو، ليلا، چنيسر، سهڻي ميهار وغيره کي کڻي، حسن ۽ محبت جي لازوال افسانن ۾ نوان رنگ ڀرڻ سان، جيئن ڪو تنوير عباسي، پنهنجي شعرن جي مجموعي "رڳون ٿيون رباب" ۾ ڪيترن ڪلاسيڪل ڪردارن کي کڻي، چند نظمن رستي ڪيو آهي ۽ جيئن ڪ شيام بہ "سردار ڪري واپار، سهڻي ٿانو ٺڪر يا وڪڻي" ۽ "ليلا جي پشيماني" نظمن رستي سسئي - پنهون ۽ ليلا - چنيسر جي ڪردارن ۾ نوان رنگ ڀريا آهن.
3- سنڌي ڪلاسيڪل شاعري، جي ڪردارن سان واسطو رکندڙن ڳالهين، خواهہ سنڌين جي لوڪ - ڪٿائن، ڏاند - ڪٿائن معرفت، توڙي ٻي طرح ڄاتل، سڃاتل ڳالهين کي اختصار ۽ اشاري طور ڪم آڻي، سنڌي شاعري ۾ سنڌي تلميحات allusions جي ذخيري جو استعمال ڪرڻ سان، ان ذخيري کي وڌائڻ ۽ اوچ ڏيڻ سان.
4. نئين ڪلاسيڪل شاعري، ۾ مسلمانن ۽ هندن جي ڏند - ڪٿائن ۽ سنسڪرت جي ڪلاسيڪل شاعري، ۾ ملندڙ ڪردارن کي بہ پيش ڪرڻ سان انهن ڪردارن سان واسطو رکندڙ ڳالهين کي بہ تلميحات جي طور استعمال

ڪرڻ سان.
هن ڏس ۾ به شيام شروع کان باخبر ۽ بامقصد نظر اچي ٿو، هن سنسڪرت جي ڪلاسيڪل شاعريءَ خواهه هندن جي ڏند ڪٿائن ۾ ملندڙ مينڪا اپسرا ۽ وشوامتر رشيءَ جي ڪردارن کي پنهنجي طويل نظم ”روپ مايا“ ۾ ڪمال خوبي سان اجاگر ڪري سنڌي شاعريءَ تي اهو احساس ڪيو آهي جو سدائين پيو ڳائبو. نئين سجاڳيءَ جي دور کان اڳ چيل شيام جي شعرن ”ماڪ ڦڙا“ ۾ اسان کي هڪ طرف مدن يا ڪامديو ۽ سندس زال رتيءَ جو ذڪر ملي ٿو ۽ ٻئي طرف سندس ”رنگ - رتي لهر“ جي پهرئين غزل ۾ مسلمانن جي ڏند ڪٿائن مان عمر خضري ۽ (يدبيضا) جي تجلي جون تلميحون ملن ٿيون.

د-سنڌي شاعري عربي ۽ پارسي ٻوليءَ جي بحر وزن سان گڏوگڏ سنسڪرت ۽ هندي ٻوليءَ جي ماترڪ ڇندن ۾ به ڪرڻ سان سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو ڍانچو، سڳوري شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جو ڍانچو جنهن کي اسين خاص سنڌي بيت (۽ وائي) ٿا چئون، سو به بنيادي طور ماترڪ ڇندن تي ٻڌل آهي. ڇاڪاڻ ته ماترڪ ڇندن جي ڄاڻ ماڻهن کي تمام ٿوري آهي، ان ڪري هت ماترڪ ڇندن سان واسطو رکندڙ ٻن ٽن بنيادي ڳالهين جو ذڪر ڪرڻ شايد بي موقعي نه ٿئي.
پارسي وزنن جا رڪن ۽ ماترڪ ڇندن جون ماترائون پاڻ ۾ ڪنهن حد تائين مٽائي سگهجن ٿيون.
ماترڪ ڇندن ۾ ٻن قسمن جون ماترائون ٿين ٿيون هڪ لگهُو يا ننڍي ماترا ( برابر هڪ متحرڪ حرف جي) ۽ ٻي گرُو يا ديرگهه يا وڏي ( يعني ٻن حرفن مان ٺهيل هڪ ماترا جنهن جو پهريون حرف متحرڪ ٿيندو ۽ ٻيو حرف غير متحرڪ.)
ماترڪ ڇندن ۾ پارسي بحر - وزن وانگر ضروري نه آهي ته متحرڪ حرف (ڪو به اهو حرف جنهن کي زبر يا زير يا پيش جي اعراب هجي) جي جاءِ تي متحرڪ حرف ۽ غير متحرڪ (ساڪن يا مجذوم يا مائيٽو) حرف جي جاءِ تي غير متحرڪ حرف اچي.
ماترڪ ڇندن مطابق هر - وزن سٽن جي ماترائن جو جوڙ ساڳيو هجي، اها ئي بنيادي تقاضا آهي. ان بعد ٻي تقاضا آهي، يت يا چرڻ يا بيهڪ Pause جو خيال رکڻ لاءِ ۽ ٽين (موسيقيءَ جي لحاظ کان) تقاضا آهي ته هڪ لگهو ماترا ۽ ٻيءَ لگهو ماترا جي وچ ۾ هڪ گروءَ ماترا کان وڌيڪ گرو ماترائون نه هجن.
۽ هت اهو ٻڌائڻ به شايد بي موقعي نه ٿيندو ته ”روشن چانورو“ جي دوهن ۽

سورٺن جي ٽيڪنڪ سان نباهڻ لاءِ شيام هيٺين ڳالهين جو ڌيان رکيو آهي:
"دوهو ٻن مصرعن جي نظم يا ڇند آهي، هر مصرع ۾ 22 ماترائون ٿين ٿيون. 13 ماترائن کانپوءِ يت Pause ايندو، ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ هر مصرع ۾ ٻہ چرڻ ٿين ٿا، پهريون چرڻ 13 ماترائن جو ۽ ٻيو 11 ماترائن جو. اهڙي طرح دوهي جو پهريون ۽ ٽيون ۽ ٻيو ۽ چوٿون چرڻ سمان ٿين ٿا. 13 ماسترائن واري چرڻ جي لغت ۾ "فعول " رڪن ڪم اچڻ نہ گهرجي ۽ 11 ماترائن وارن چرڻ جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ گرو ۽ لگهو ماترا (يعني فاع ) هئڻ لازمي آهي، 11 ماترائن وارا چرڻ ئي هم قافيہ ٿين ٿا."
"سورٺو آهي الٽو دوهو يعني پهرئين ۽ ٽئين چرڻ ۾ 11 ماترائون ۽ ٻئي ۽ چوٿين چرڻ ۾ 13 ماترائون، قافو وري بہ 11 ماترائون واري چرڻ ۾ رهندو.
هن مجموعي جي دوهن ۽ سورٺن سان شيام سنڌي زبان جي نئين ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ اضافو ضرور ڪيو آهي، پر ان اضافي جو بهتر اندازو تڏهن لڳائي سگهبو جڏهن اڳتي هلي سندس دوهن ۽ سورٺن جي پيٽ ۾ٻين شاعرن جي دوهن ۽ سورٺن (جي هن مجموعي جي اشاعت بعد لکيا ويندا) سان الڳ الڳ پهلوئن کان ڪئي ويندي.

2- <u>جمالياتي شاعري</u>
هن نئين سجاڳيءَ جي هڪڙي خصوصيت اها بہ آهي جو ڪيترا شاعر شعوري، نيم شعوري، خواهہ غير شعوري طور جمالياتي شاعريءَ طرف بہ متوج ٿيا آهن.
شيخ "اياز " ۽ نارائڻ "شيام " خاص طور اهي بہ شاعر هن نئين سجاڳيءَ جي دور جي آغاز کان اڳ يا مهراڻ رسالي جي اشاعتن کان اڳ ئي جمالياتي شاعري ڏانهن متوج ٿيل نظر اچن ٿا. اياز جي حالت ۾ اهو اندازو مهراڻ جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ لکيل سندس شعرن مان خصوصن مهراڻ رسالي جي پهرئين پرچي ۾ شايع ٿيل سندس شعرن مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. شيام جي حالت ۾ اهو اندازو مهراڻ جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ سندس ڇپيل ۽ شايع ڪرايل ڪن غزلن ۽ رباعين سان ۽ خصوصن سورٺن، سانيٽس جي طويل نظم "روپ - مايا" مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.
جديد سنڌي شاعريءَ ۾ جمالياتي شاعري انهن ٻن شاعرن اياز ۽ شيام جي معرفت ئي آئي آهي ۽ سندن ئي سهاري ترقي پيئي ڪري. جيتوڻيڪ هن وقت تائين اهڙي قسم جي شاعري ڪرڻ لاءِ مهراڻ رسالي جي معرفت ٻيا بہ ڪيترا شاعر شعوري، نيم شعوري يا غير شعوري طور ڪوشش ڪندا نظر اچن ٿا،

پر اياز ۽ شيام پنهنجن ڪامياب ۽ ناڪامياب تجربن سان ان ڏس ۾ اجا تہ باقي شاعرن جي پهچ ڪان پري پيا نظر اچن.

چاڪاڻ تہ جمالياتي شاعري ڪرڻ جو رجحان هڪ اعليٰ رجحان آهي ۽ چاڪاڻ تہ مان چاهيان ٿو تہ سنڌي شاعريءَ ۾ اهو رجحان وڌي - ويجهي، ڦلي - ڦهلي ان ڪري مان جمالياتي شاعريءَ جو ذرا وضاحت ۽ طوالت سان ذڪر ڪندس. جمال معنيٰ سونهن يا حسن، جمالياتي معنيٰ سونهن يا حسن متعلق. جماليات ۾ حسن جي معنيٰ آهي ڪشش، يعني جماليات ۾ اها ئي چيز حسين آهي جنهن وٽ ڪشش آهي، پل تہ اها چيز ڪنهن کي ڏسڻ ۾ حسين نہ لڳي، بلڪ پل پوءِ اها چيز ڏسڻ ۾ اچي يا نہ اچي. ان ڪشش جا ذريعا آهن پنج حواس، ڏسڻ جو، ٻڌڻ جو، ڇهڻ جو، سنگهڻ جو ۽ چکڻ جو ۽ ڇهون احساس Instinct or feeling. جمالياتي شاعر جسماني حسن ڪان نہ رڳو مجموعي طور متاثر ٿيندا آهن، پر ان جي هر عضوي، هر انگ، هر رنگ ۽ ڪشش ڪان پڻ. جمالياتي شاعري جي باري ۾ اها ڳالهہ فراق گورکپوريءَ جي هيٺين ٻن شعرن مان واضح آهي:

زبان حال سي پانچون حواس بول اٿي،
ڪئي ثبوت تري خوبئي بدن ڪي ملي.

جو سن سڪي ڪوئي هر عضو بات ڪرتاهئہ
نظر نظر هئہ تڪلم، ادا ادا گفتار.

جمالياتي شاعريءَ جو اهاءُ غالب وٽ بہ آهي تہ جگر مراد آباديءَ وٽ بہ. پر جمالياتي شاعري جو اهو رنگ، جو پنهنجي اپياسي شاعرن کي بہ رنگي ڇڏي، سو سنسڪرت جي ڪلاسيڪل شاعرن ڪان پوءِ اسان لاءِ سنڌي جي سڳوري شاهہ، بينگاليءَ جي ٽئگور ۽ اردو جي فراق گورکپوريءَ وٽ ئي آهي. اياز ۽ شيام انهن ٽنهي شاعرن جو اپياس ڪيو ٿو ڏسجي، ۽ ٽنهي مان ٽئگور جو شايد گهٽ. چو تہ ٽئگور جي جمالياتي شاعريءَ ۾ جيڪو نظم جو سلسلو ۽ ڦهلاءُ آهي سي ٻئي چيزون اياز ۽ شيام جي جمالياتي شاعريءَ ۾ اجا نظر نہ ٿيون اچن. اجا ٻئي پنهنجي جمالياتي شاعري، گهڻو سو، الڳ الڳ بيتن يا غير مسلسل غزلن جي ڪن شعرن معرفت پيا ڪن.

اسان جو شاهہ داخلي subjective ڪيفيتن جي اظهار ڪرڻ ۾ ۽ مشاهدو ماڻڻ ۾، تنهن ۾ بہ داخلي مشاهدو ماڻڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. قدرت جي نظارن جي، خواهہ انساني حسن جي مصوري ۽ فضا آفريني ٽنهي شاعرن وٽ بخوبي موجود آهن، پر قدرت جي بيجان چيزن ۾ جان وجهي، ارد گرد جي ماحول کي

اياري انهن چيزن ۾ ماحول جي وچ ۾ پنهنجي محبوب جي حسن کي چمڪائي خارجي Objective مشاهدو ماڻڻ ۽ ماڻائڻ ۾ ٽئگور پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هڪ حواس جا محسوسات ٻئي حواس جي محسوسات مان اپارڻ، اهو ٽئگور وٽ به آهي ۽ خوب آهي پر فراق هڪڙن حواسن جو ڪم ٻين حواسن کان اهڙي ته باريڪيءَ سان ورتي ٿو، جو سندس حواسن جي ڳوت Inter-play of scenses ٽئگور جي حواسن جي ڳوت کان وڌيڪ پيچيدي ۽ تهدار Complex ٿيو پوي. انهيءَ ڪري فراق جي جمالياتي شاعريءَ کان جلدي متاثر ٿيڻ ڏکيو ٿيو پوي.
جمالياتي شاعريءَ جي باري ۾ مٿي چيل ڳالهه کي خيال ۾ رکي مان هتي ٿورا مثال شاهه، ٽئگور ۽ فراق جي شاعريءَ مان ڏيئي، ان بعد شيام جي شاعري مان ڪجهه مثال پيش ڪندس.
شاهه

اپر چنڊ! پس پرين، تو اوڏا مون ڏور،
سڄڻ ستا ولهه ۾، چوٽا پري ڪپور،
پيرين آئون نه پڄڻي، ٻاٻل ڏي نه ٻور،
جُهه تي چڙهي اسور، سنجهي سڄڻ سيڻيان.

مرحوم شاهواڻي صاحب ”سرڪنيات“ جي هن بيت جي مٿان پنهنجو روحاني راز مڙهيندي سڄڻ کي حضرت محمد صلعم جي ذات سان منسوب ڪيو آهي ۽ ”تو اوڏا مون ڏور“ تي سونهاري سنڌ ۽ مديني منور جا مطلب مڙهيا اٿس. حقيقت هيءَ آهي: شاهه جي شاعريءَ جي تاجي پيٽي تي هندي ڪوتا ۽ ڪوين جو اثر پيل آهي. تاجيءَ جي لحاظ کان شاهه هندي جي ماترڪ ڇندن ۾ شاعري ڪئي آهي، پيٽي جي لحاظ کان، مکيه ۾ مکيه اثر اهو آهي ته هندي ڪوتا وانگر شاهه جي شاعريءَ ۾ عشق جو اظهار مرد جي حق ۾ عورت ڪري ٿي. هن سلسلي ۾ اها ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي ته شاهه جي عاشق سورمين جا سورما عمومن وڏ - گهراڻا هار سينگار ڪندڙ سهڻا شهزادا يا راجڪمار آهن.

۽ هاڻي ڏسو جمالياتي شاعريءَ جي رنگ ۾ چيل مٿئين بيت جي معنيٰ عاشق عورت کي ڪليءَ هوا ۾ تيل، ڦليل ڪري ستل محبوب جي وارن مان هڪ دوريءَ تان خوشبو جواحساس ٿئي ٿو. ان احساس کي ڪٿي هو چاهي ٿي ته محبوب جي اٿڻ کان اڳ، هوءَ ڪنهن طريقي وٽس پهچي ۽ تيل ڦليل ڪري ستل محبوب جو حسن ڏسي پر جيئن ته عورت کان سندس محبوب ايترو دور آهي جو پيرين پنڌ وڃڻ سان هوءَ رات جو رات ۾ وٽس پهچي نه ٿي سگهي ۽

جيئن ته سنڌس پيءُ وٽ ڪنواٽ ته ڪونهي، جنهن تي اسر ڏاري چڙهي، محبوب جي ننڊ مان اٿڻ کان اڳ، وٽس پهچي سنڌس حسن جو ديدار ڪري انهيءَ ڪري ڪيس خيال آيو آهي ته جيڪڏهن محبوب جو ديدار مان نه ٿي ڪري سگهان ته منهنجو همراز چنڊ ٿي سهين:

ابر چنڊ.....الخ......

شاهه جي جمالياتي شاعريءَ جا ٻه ٽي ٻيا مثال :

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

هن تاري، هن جاءِ، هت مهجا سپرين،
سڄڻ ماڪي ساءِ، ڪڙا ٿين نه ڪڏهن.

درد نه لهي دارئين، زلف زور ڏنوم،
ڪاڪُل ڪال ڏنوم، رخساري تي روپ سين.

تنگور

تون اهڙي سهڻي آهين جهڙي شام

هن شعر يا شعر جي سٽ موجب سنڌريءَ جي سونهن جو احساس تيستائين نه ٿي سگهندو، جيستائين ان ڳالهه جو احساس نه ٿيو آهي ته شام جي وقت کي هڪ پنهنجي سونهن آهي، جا ڪنهن چيز ۾ ڏسي نه ٿي سگهجي پر شام جي وقت ڪنهن ماحول ۾ جدا جدا حواسن ۽ احساس جي ذريعي هڪ اثر جي صورت ۾ پائي سگهجي ٿي. ۽ جماليات ۾ سونهن معنيٰ ڪشش. شاعر جهڙي ڪشش ڪنهن شام جي ماحول ڏانهن اڳ ۾ محسوس ڪئي آهي اهڙي ئي ڪشش هاڻي ڪنهن سنڌريءَ کي ڏسي محسوس ڪري ٿو. انهيءَ ڪري چوي ٿو: تون اهڙي سهڻي آهين جهڙي شام.

ڪجهه ٻيا مثال :

مون ڪجهه نه گهريو، رڳو ٻنيءَ جي آڳنڌ تي،
وڻ جي پويان بيٺو رهيس.
اچا پربات جي پلڪن تي،
سستي ستل پئي ڏٺي،

۽ ماڪ هوا ۾ موجود.
پڳل گاهه جي موڳي موڳي خوشبو،
اڇا ڌرتي جي مٿان
ڪوهيڙي ۾ اٽڪي بيٺي هئي،
ڪشادي بڙ هيٺان تو
پنهنجن مکڻ جهڙن نرم
۽ تازن هٿن سان ڳانءِ مان کير پئي ڏڌو،
۽ مان چپ چاپ بيٺو ئي رهيس،
مون کان هڪ لفظ نہ اڪليو،
اهو هڪ اڳيات پڪي ئي هو،
جنهن ڪنهن جهڳٽي مان لڪي پئي ڳاتو.
انب جو وڻ، ڳوٺ جي رستي تي،
ڳلن جي چايا وجهي رهيو هو
۽ ماکيءَ جون مکيون
هڪ ٻئي پٺيان ڀڻڪاريندي يون پئي آيون.
تلاءِ طرف، شوَ جي مندر جو دروازو کلي ويو هو
۽ پوڄاري پنهنجي ڌني بلند ڪئي هئي.
ڳوڏن تي ٽانوءُ رکي تون کير ڏهندي رهئينءَ.
مان بيٺو ئي رهيس، خالي برتن کٽي.
مون توڏانهن سري اچڻ جي نہ ڪئي،
مندر جا گهنڊ وڳا تہ آسمان جاڳي پيو.
ڳانئين - مينهن جي اچڻ ڪري، رستو رئي سان پرجي ويو.
ڪمر تي ڇلڪندڙ گهاگهريون ڪٽي، زالون نديءَ تان موٽي آيون.
تنهنجين ٻانهن ۾ ڪنگڻ وڄندا رهيا،
کير جي ڳج تنهنجي برتن جي مٿان بہ وري آئي.
صبح جي روشني ڦهلجندي رهي،
۽ مون توڏانهن سري اچڻ جي نہ ڪئي.

وڌيڪ مثال : هڪ عورت جا پير.
ڌرتيءَ جي سيني تي بہ آواز پيرن جا.
ٻہ سست، گلابي، نازڪ پير!

ڏرتي ياد ٿي ڪري آئي سوين بهارون،
هڪ مسلسل خواب اڻڳڻپ گلن جي ڇهاءَ جو،
پرپور، اپريل لال گل سئو بهارن جا،
ڇڻجي سمائجي ويا آهن گلابي پيرن ۾،
اپرنڌڙ ۽ لهنڌڙ سورج جو شعاءُ
غروب ٿي چڪو آهي پاڇي ۾ ٻن پيرن جي.
اهي پير رستي تي جوڀن جا گيت وڄائيندا هلن ٿا،
پازيب پيرن سان لڳي سڏڪي اٿن ٿا،
۽ رقص هڪ شيرين جادوءَ وٽ قيد ٿيو وڃي.
زمين بيرحم آهي ۽ فرش خشڪ ۽ سخت،
اڄ، اڙي، او اڄ، تون منهنجيءَ دل ڏانهن،
جتي منهنجي تمنا جو لال ڪنول،
شرم کان ڳاڙهو ٿي ڪرڻ تي آهي .
تون گل وانگر ٿڌا ساهه ڪڻندي نمين ٿي
۽ ڪرين ٿي منهنجي سيني تي .
ادرشيه ماڪ- ڦڙن وانگر تنهنجا لڙڪ لڙن ٿا
۽ منهنجي دل پسي وڃي ٿي.
تنهنجي خوشبو جا خاموش جزا
منهنجي هستيءَ ۾ گهڙي،
منهنجي موڪ آتما کي آنند جي سينن جو رهيسه ٻڌائن ٿا.
سپرش جو آنند منهنجين اکين ۾ ننڊ جو خمار پري ٿو،
منهنجن سيني عضون تي تنهنجون مليون ڇُرن پُرن ٿيون
نمندي ۽ ٿڌا ساهه پريندي،
تون هڪ گل وانگر منهنجي سيني تي ڪرين ٿي.

<u>فراق</u>

انسان کي پيڪر ۾ اُتر آيا هئه ماهه،
قد يا چڙهتي ندي هئه امرت کي اٿاهه،
لهراتي هوئي بدن پہ پڙ تي هئيہ جب آنک
رس کي ساگر ۾ ٻوب جا تي هئه نگاهه.

مٿينءَ رباعي ۾، فراق هڪ حسينہ جي پيڪر يا آڪار جو مجموعي طور

خارجي مشاهدو ماڻڻ سان گڏ سندس قد جو مشاهدو الڳ طور به ماڻيو آهي. هن حسينا جي قد جي پيٽ امرت جي چڙهندڙ نديءَ سان ڪئي آهي، چڙهندڙ ندي ڏسڻ جي حواس کي متاثر ڪري ٿي، امرت چکڻ جي حواس کي، سنسڪرت ۽ هنديءَ وارا ڪلا کي پرکڻ لاءِ، ان کي رس (آنند يا اثر) جي ڪسوٽي تي پرکيندا آهن. هن شعر مطابق شاعر کي حسينه جي لهرائيندڙ بدن ايترو ته متاثر ڪيو آهي، ايترو ته رس يا آنند ڏنو آهي جو شاعر ان اثر جي ڦهلاءَ جي پيٽ ساگر سان ڪئي آهي. ڊوب جائي هئه نگاهه، سان شاعر جو مطلب آهي ته رس يا آنند جي ان مٺي ساگر (امرت جي اٿاهه ندي) ۾ سندس ڏسڻ جو حواس ڪوئجي ٿو وڃي، پنهنجي چيتنا Consciousness پلجي ٿو وڃي. فراق گورکپوريءَ اردو شاعريءَ جي انهن نقادن جا قلم ٽوڙي ڇڏيا آهن، جي ربط ۽ بندش جي ظاهري توازمان کان اڳتي وڌي نه سگهندا آهن. فراق جي جمالياتي شاعري رس يا تاثير جي ڪسوٽيءَ تي ئي پرکي سگهجي ٿي، سندس شاعريءَ جو رس وٺڻ لاءِ سندس شاعريءَ کان متاثر ٿيڻ لاءِ توفيق کپي ٿي، تربيت کپي ٿي. مثال طور فراق جا هيٺيان شعر ڏسو، جن جي خوبي ”چو؟“ ۽ ”ڪيئن؟“ جي روايتي سوالن ۽ انهن جي روايتي جوابن جو بوجو ڪٽي نه سگهندي.

2- اي جانِ بهار تجهه په پڙتي هئه جب آنک،
سنگيت کي سرحدون کو چُو ليتا هون.

3- سکوت رات کا جس وقت چيڙتا هئه ستار،
کبي کبي تري پائل کي آتي هئه جهنکار.

4- رنگت هئه ک گهنگرئون کي مترَ جهنکار،
جوبن هئه ک پڇلي رات بجتا هئه ستار.

5-کروٽ رس کي سريلي کويتا هئه بدن،
اُٿتي هوئي درد کا ترانه هئه بدن،
رادها کي آنسوئون کي هِلتي هوئي تار،
کل گوپيون کي برهه کي پيڙا هئه بدن.

هن مشيني دور جي شاعر، انگريزي ادب جي پروفيسر رگهو پتي سهاءِ ”فراق“ جي شاعريءَ جون هي پُر پيچ باريڪيون، حواسن ۽ احساسن جي هيءَ ڳوٽ به

نقش قدم يا روشن جوت
چال سنڌ يا ديپڪ راڳ!

ڪومل جسم هي وڄندڙ ساز
روپ متر ڄڻ راڳ وهاڳ.

ڪوئل ڪاري ڪارا نيڻ
نگهہ نگهہ ڄڻ منڙي لات !( رنگ - رتي لهر)

*****

چانڊوڪيءِ جي آرسي - روپهلي ايڪانت،
پنهنجي سونهن ڏسي ڏسي، ڳائي پيئي سانت.

متر روپہ متر متر، پايل جي جهنڪار،
ڦوهہ جواني ڄڻ وڄي، آڌيءِ رات ستار.

دلڪش لهر خيال جي، راڳ - ناچ جو روپہ
جئن چانڊوڪي رات ۾ گنگا - ڌارَ اَنوپ. (روشن چانورو)

جمالياتي شاعري ماديت ۽ روحانيت جي دلڪشين کي هڪ هنڌ ۾ سموئي ڇڏي ٿي ۽ پنهنجين باريڪين ۽ نفاستن سان وسعتن ۽ گهراين سان اسان جي حواسن ۽ احساسن کي تهذيبي تربيت ڏئي ٿي، جا شاعري اهڙا پاڳ ادا ڪري ٿي، تنهنجي اهميت ۽ درجي جو هر ڪو اندازو لڳائي سگهي ٿو. سنڌي شعر ۾ جمالياتي شاعري جو ذخيره وڏائڻ وارن شاعرن جي اهميت ۽ سندس شاعراڻو درجو اڳتي هلي مقرر ٿيندو اچ رڳو اسين اياز ۽ شيام کي سلام ڪري ڪائن ۽ ڪن ٻين شاعرن کان جمالياتي شاعريءِ جو ذخيره اڃا بہ وڏائڻ جي ئي تقاضا ڪري سگهون ٿا.

<u>3. ڪائناتي شاعري</u>

ڪائناتي شاعري هڪ ڌارا يا رجحان جي حيثيت ۾ اسان جي شاعري ۾ موجود ڪانهي. اهڙي قسم جي شاعري هڪ ڌارا يا رجحان جي حيثيت ۾ سياڻي بہ اسان جي شاعري ۾ موجود نہ هوندي، شايد. جو تہ ايڪڙ ٻيڪڙ شاعر ئي اهڙي شاعريءِ جي بلندين تي پهچي سگهي ٿو.

چاڪاڻ تہ نيچر پوئٽري Nature Poetry وانگر، جمالياتي شاعري بہ اڳتي وڌي ڪائناتي شاعريءِ جون جهلڪون پسائيندي آهي يا هر سٺو جمالياتي شاعر ڪائناتي شاعريءِ جون جهلڪون بہ پسائيندو آهي ۽ مان شاهہ، ٽئگور، فراق،

اياز ۽ شيام وٽ ڪائناتي شاعري، جون ڪي جهلڪون پسي چڪو آهيان ۽ چاڪاڻ تہ اهڙيون جهلڪيون هن نئين سجاڳيءَ جي دور جي شاعر وٽان اجا بہ وڏيڪ ڏسڻ چاهيان ٿو، تنهن ڪري ائين ٿي سمجهو تہ مون پنهنجي هڪ مٺي مٺي حسرت يا هڪ لطيف لطيف خواهش کي ڪائناتي شاعريءَ جي رعبدار عنوان هيٺ آندو آهي ۽ ان عنوان کي هڪ معاف ٿي سگهڻ جهڙي غلطيءَ وچان، نئين سجاڳيءَ جي دور جي ڌارا يا رجحان مڃيو آهي. ان دور جي ڌارا يا رجحان جيڪو اجا چالو آهي.

ڪائناتي شاعريءَ لاءِ مون وٽ ڪهڙو مفهوم آهي سو مان ٿورو واضح ڪندس. اسان جي روزاني زندگيءَ جي مشغولين کان ٻاهر بہ هڪ دنيا آهي، جنهن کي فطرت، قدرت يا نيچر ٿو چئجي، ان دنيا کي فطرت نگاريءَ يا نيچر پوئٽري جي رستي پائي اسان جي دنيا وسيع ٿي وڃي ٿي.

قدرت جي نظارن واري شاعري نيچر پوئٽري جو عام مفهوم يا فطرت نگاري اسان جي حواسن ۽ احساسن کي تازگي بخشي ٿي، اسان ۾ عجب ۽ خوشيءَ جا ڀاو Wonder and delight جاڳائي ٿي ۽ ڪڏهن زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ هلڪن اشارن جي روپ ۾ ڪي سبق بہ ڏئي ٿي.

نيچر پوئٽري ۾ اسين پنهنجي روزاني زندگيءَ واري دنيا کان مانسڪ طور ڇڇي عجب ۽ خوشيءَ جي احساسن کي ڪٺي، ٻاهرين دنيا ۾ پاڻ کان دور جي دنيا ۾ پهچي وڃون ٿا. ڪائناتي شاعريءَ ۾ شاعر ٻاهرين دنيا جي چيزن کي دور جي دنيا جي چيزن کي اهڙي نموني پيش ڪري ٿو جو اهي نفسياتي يا نظرياتي طور اسان جي دنيا جو هڪ حصو اسان جي زندگيءَ جو هڪ جزو بڻجي وڃن ٿيون.

جمالياتي شاعري ماديت ۽ روحانيت جي دلڪشين کي هڪ ٻئي ۾ سموئي ڇڏي ٿي ۽ پنهنجين باريڪين ۽ نفاستن سان، وسعتن ۽ گهراين سان اسان جي حواسن ۽ احساسن کي تهذيبي تربيت ڏئي ٿي. جمالياتي شاعري اڳتي وڌي جڏهن فطرت جي چيزن کي پنهنجو همراز بڻائي انهن کي حسن ۽ عشق جي زندگيءَ سان ڳنڍي ڇڏي ٿي، تڏهن اها ڪائناتي شاعري بڻجيو پوي. مثال:

ترسي رهندي ڪيترو - ويچاري هيءَ رات،
آءُ سڄڻ، هاڻي سگهو، تارن کي نہ ثبات. (روشن چانورو)

اڄڻ ۾ اوير پريتم ڪئي آهي، اوسيڙو پريتما کي آهي، ۽ پوءِ بہ "ويچاري" رات کي سڏيو ويو آهي، اچو تہ ان هڪ لفظ "ويچاري" کي ذرا گهرائيءَ سان ڏسون.

اڪثر ڪري ائين ٿيندو آهي تہ محبت ڪندڙ انسان پنهنجن خيالن ۽ احساسن جي نواڻ ۽ نراليت ڪنهن هڪ اڌ همراز دوست يا ساهيڙيءَ سان ونڊڻ چاهيندو آهي ۽ ونڊيندو آهي، انهيءَ جو اثر ان همراز دوست ۽ ساهيڙي تي اهو بہ ٿيندو آهي جو ڪيس محبت ڪندڙ جوڙي جي حق ۾ گڏجڻ جا موقعا ميسر ڪرڻ لاءِ تڙپڻو پوندو آهي.

رات آهي پريتما جي ساهيڙي، جنهن جو اچڻ ۽ انتظار ڪيڻ ان مقصد تائين محدود آهن تہ سندس ساهيڙي ۽ ساهيڙيءَ جو پريتم پاڻ ۾ ملي سگهن. رات ڪي ويچاري ان ڪري بہ سڏيو ويو آهي جو سندس ترسڻ سندس وس نہ آهي، سندس ترسڻ وس آهي تارن جي. تارا - جي ڇڻن پهرن جي زندگي تائين محدود آهن.

رات جي پوئين پهر ۾ پريتما پنهنجي پريتم کي هاڻي سگهو اچڻ لاءِ پنهنجي ساهيڙيءَ جي انتظار ۽ حسرت جو واسطو وجهي ٿي، ان واسطي وجهڻ سان پريتما پريتما جي ساهيڙي ۽ پريتم ٽنهي جا ڪردار ڪيڏو نہ اپري بيهن ٿا.

رات جو دائرو هن دنيا کي پري ۽ مٿي هڪ ڪائنات (پرڪرتي) تائين ڦهليل هوندو آهي، رات ڪائناتي چيز آهي. ان ڪائناتي چيز، پريتما جي ساهيڙي بڻجي، پنهنجي انتظار، پنهنجي حسرت سان سڄي شعر تي ڇانئجي شعر کي ڪائناتي بڻائي ڇڏيو آهي.

ڪائناتي شاعريءَ جو شيام وٽ هڪ ٻيو مثال ڏسو:

سانڻ اسان جو جن ڏنو، ڪولي نو لک نيڻ،
ڏار نہ ٿي، نہ تہ رات سي - تارا ڏيندا ويڻ. (روشن چانورو)

۽ هڪڙو مثال شيخ اياز جي شاعريءَ مان بہ :

آڌيءَ رات الله، ڳائي پيو ڳجهہ ۾،
سٽي پيو سانت ۾، ستارن جو ساهہ،
نغمي جي ڪا لهر چڙ، اٿلي آهہ اٿاهہ،
ماٺڙا ۽ مال، سيئي آهن سير ۾.

هن ننڍڙي مضمون کي بند ڪرڻ کان اڳ مان هڪ ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ واجب سمجهان ٿو.

گذريل ٻن ٽن سالن کان شيام ۽ شيام جي شاعريءَ جا ڪيترا ثناخوان شيام ۽ سندس شاعريءَ کان مايوس ٿي چڪا آهن. خود "شيام" کي بہ پنهنجي شاعريءَ مان تشفي نہ ٿي ملي. ان شاعر مان مايوسي، ان شاعر جي مايوسي جنهن سنڌيءَ ۾ بهترين رباعيون چيون آهن، جنهن کي امر رکڻ لاءِ سندس طويل

نظم "روپ - مايا" ڪافي آهي، دل کي ڏڪو ڏئي ٿي.

تنهن ڪري هن مضمون لکڻ لاءِ مون پاڻ تي اها جوابداري رکي ته شيام کي سنڌس قوتن جو آئينو ڏيکاري سگهان، شيام جون قوتون موجوده دور جي شاعريءَ ۾ ڇا حاصل ڪري سگهيون آهن، ڇا حاصل ڪري سگهن ٿيون، تنهنجو خاڪو ڪڍي سگهان. ان بعد مون پاڻ تي ٻي جوابداري اها به رکي ته موجوده دور جي شاعري ۾ شيام جي رول کي جنهن اهميت ڀري نظر سان ڏسان ٿو ان جا ڪي سبب به پيش ڪري سگهان.

اڄ هن مضمون کي ڪيترين ڪوششن ڪانپوءِ گهڻائي گهڻائي موجوده حالت تائين آڻي هڪ قسم جي نجات پيو محسوس ڪريان.

منهنجي ان نجات سان گڏ جڳت آڏواڻيءَ کي به منهنجيءَ سستي ۾ انگلن مان نجات ملي رهي آهي، اهڙي به احساس سان هن مضمون ۾ "روشن ڇانورو" کي جڳت آڏواڻي جي خوبصورت منصوبن جي سپرد ڪريان ٿو.

4- فيبروري 1961ع

# چارلس ڊارون

## جيون ڪٿا (پورٽريٽ)

ڊونالڊ ڪلراس پيٽي
سنڌيڪار:
رسول ميمڻ

جڏهن برطانيا جو شاهي جهاز ”بيگل“ 1831ع ۾ دنيا جي چوڌاري سروي مهم تي روانو ٿيو ته ڪنهن جي خواب ۽ خيال ۾ به نه هيو ڪو ڪولمبس جي نئي دنيا جي دريافت ڪان پوءِ اهو سفر اهڙو نئي اهميت وارو ثابت ٿيندو ۽ نه ئي ان جهاز جي نوجوان حياتيات جي ماهر ڊارون جي وهم ۽ گمان ۾ اها ڳالهه هئي ته ان جي هٿئون علم جو نئون براعظم دريافت ٿيڻ وارو آهي.

ڊارون جي عمر ان وقت ٻاويهه سال هئي ۽ اهو تازو ئي ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان پنهنجي تعليم مڪمل ڪري نڪتو هيو. هن جي طبعيت اڪيلائي پسند هئي، هو ماڻهن سان گهٽ ملڻ پسند ڪندو هيو، هو حساس ۽ گهٽ ڳالهائڻ وارو هيو. سفر جي دوران گهڻو وقت هن جي طبعيت بي مزي رهي. هو گهڻو ڪري پنهنجي تنگ ڪيبن ۾ حياتيات جي انهن نمونن جي سار سنڀال ۽ درجي بنديءَ ۾ مصروف هوندو هيو جيڪي هن ستن سمنڊن مان گڏ ڪيا هيا.

هن کي طبعي حياتيات جي باقاعدي ڪا بہ تربيت نہ ملي هئي. هو ننڍپڻ کان ئي ٻوٽن ۽ جانورن کي گڏ ڪرڻ جو بي حد شوقين هيو. جينيات جي پڙهائي دوران ئي هو حياتيات جي ڪجهہ سبقن لاءِ وقت ڪڍي وٺندو هيو ۽ ائين هو حياتيات جي تعليم سان وابستا رهيو.

جڏهن برطانوي شاهي جهاز "بيگل" روانو ٿيڻ وارو هيو تہ اعلىٰ اختياري وارن کي سفارش ڪئي وئي تہ ان جهاز سان گڏ ڊارون کي بہ موڪليو وڃي. تعجب جي ڳالهہ اها هئي تہ ڊارون جي سفارش ڪرڻ وارا جيڪي ان وقت جا مڃيل ماهر حياتيات هيا خود پاڻ وڃڻ پسند نہ ڪيو، ان جي هڪ وجهہ اها هئي تہ ان خدمت جي ڪا بہ پگهار نہ هئي ۽ ٻئي ڳالهہ اها هئي تہ سڙيل بسڪوٽن ۽ پاروٽي پاڻيءَ تي ڪوئي ڪيستائين گذران ڪري پئي سگهيو. اهو ئي سبب هيو جو ان وقت جي ٻين ماهر حياتيات ان جهاز ۾ سفر ڪرڻ پسند نہ ڪيو، انهن چيو تہ "ان سفر مان ٻيو ڇا ٿو حاصل ڪري سگهجي سواءِ ڪجهہ هزار ٻين نمونن گڏ ڪرڻ جي". اٽڪل هڪ صديءَ کان سائنسدان نمونا گڏ ڪندا پئي آيا پر انهن جو تجزيو ڪنهن نہ ڪيو هيو. ڊارون اهو معلوم پئي ڪرڻ چاهيو تہ آخر ٻہ ۽ ٻہ ڇاجي ڪري چار ٿيندا آهن. هن جو ذهن تجسس سان ڀريل هيو ۽ هر ڳالهہ جي تشريح ڪرڻ جو هن وٽ ڏانءُ پڻ هيو. هو ڪنهن بہ واقعي کي صرف واقعي جي حيثيت مان قبول نہ ڪندو هيو جيستائين ان جو ڪو بنيادي ثبوت حاصل نہ ٿي وڃي. جيتوڻيڪ هن ان علم ۾ ڪا خاص تربيت حاصل نہ ڪئي هئي تڏهن بہ هو جڏهن ڏکڻ آمريڪا کان سوين ميل ڏور ائٽلانٽڪ سمنڊ جي انتهائي خاموش ۽ غير آباد علائقي گيلا پيگس تي لٿو تہ هو ليولس ڪتي جيان تجسس سان ڀرپور هيو.

گيلاپيگس ٻيٽن جو سلسلو جنهن کي اسپيني زبان ۾ "جنن ۽ ڀوتن جو آستان" سڏيندا هيا، ماضيءَ جي ابتدائي دور جو جيئرو عجائب گهر هيو هتي تمام وڏيون ڇڇيون هيون جن کي دنيا جي ٻين علائقن جيان فنا ٿي وڃڻ گهربو هيو پر اهي اتي موجود هيون ۽ تمام وڏا ڪڇون وڏن وڏن ڪيڪڙن سان گڏ ريڙهيون پائيندا نظر ايندا هيا. اتان جا جانور ۽ پکي سياحن سان ايترا تہ مانوس هيا جو اڏامندڙ بدڪون انهن جي ڪلهن تي اچي ويهنديون هيون.

ڊارون انهن الڳ ٿلڳ ۽ دريافت ٿيل دنيا کان پري ٻيٽن ۾ جيڪا خاص ڳالهہ ڏٺي اها هيءَ هئي تہ آب و هوا ۽ زمين جي لحاظ کان انهن ملندڙ جهلندڙ ٻيٽن ۾ مختلف قسمن جا جانور موجود هيا، هڪ ٻيٽ تي موجود

جانور ٻئي ٻيٽ جي جانورن کان مختلف هوندي به پاڻ ۾ ملندڙ جهلندڙ هيا، جيئن قسمن جي لحاظ کان مختلف هوندي به ساڳئي بڻ بنياد سان وابستا هجن، هڪ ئي قسم جي جهرڪين جون ڪيترين ئي ٽولين اتي موجود هيون جن جو نسل جي لحاظ کان هڪ ٻئي سان ويجهو تعلق نظر اچي رهيو هيو. اهڙي طرح اتان جي ڪبوترن، ڪچوئن ۽ ڪيڪڙن تي به اها ئي ڳالهه واضع ۽ صاف هئي، پر سوال اهو هيو ته آخر قدرت هڪجهڙن ٻيٽن ۾ مختلف قسمن جا اهڙا جانور ڇو پيدا ڪيا آهن جن جو هڪ ٻئي سان ايترو قريبي تعلق آهي؟ ڇا اهي سڀ هڪ ٻئي جون ڦريل گهريل صورتون آهن، جيڪي حالتن پٽاندڙ پنهنجي جيئڻ جي جدوجهد ۾ هڪ صورت مان ڦري ٻئي ۾ تبديل ٿي ويون آهن؟ ڇا اها ڦير گهير صدين کان جيئرين شين تي لاڳو رهي آهي.

ڊارون لاءِ اهي سڀ نيون سوچون ائين هيون جيئن انجيل جي پهرين باب کان منڪر ٿيڻ، جنهن ۾ اهو لکيل آهي ته دنيا جي پيدائش کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين جيڪي صديون گذريون آهن، انهن جو جاندار قسمن جي تعداد يا بناوت تي ڪوئي اثر نه پيو آهي ۽ نه ئي انهن ۾ ڪا تبديلي آئي آهي. ڊارون پوءِ به همٿ ڪري انهن پراڻن نظرين خلاف آواز اٿاريو. هن پنهنجي ڊائري ۾ لکيو. ”اهو تصور ڪري سگهجي ٿو ته هڪ قسم جي ڪنهن به جاندار ڪي پنهنجي مقصدن جي حاصل ڪرڻ جي خواهش ۾ مختلف شڪلين ۾ تبديل ڪري ان جي حياتيءَ کي آسان بنايو ويو آهي. انهن ننڍن، غير آباد ۽ پهاڙي ٻيٽن ۾ تخليق جي قوت جو جيڪو نظارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ان کي پرکي اسان ان اسرار کي سلجهائڻ جي ويجهو اچي سگهون ٿا ته ڌرتيءَ تي زندگي جو ظهور ڪيئن ٿيو“.

پنجن سالن تائين ”بيگل“ تاهٽي، نيوزيلينڊ، تسمانيه، آسٽريليا ۽ سينٽ هلينا جو سفر ڪندو رهيو. هر جڳهه ٻيٽن تي ڦهليل زندگيءَ ڊارون جي ذهن ۾ اهو ئي سوال اٿاريو ته زندگيءَ جو ظهور ڪيئن ٿيو آهي؟ ۽ زندگيءَ جي برقرار رهڻ جي جدوجهد جو فلسفو هن جي ذهن ۾ واضع ٿيندو ويو.

ڊارون جڏهن انگلستان جي ڪناري تي قدم رکيو ته هن کي پنهنجي لکيل خطن، پوٽن ۽ جانورن جي گڏ ڪيل تمام وڏي ذخيري سبب ڪافي شهرت ملي چڪي هئي. ڪجهه عرصي کان پوءِ هن جي سمنڊ جي مخلوق متعلق ڪيل تحقيق سبب اجان به شهرت ۾ اضافو ٿيو.

هن جي نئين نظريي جي راز کان صرف هن جو هڪ دوست واقف

هيو، اهو نظريو هڪ ننڍڙي نوٽ بوڪ ۾ درج ٿيل هيو، جنهن کي هو هميشہ پنهنجي کيسي ۾ رکندو هيو. ان نوٽ بوڪ تي هو صرف صبر سان اهي سڀ شهادتون ۽ ثبوت درج ڪندو رهندو هيو جيڪي هن کي پنهنجي نظريي متعلق هٿ لڳندا هيا. هن مختلف قسمن جا ڪبوتر وٺي انهن کي پالي مطالعو ڪيو ۽ انهن جي چير ڦاڙ ڪئي. اها حقيقت هوندي بہ تہ سڀ پالتو ڪبوتر اصل ۾ يورپ جي جهنگلي نيري رنگ جي ڳيري جي نسل مان هوندي بہ مختلف آهن، ڪوئي لقي قسم جو آهي تہ ڪوئي قاصد يا ٻئي قسم جو، اهي بنيادي طرح ساڳي نسل سان تعلق رکندي بہ جدا قسمن ۾ ورهايل آهن. ڊارون اهڙا راز صرف دل ۾ ئي سانديندو آيو ۽ هن انهن جو اظهار ان وقت ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو. هن ڪٽڪ جي مختلف قسم جي ٻجن ۽ ڪتن جو مطالعو پڻ ڪيو، جن سان ساڳي ڳالهہ لاڳو هئي، هن انهن کي سمجهي اها ڳالهہ نوٽ ڪئي تہ ارتقا اڄ کان هزارين سال پهريون رونما ٿي ختم نہ ٿي وئي هئي پر اسان جي اکين اڳيان اڃا بہ جاري ۽ ساري آهي ۽ تجربي طور اهو عمل ڪري بہ سگهجي ٿو ۽ ان عمل کي ڪنهن حد تائين روڪي بہ سگهجي ٿو.

ويهن سالن تائين ڊارون پنهنجا تجربا ڪندو رهيو، هن انهن جو ڪنهن سان بہ ذڪر نہ ڪيو سواءِ هن جي هڪ دوست ”هوڪر“ جيڪو هن جو همراز ۽ ساٿي هيو.

آخر هڪ ڏينهن ڊارون پنهنجي نظرين جو اعلان تمام مختصر نموني ڪيو، هن چيو تہ ”مان پنهنجي ان راءِ جي برعڪس تہ جاندار شين ۾ وقت ۽ حالتن موجب ڦير ڦار نہ ٿي اچي، جيڪو منهنجو شروعاتي رايو هيو ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ صدين کان هر جاندار شيءِ پاڻ کي برقرار رکڻ جي جدوجهد ۽ حالتن مطابق هڪ قسم مان ٻئي قسم ۾ ڦري وڃي ٿي“. اهو سڀ ائين هيو جيئن ڪو قتل جو اعتراف ڪري.

هڪ ڏينهن صبح جو هو نيرن ڪري رهيو هيو تہ هن کي هڪ خط مليو. ان خط ۾ هڪ اهڙي نظريي جو خاڪو پيش ڪيو ويو هيو جيڪو هن جي پنهنجي نظريي سان ايترو ملندڙ جهلندڙ هيو، جيئن ان خط لکندڙ هن جي ذهن جو مطالعو ڪري پوءِ اهو لکيو هجي ۽ هن جي اڻ ڇپيل ڪتاب ”جاندار قسمن جي اصليت“ جو مطالعو ڪيو هجي. هندي سمنڊ جي ٻيٽن تي جانورن جا نمونا جمع ڪندڙ هڪ ماهر الفرڊ رسل ويلس بيمار ٿي پيو، ان بيماريءَ جي حالت ۾ هڪ خط ڊارون کي لکيو جنهن ۾ هن پنهنجن نظرين جي وضاحت ڪئي. ويلس پوءِ ان بيماريءَ مان بچي ويو ۽ انگلينڊ موٽي آيو جتي هن ڊارون

سان ملاقات ڪئي پر اهو خط ڊارون لاءِ پريشانيءَ جو سبب بنجي ويو، ڇو جو هائي ارتقا تي گهري نظر رکندڙ صرف هو اڪيلو ئي نہ هيو پر ان ۾ ويلس بہ شامل هيو. ويلس پنهنجي خط ۾ ڊارون کي لکيو هيو تہ "پراڻي ڳالهہ جي خلاف ڦير ڦار جي ڪا بہ حد مقرر ٿيل نہ آهي، جهنگلي جانورن جي زندگي مسلسل جيئري رهڻ جي جدوجهد تي قائم آهي. ڪنهن بہ جاندار قسم جي گهٽائي يا ٿورائي جو انحصار ان قسم جي پنهنجي برقرار رکڻ لاءِ حالتن موافق پاڻ کي تبديل ڪرڻ ۾ آهي. اهڙيون تبديليون جيڪي ان لاءِ فائديمند آهن انهن ۾ تيزيءَ سان اضافو ٿيندو رهندو، بيڪار يا نقصان واريون تبديليون آهستي آهستي ختم ٿي وينديون. ارتقا جي ذريعي مٿي اپري ايندڙ سنا نسل پنهنجن اصلوڪن نسلن جو خاتمو آڻي ڇڏيندا. ارتقا جو عمل قدرتي طرح تمام سست ۽ صدين تائين ڦهليل آهي".

"جيئري رهڻ جي جدوجهد" "حالتن مطابق تبديليون"، "آهستي آهستي ترقيءَ جو رجحان". اهي سڀ ڇڻ ڊارون جا پنهنجا استعمال ڪيل لفظ هيا. ڊارون لاءِ اهو مسئلو پيدا ٿي پيو تہ هو پنهنجي ڪتاب "جاندار قسمن جي اصليت" کي ڪيئن شايع ڪرائي، جڏهن تہ هڪ ٻئي سائنسدان بہ اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو هيو. ڇا هو پنهنجن ويهن سالن جي ڪيل تحقيق تان هٿ کڻي وڃي؟ هن کي پنهنجي هڪ دوست هوڪر ان جو مناسب حل پيش ڪيو. هن ڊارون ۽ ويلس کي صلاح ڏني تہ هو ٻئي گڏيل ڪم جي صورت ۾ پنهنجي ڪم کي لينن سوسائٽي، جي ايندڙ اجلاس ۾ پيش ڪن، جنهن تي هو راضي ٿي ويا. اهڙيءَ طرح ار ـ جو نظريو دنيا جي سامهون انهن پنهنجي شخصي ڪارنامي طور پيش ڪيو ويو. آگسٽ 1858ع جي هڪ رات جيڪو نظريو سوسائٽيءَ جي اجلاس ۾ پيش ڪيو ويو. ان جو عنوان "قدرتي چونڊ جو نظريو" رکيو ويو. ان جون ڪي خاص ڳالهيون هي هيون.

•سڀ جاندار ذرتيءَ جي پکيڙ جي تناسب سان وڌن ٿا.

•ڪاڏي ۽ جاءِ جي حد محدود هئڻ سبب پيدا ٿيندڙ جاندارن جو نتيجو انهن جي بقاجي جدوجهد جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

•سڀ جاندارن ۾ حالتن سان ٺهڪندڙ ۽ اڻ ٺهڪندڙ فرق موجود آهن.

•اهي جاندار جن جا فرق حالتن سان ٺهڪندڙ آهن، اهي وڏي پيماني تي جيئرا رهي سگهن ٿا انهن جي بنسبت جن جا فرق حالتن موافق نہ آهن. ٻين لفظن ۾ بقا جي جدوجهد ۾ قدرت ٺيڪ شين جي چونڊ ڪري ٿي.

•هڪ نسل جا جاندار ايندڙ نسل جا ابا آهن ان ڪري سٺيون تبديليون هڪ

نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿين ٿيون.
•هر نسل ۾ حالتن موجب ماحول جي چونڊ ڪرڻ جي سمت پر اڻ تر پهچ موجود آهي.
•سنيون تبديليون جيڪي هڪ نسل کان ٻئي نسل طرف ڊگهي عرصي تائين منتقل ٿين ٿيون اهي جاندار ۾ ايتري حد تائين گڏ ٿين ٿيون جو اهو هڪ نئين قسم جي جاندار ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.
ڊارون مٿين لفظن جي وضاحت ڪندي چيو تہ ڌرتيءَ جي تناسب سان جاندارن جي واڌ ٿئي ٿي، هاٿي جيڪو گير پيٽاريندڙ جانورن مان سڀ کان گهٽ ٻچا ڄڻيندو آهي، اهو ٽيهن سالن جي عمر ۾ ٻچن ڏيڻ جي قابل ٿيندو آهي ۽ لڳاتار نوي سالن جي عمر تائين وڌ ۾ وڌ ڇهہ ٻچا ڄڻيندو آهي. ڊارون حساب ڪيو تہ هاٿين جو هڪ جوڙو ست سو پنجاهہ سالن ۾ اٽويهہ ملين هاٿين جو اضافو ڪري سگهي ٿو، سهڙ جيڪو ڇهن مهينن ۾ ٻچا ڏيڻ شروع ڪري ٿو اهو هاٿيءَ جي حساب سان اڻ ڳڻت تعداد ۾ نسلي اضافو ڪري ٿو. ڪوڊ مڇي پنهنجي عمر ۾ ست ملين آنا ڏئي ٿي جيڪي جيڪڏهن مڇين ۾ تبديل ٿي وڃن تہ دنيا جا سڀ سمنڊ صرف انهن جي وجود سان ڀرجي وڃن. ان ڪرنگهي وارن جاندارن ۾ نسلي واڌ جي قوت اڃا بہ وڌيڪ آهي. گهونگهو Oysterهڪ موسم ۾ نوي ملين آنا ڏيندو آهي. جيڪڏهن هڪ گهونگهو جيئرو رهي پنجن نسلن تائين ان مقدار سان آنا ڏيندو اچي تہ ان جي آنن جي چلڙن جو تعداد ڌرتيءَ جي مقدار کان اٺوڻو ٿي وڃي. پيراميشيم ڏينهن ۾ ٽي دفعا ٽٽي الڳ جاندار جي صورت اختيار ڪندو آهي، جيڪڏهن اهو ان رفتار سان پنجن سالن تائين جيئرو رهي تہ ڌرتيءَ جي مقدار کان ڏهہ هزار دفعا گهڻو ٿي وڃي. اها ڳالهہ ٻوٽن جي ٻجن مان پڻ لاڳو آهي. ان ڪري گهڻو نسل پيدا ڪندڙ جاندارن جي حياتي انهن کان گهٽ آهي جيڪي وڏي عمر ۾ ٿورو نسل پيدا ڪن ٿا.

ڌرتيءَ جي تناسب سان نسلي واڌ ڪري هر جاندار پاڻ کي برقرار رکڻ لاءِ سخت جدوجهد ڪري ٿو. اها جدوجهد جاءِ، کاڌي ۽ زندگيءَ جي ٻين ضرورتن متعلق ٿئي ٿي. اها جدوجهد پڻ آس پاس جي طبعي ڦير ڦارن، وڌيڪ گهم يا خشڪي، ٿڌ يا گرمي، روشني، طوفان ۽ زلزلن خلاف ٿئي ٿي، ان ڪري هن جي بناوت ۾ ان لحاظ سان ڦير ڦار ٿئي ٿي جيئن اهو حالتن جو مقابلو ڪري سگهي.

سڀني جاندارن ۾ بناوت، پکيڙ، رنگ، جسماني سرشتن ۽ عادتن جو واضح فرق موجود آهي. ڊارون جي بقول اهي فرق حالتن موجب تبديل ٿيندا

رهن ٿا، انهن مان ڪجهه فرق جاندارن لاءِ فائديمند آهن، ڪجهه غير فائديمند ۽ ڪجهه نقصانڪار. ڊارون، موروثي ۽ غير موروثي فرقن ۾ تفاوت بيان نه ڪيو آهي، هن ايترو چيو آهي ته سڀ فرق موروثي هوندا آهن جيڪي بقا جي جدوجهد ۾ اڳتي هلي ظاهر ٿيندا آهن، پر ٻين سائنسدانن ڊارون کان پوءِ غير موروثي فرقن کي پڻ پڌرو ڪيو.

اڻ ڳڻت جانورن جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ انهن ۾ هڪ مقابليدار بقا جي جدوجهد شروع ٿي وڃي ٿي، جيئن ته سڀني جاندارن جي قسمن ۾ واضح فرق موجود رهن ٿا، جن وٽ فائدي وارا فرق ٿين ٿا، اهي پنهنجي پسگردائيءَ واري ماحول ۾ ٺهڪي اچن ٿا. بنسبت ٻين جي جيڪي انهن صلاحيتن کان محروم آهن، ان ڪري فطرت ٺهڪندڙ شين جي چونڊ ڪري ٿي. ٺهڪندڙ جاندار ڊگهي عرصي تائين جيئرا رهن ٿا ۽ پنهنجا ڪمائتا فرق پنهنجن نسلن ڏانهن منتقل ڪن ٿا. چونڊ جو اهو عمل نسلن کان نسلن تائين جاري رهي ٿو ۽ ڊگهي عرصي کان پوءِ اهي فرق ان حد تائين گڏ ٿي ظاهر ٿين ٿا جو جاندارن جو اهو قسم مڪمل طور نئي قسم ۾ ظاهر ٿئي ٿو ۽ ان کي نئي ارتقا چئجي ٿو.

ڊارون جڏهن پنهنجو نظريو لينن سوسائٽيءَ ۾ پيش ڪيو ته ان هجوم ۾ موجود ماڻهن جي ذهنن ۾ هڪ نئين هلچل مچي وئي. ڪجهه ماڻهو شڪ جي انداز ۾ پنهنجين ڏاڙهين تي هٿ ڦيرڻ لڳا ته ڪجهه ڏاڙهيون ان جي مخالفت تي لهي آيون. جيڪڏهن اهو نظريوصحيح هيو ته سڀ مذهبي ماڻهو ان وقت تائين اونده ۾ جيئرا ۽ مرندا آيا هئا. ان نظريي سان ڌرتيءَ جي گولي جي انهن لکين سال اڳ فنا ٿي ويل جاندارن جي ڍانچي ۾ جڻ ساهه پئجي ويو جيڪي اڄا تائين هڪ ڳجهارت جي صورت ۾ عجائب گهرن ۾ محفوظ هيا. ڊارون جي نظريي ۾ اهڙي پختگي هئي جو اهو انجيل جي تشريح کان به گهڻو حيرت ۾ وجهندڙ هيو. ان اجلاس کان پوءِ اهي سڀ ڳالهيون سائنسدانن تائين محدود رهيون ۽ عوام تائين نه پهچي سگهيون.

ٻئي سال ڊارون پنهنجي نظريي تي "اصل جاندارن جا قسم" جي نالي سان ڪتاب شايع ڪيو. ڪتاب جو پهريون ايڊيشن ان جي پڌري ٿيڻ واري ڏينهن ئي ختم ٿي ويو. ان کان پوءِ بحث ۽ مباحثي جو هڪ واچوڙو مٿي تي هر طرف ڦهلجندو ويو. "اهو شخص پاگل آهي". "ڪافر آهي". "قتل جي لائق آهي". "ان کي قيد ڪري موت جي سزا ڏني وڃي".

ڊارون خلاف جتي نفرت جو طوفان اٿيو اتي هن جا ڪجهه حامي به

پيدا ٿيا. هن جو نالو يورپ کان وٺي آمريڪا تائين گونجڻ لڳو.

ڪليسا جا پادري چوڻ لڳا ”جيڪڏهن انجيل جي پيش ڪيل حقيقت کي قبول نہ ڪندئو تہ بي دينيءَ جي دروازن کي کولي ڇڏيندئو جيڪي اخلاقي معيار کي وهائي هليا ويندا“.

”بڪواس بند ڪيو“. ڪجهہ سڃاڻ ذهن فلسفين چيو. ”اهو سڀ خدا جي عبادت جي نئين آزادي جو فلسفو آهي“.

ان بحث جي سلسلي ۾ بشپ سيمونيل ولبر فورس 1860ع ۾ ڊارون جي هڪ جوشيلي حامي ۽ حياتيات جي نوجوان ماهر ٿامس هسڪلي سان ان موضوع تي هڪ مناظري جي چيلينج قبول ڪئي. آگسٽ جي ان منجهند جو آڪسفورڊ جو هال مڪمل طرح ٻڌندڙن سان ڀريو پيو هيو. آڪسفورڊ جا شاگرد ڪنهن نہ ڪنهن ڌر جي حوصلا افزائي ڪرڻ يا مذاق اڏائڻ لاءِ موجود هيا. هڪ طرف سائنسدان ۽ ٻئي طرف ڪليسا جا پادري ويٺا هيا.

ولبر فورس پراڻن ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ نظرين جي بنياد تي اهڙا مثال ڏئي رهيو هيو جيڪي سائنسدانن لاءِ عجيب هيا، هو سائنس کي انجيل جي پيداوار ڇئي رهيو هيو. انجيل کي هڪ مڪمل ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪري رهيو هيو، جنهن ۾ سڀ سائنسي نظريا سمايل آهن پر هن جون اهي ڳالهيون ويهہ سال پراڻيون هيون، ڊارون جو نظريو هر طرح سان انجيل کي ٽڌي رهيو هيو. بشپ ولبر آخر ۾ هسڪلي طرف اشارو ڪندي چيو ”ڇا منهنجو دوست اهو ٻڌائيندو تہ هو پنهنجي ماءُ جي طرف کان ٻولي جي نسل مان آهي يا پيءُ جي طرف کان؟“.

اهو ٻڌي نوجوان هسڪلي ٽپ ڏئي پنهنجيءَ جاءِ تان اٿيو ۽ ولبر فورس ڏانهن ڪاوڙ مان ڏسندي وراڻيو. ”مان پاڻ کي ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي جي طرف کان ٻولي جي نسل مان هوندي هڪ اهڙي انسان تي ترجيح ڏيان ٿو جيڪو ٻولي کان بہ بدتر آهي“.

ڪليسا جي پادرين جون ڪاوڙ مان رڙيون نڪري ويون ۽ آخرڪار هڪ وڏي بحث کان پوءِ نوجوان هسڪلي پادرين کي هار مڃڻ تي مجبور ڪري وڌو. ٻين لفظن ۾ اها ڊارون جي فتح هئي.

انهن سڀني هنگامن کان ڏور ڊارون سيسڪس جي علائقي ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺاڻي جاءِ ۾ رهيو پيو هيو. هن چيو تہ هو آڪسفورڊ جي مناظري ۾ شريڪ ٿيڻ کان موت کي ترجيح ڏئي ها. هو ڪڏهن بہ منظر عام تي اچڻ پسند نہ ڪندو هيو. هن ڪڏهن بہ ڪو سائنسي اعزاز قبول نہ ڪيو.

سائنسي انعامن جي هن متان ائين بارش ٿيڻ لڳي جيئن گارين جي خطن جي، انهن خطن جا جواب هو صبر ۽ شرافت سان ڏيندو هيو، جنهن جا اهي مستحق نہ هيا.

ڊارون شرميلو ۽ محنتي شخص هيو، جنهن ڪري هو اڪيلائي پسند هيو. ”بيگل“ جهاز جي پنجن سالن واري سفر دوران هن تي جيڪو بيماريءَ جو حملو ٿيو هو. ان ڪري هن جي صحت ڪڏهن بہ ٺيڪ نہ ٿي. ٿورو بہ گوڙ گمسان يا دوستن جي ملاقات جيڪا اڌ ڪلاڪ تائين مس هوندي هئي هن کي بيمار ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي، امن ۽ سڪون هن جي لاءِ تمام ضروري هيو. تقريبن هر سال هن جو هڪ نئون ڪتاب ضرور شايع ٿيندو هيو. هن جي ڪتاب ”انساني نسل“ ”Descent of man“ ۾ انساني جانورن جو شجرو ڏنل آهي. جنهن تي ڪليسائن جي طرف کان سخت تنقيد ۽ ملامت ڪئي وئي. ڊارون انهن ڳالهين کان متاثر ٿئي بغير ”انسانن ۽ جانورن ۾ جذبن جو اظهار“ نالي ڪتاب لکيو، جنهن ۾ انسان جي جمالياتي احساسن کي هن جانورن ۾ پڻ ڳولي لڌو.

ڊارون جا مخالف پيو ڪو رستو نہ ڏسي هن جي زندگيءَ جي اخلاقي ڪمزورين کي ڳولڻ لڳا. اهي بس ايترو ئي معلوم ڪري سگهيا تہ ڊارون هڪ انتهائي شريف ۽ ضعيف ماڻهو آهي، جنهن علم جي خدمت ۾ پنهنجا وار اڇا ڪيا آهن ۽ جيڪو پنهنجو سمورو وقت گلن ۽ ٻارن ۾ گذاري ٿو، جيڪي هن کي تمام پيارا آهن. جيتوڻيڪ هو پنهنجن نظرين جي بنياد تي لادين ٿي ويو هيو ۽ هن ڪليسا وڃڻ ڇڏي ڏنو هيو. تڏهن بہ هن جي زبان مان هڪ اهڙو حرف بہ نہ نڪتو هيو جيڪو خدا جي وجود يا انساني روح جو انڪاري هجي.

سائنسدانن مان ڊارون جيتري عزت شايد ئي ڪنهن ٻئي کي ملي هجي. هو جڏهن بہ ڪنهن سائنسي گڏجاڻيءَ ۾ ويندو هيو تہ سڀ ٻڌندڙ هڪ ئي وقت اٿي بيهندا هيا ۽ جوش مان تاڙيون وڄائي هن جي آجيان ڪندا هيا. هن جي ذات گذريل صديءَ جي متضاد ۽ نئين موضوع جي بحث جو مرڪز رهي، اها هڪ اهڙي جنگ جو مرڪز رهي جيڪا نئين فلسفي جي فتح جي جنگ هئي. حقيقت ۾ هن ذاتي طرح ان جنگ ۾ ڪو بہ حصو نہ ورتو. هو هڪ محنت ڪش ماليءَ جيان هر سال زرخيز خيالن جا باغ پوکيندو رهيو ۽ هن انهن لڙ ۽ گوڙ ڪندڙ پکين ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو جيڪي هن جي پرڀل باغ کي نقصان پهچائڻ لاءِ هن متان لامارا ڏيندا هيا. ڪليسا جي پادرين جي تهمتن جي پيٽ ۾ هو سائنسي تنقيد کي غور سان ٻڌندو هيو ۽ چوندو هيو تہ

جيڪڏهن ڪو به هن جي نظريي کان بهتر ڳالهه پيش ڪري ته هو پنهنجي نظريي تان بخوشي دستبردار ٿي ويندو.

چارلس ڊارون 12 فيبروري 1809ع ۾ ان ڏينهن پيدا ٿيو جنهن ڏينهن آمريڪا ۾ غلاميءَ جو خاتمو ڪندڙ عظيم انسان ابرهام لنڪن جنم ورتو. هن 1882ع ۾ وفات ڪئي. هن مرڻ کان اڳ وصيت ڪئي ته هن کي پنهنجي ڳوٺاڻي گهر ۾ دفن ڪيو وڃي پر برطانوي قوم (جنهن هن کي ته "نائٽ" جي اعزاز کان محروم رکيو پر هن جي ٽن شاگرد سائنسدانن کي اهو اعزاز بخشيو) مرڻ کان پوءِ لاش کي پنهنجي امانت ۾ ورتو. هن جو تابوت ويسٽ منسٽر ايبي آندو ويو. تابوت جي جلوس ۾ هسڪلي، هوڪر، ويلس، سرجان ليڪ، ارل آف ڊربي، ڊيوڪ آف آرگائل، ڊيوڪ آف ڊيون شائر شامل هيا. هن کي نيوٽن جي پرسان دفن ڪيو ويو.

### ڪهاڻي

# ريلوي مُلازم جي هڪ شام

رحمت پيرزادو

اها سرءُ جي پڇاڙڪن ڏينهن جي هڪ عام رواجي شام هئي، جنهن ۾ اهڙي ڪو به واضع احساس يا ڪيفيت جُڙي نہ سگهي هئي. مان گهري نند مان اُٿي، اسٽيشن جي ڪنجوس ڪوارٽرن مان نڪرندو، ڪباڙخاني جي پرسان سينيما جي سامهون، هوٽل تي اچي ويٺو هيس. پريان سج سنسار کان صفا لاتعلق خالي هٿن سان ان فقير وانگر وڃي رهيو هيو جنهن کي سڄي ڏينهن ۾ ڪنهن بہ ثواب جي لاءِ خيرات نہ ڏني هجي.

لوهين سيخن سان ٺهيل ڪرسين جي پرسان اهڙين ئي لوهي سيخن جي ٺهيل ٽيبل تي بيرو پاڻيءَ جو پُراڻو جڳ ۽ پلاسٽڪ جو گلاس خبر ناهي ڪهڙي وقت رکي هليو بہ ويو هيو. منهنجي سگريٽ جي دونهين مان جنهن وقت سينيما جا ڌنڌلا عڪس ظاهر ٿيا تہ اندر ڪاريڊور جي ڪُنڊ ۾ بلب جي هلڪي روشنيءَ ۾ جون John نئين لڳل انگريزي فلم جو پوسٽر ڏاهيندي نظر آيو. ميرانجهڙي روشني، سنهڙو جوان، ڊگها وار ۽ سگريٽ جا ڇلا ڪنهن آرٽ

جو آوارا نمونو لڳي رهيا هئا. سامهون پوسٽر تي اڌوري تصوير، جنهن ۾ ڪنهن شرابي عورت جي اکين ڪي پورو ڪندي هُن هيو سگريٽ دُکايو، ته سڀ شين ملي هن بي سبب شام ڪي اُداسيءَ جي عنوان هيٺ ڪو سبب ڏيڻ جي سوپاري ڪوشش ڪئي.

مون پنهنجي سگريٽ ڪي پورو ٿيندي محسوس ڪري اُچلي ڇڏيو ۽ ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي، ٻئي هٿ مٿي سان ٽيڪي جائنا جي جوانُ جسم جا جلوا ياد ڪرڻ لڳس، جيڪا ”جون“ جي پيڻ هئي ۽ اُهي اسٽيشن جي پويان واري ڪالونيءَ ۾ رهندا آهن.

ڪجهه سال اڳ مون ”جون“ جي پوڙهي پيءُ کان پُڇيو هئو ته ”چاچا! هي سينيما جا پوسٽر ٺاهڻ توهان ڪنهن کان سکيا؟“ ته هن عجيب نموني چيو ”سائين! جڏهن بُک انتها تي پهچي ويندي آهي ته پيٽ پاڻ ئي برش هلائڻ شروع ڪندو آهي ۽ انسان هر ڏکئي ڪان ڏکيو ڪم ڪرڻ تي آماده ٿي ويندو آهي.“

مون هن جي ان جملي ۾ سندس سامهون پيل اڌوري تصوير جي وچ ۾ ڪائنات جون ڪي ئي تصويرون ٺهندي ڊهندي ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي ڏٺيون ۽ ان ڪان پوءِ مان ڪانئس ڪو به سوال پُڇي نه سگهيس. هڪ ڏينهن ”جون“ جي پيءُ مون کي چيو ”سائين منهنجي زال هڪ رات مون کي چيو ته منهنجي تصوير به ٺاهه! ڪڏهن توکي ڏيکاريندس، منهنجي گهر ۾ لڳل آهي. اها تصوير مان پيٽ لاءِ نه پر پيار لاءِ ٺاهي هئي.“

هن هڪ پيري ٻُڌايو ته هن کان اڳ ۾ هيو ڪرسچن اهي تصويرون ٺاهيندو هيو، جنهن ڪان هن به سکي ورتيون، اهو پوڙهو ڪرسچن پينٽنگ پڙهيل هيو، پر پوءِ ڪنهن جي عشق جي چڪر ۾ سڀ ڪجهه ڇڏي هتي اچي رهيو هيو.

”جون“ کي هڪ پينٽنگ جا پندرنهن روپيا ملندا آهن. هو هر فلم جا ويهه ٽيهه پوسٽر ٺاهيندو آهي، جيڪي شهر جي خاص چوواٽن تي هڻندا آهن ۽ ٽانگي جي پويان سڌو پوسٽر رکي سڄي شهر ۾ هر نئين فلم جو لائوڊ تي پڙهو به ڏيندا آهن. ”جون“ جي تصويرن کي شهر جو هر امير غريب ماڻهو ڏسندو آهي مگر ڪيس ڪو به سڃاڻندو ناهي.

مان چانهه پي پوري ڪئي ۽ چار روپيا ڪڍي رکيم، جيڪي بيرو کڻي ويو، ته اوچتو منهنجي نظر سامهون وئي ۽ ”جون“ ڳچيءَ ۾ مفلر وجهي پئسا پراڻي پينٽ جي پوئين کيسي ۾ رکي، سينيما جي ٻاهرين ديوار پرسان

هلڻ لڳو. خبر ناهي الائي ڇو اڄ مان سندس پويان تاڙ ۾ هليو ويس ۽ ڪيس محسوس ٿيڻ نہ پئي ڏنم. لڪندو لڪندو مان سندس پويان هلندو رهيس. هُو شهر جي چند اوپرين گلين مان آوارگي ڪندو، هلڪي انڌاري ۾ شهر جي ٻاهران هڪ ننڍڙي هٽ ۾ هليو ويو ۽ مان سندس انتظار ۾ گهٽيءَ جي هڪ اوٽ ۾ بيهي رهيس.

........... ۽ مان اڃان تائين اهو اندازو نہ لڳائي سگهيو آهيان تہ اهو ڪهڙو جذبو هيو جنهن ۾ ڦاسي، هڪ ريلوي ملازم ڪنهن اوڦتو ڇوڪري جي پويان انڌيري ۾ ايتري سنجيدگيءَ سان، سندس تعاقب ڪري رهيو هئو ۽ جيستائين مون کي ياد اچي رهيو آهي تہ مان پاڻ کي نہ فقط "جون" کان لڪايان پيو پر سڄي شهر کان ڇڻ ڪنهن گناهگار جيان لڪندو لڪندو ان ڇوڪري جي پويان هلي رهيو هيس. جيڪو ان هٽ تان هيروئن جون ٻہ پڙيون وٺي شهر کان ٻاهر اونده ۾ نڪري ويو.

........... شايد منهنجي هن عمل جو سبب "جون" جي وڏي پيٽ جائنا هئي، جنهن جي جسم ۾ هيروئن جهڙو نشو هيو. ان لمحي مون کي جائنا سان گذاريل اهي يادون ورائي ويون، جن ۾ ڪيتريون ئي رنگين راتيون هيون. هوءَ پاڻ منهنجي ٻانهن ۾ اچي وئي هئي. سندس جسم تي جوانيءَ جي مهرباني ڪجهہ خاص هئي، هن ۾ اهڙي تہ جوانيءَ جي خوشبوءِ هئي جيڪا شرم پوڻيءَ ۾ هجڻ ڪپندي هئي. هنن کي غربت ۽ هيٺئين طبقي جي بُراين ڪائي چڏيو هو.

ڇهہ سال اڳ منهنجي شادي ٿيل نہ هئي ۽ مان ريلوي جي سرڪاري ڪوارٽرن ۾ ئي رهندو هيس. تن ڏينهن ۾ جائنا جو وڏي ۾ وڏو مسئلو پنهنجو گهر ٺاهڻ هيو ۽ ڪيس "جون" جي شادي بہ ڪرائڻي هئي. اسان سرڪاري ڪوارٽر جي ڇت تي سٽل هياسين تہ هوءَ چئي رهي هئي "جونِ هر روز چاليهہ روپيا ڪمائي ٿو ۽ چاليهہ روپيا ئي اُڏائي ٿو، هُو نشو ٿو ڪري. هن کي پنهنجي زندگيءَ ۽ جوانيءَ جو ڪو خيال ناهي." ۽ ان وقت هُوءَ حوس جي واديءَ کان هزارين ميل پري ڪنهن درد جي جزيري تي هلي وئي هئي.

"جون" اڳيان اڳيان ۽ مان سندس پويان پويان ڊپ وچان تيز تيز ساهہ روڪيندو هلندو پئي ويس. شهر جون ٻرندڙ بتيون پٺيان جي وٽن پويان جرڪي رهيون هيون ۽ هي نامراد "جون" اونداهين جي طرف وڌي رهيو هيو. ڪچي رستي تي جون جي ٿڪل قدمن جا هلڪا آواز ان انڌين نغمي جي آوازن ۾ دٻجي رهيا هيا، جيڪي هو پنهنجي سهڪندڙ آواز سان گُنگنائي رهيو هيو.

اوچتو هُن موڙ ڪاٽو ۽ ريلوي برج جي پڪي اسٽريڪچر هيٺان هليو ويو، جتي هڪ گندي نالي جا باقي نيشان وڃي بچيا هيا ۽ جتي سواءِ ڏپ ۽ ٻوٽن جي ٻيو ڪجھ بہ نہ هيو. مان سندس مخالف رُخ ۾ ڊين جي پرسان هيٺ ويهي ڪيس ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. منهنجا وڏا وڏا ساھ خاموش مٽيءَ کي آهستي آهستي اُڏائي رهيا هيا، جيڪا مٽي خود منهنجي ساهن جي اندر هلي ٿي وئي.

ٻرج جي هيٺان چند پيا بہ ماڻهو هيا، جن جي خبر ماچيس جي تيليءَ ٻارڻ سان ئي پئجي پئي سگهي. مون ان وقت پهريون پيرو پنهنجي نرڙ تي ٿڌو پگهر محسوس ڪيو دل ۾ سگريٽ جي طلب ٿي. مون آهستي آهستي تيلي ٻاري سگريٽ دُکائي ۽ اونها ڪش هنيا، جن مون ۾ ڪجھ بچيل همٿ آندي. مون ان وقت سوچيو "اهي چار هيروئني جيڪي ناڪارا برج جي هيٺان نشو ڪري رهيا آهن، منهنجو ڪهڙو ڪم آهي جو انهن جي ڪري هيٺ ڌرتيءَ تي ليٽيو پيو آهيان." ٻيو خيال آيو "........ پر "جونِ" ڪيئن تہ پنهنجي جواني برباد ڪري رهيو آهي ۽ سندس پيڻ جسم فروشي ڪري پنهنجي پاءُ جي لاءِ خوابن جي ساپيان تلاش ڪري رهي آهي."

وري بہ ٻرج جي هيٺان دُکندڙ سگريٽ ۽ هُرڳر ڏسي، ستو ليٽي پيس. هڪ عجيب خيال آيو "منهنجو تہ هاڻ جائنا سان ڪو رشتو ئي ناهي ۽ هُن سان رشتو هيو بہ ڪهڙو؟ فقط ڪجھ نوٽن ۽ راتين جو رشتو! جنهن کي مان سماج ۾ ڪو معتبر نانءُ بہ نہ ٿو ڏئي سگهان! ...... يا اجان ڪجھ ٻيو بہ آهي، جنهن کي مان اظهاري نہ ٿو سگهان....... نہ..... نہ! هُن سان منهنجو اهڙو ڪو بہ تعلق ناهي....." بس انسانيت جي ناتي ئي مون کي وري بہ هن جا لفظ چٽا چٽا ٿي ٿا ياد اچن تہ "جاءِ ٺهرائڻي آهي، "جون" جي شاديءَ لاءِ....."

مان مٽيءَ تي ستو ليٽيل آهيان، مون کي پنهنجي لٽن ڪپڙن جو بہ ڪو خيال ناهي، منهنجي هٿ ۾ سگريٽ ۽ منهنجي سامهون آسمان ۾ پوئين سرءُ جا ستارا آهن. سگريٽ پورو ٿيو تہ مان وري زمين ڏي منهن ڪري ليٽي پيس، هنن اُٺڻ جي ڪئي، "ڇا تہ قد اٿس ۽ ڪٿي تہ وڃي جهُڪيو آهي! هر انسان کي ڪٿي نہ ڪٿي جهُڪڻو ٿو پئي. ان جو ئي نالو زندگي آهي." مون سوچيو.

هُو اڳتي نڪري ٿو وڃي ۽ مان سندس پويان پويان، "هُو پانواٽي ڪائي مون کي ڏسي تہ نہ وٺندو! .......... پر ڏٺئين تہ بہ ڇاهي!........ پر هيروئني تہ پنهنجي پاڇي کان بہ اڻ واقف هوندو آهي...... هُو شايد ڪنهن پُراڻي گاني کي گُنگنائي رهيو آهي.......... نہ نہ هُو تہ ڪجھ ڳالهائي رهيو آهي." مان سندس

ويجهو هليو ويس، هو تتل آوازن ۾ چئي رهيو هيو "مان... مان پاڻ پنهنجو سڀ ڪجهه ڪندس..... مون کي....مون کي ڪنهن جي به فڪر جي ضرورت ناهي.........!" مون کي چئو ٻُتڻ ۾ آيو.

سامهون شهر ڏي ٻه گليون وڃن پيون، اسان هڪ ٻئي کان الڳ ٿي وياسين. مان هڪ سنهڙي گليءَ مان ريل جي پٽڙين طرف وڌيس ۽ جڻ ٿڪجي پيو هيس. ڪجهه دير پٽڙيءَ تي ويهي، آخري بچيل سگريٽ پيتم ۽ آرس ڀجي واچ ڏي ڏٺم ته اٺ ٿيا آهن. "اڄ اچوڪي ريل جو ته ٽائيم ساڍا ست هيو." ۽ مان تڪڙو تڪڙو اسٽيشن طرف اوندهه ۾ هلندو ويس .........

## غزل

## سيما عباسي

ڪير آيو هيو منهنجي گهر ۾؟
سور سڏڪي اٿيو هو اندر ۾.
تو جدائيءَ جو فيصلو جو ڪيو
ڇا اهڙو ٿي ويو هو پل ڀر ۾؟
جسم تو ظاهري اٿي ويهي،
روح پر آ مري ويو اندر ۾.
هئي ندامت نسيل نظر جي اڳيان
ڪا ملامت رني هئي پٿر ۾
روح جي رمز پرسڪون ن ٿي
مون گهمي هو ڏٺو شهر ٻر ۾
دل جي در کي ڇڏي تو سڀ ها ٻڌا
ڪون ڪڙڪايو تو پنهنجي در ۾
دور حاضر ويو تهذيب ڪٿي
قدر هيڪل روئن ٿا هر گهر ۾
آخرت جي عذاب کان ڇا ڊڄون؟
پيڙ هت ني ملي ٿي محشر ۾
بيقراريءَ سندو عالم ٿا پڇيو
چين ڪا ٿي آ دل مظطر ۾ ؟
صبر جو تون پرم رکي ن سگهين
ڇا نظر آ يو توکي منظر ۾؟
سمجھ ساڃاهه جي ڪوئي ن وٺي
هٿجي پيرائي پو پنهنجي سر ۾
سيما گودام ٿي پون اسڪول
جي وڏيرو چاهي پنهنجي تر ۾

### ڪهاڻي

# بيوٽي پارلر

## عبالواحد سومرو

رفعت! نہ ڏگهي نہ بندري، مناسب هڏ ڪاٺ واري، اکيون، نڪ، چپ، پرون بہ وڻندڙ، انهن ۾ گلاب جي گل جهڙين پنکڙين جهڙا سنها نرم چپ، ٿورا چِٽا ڏند، ويتر جو مٺو سريلو آواز، مسڪراهٽ، سان گڏ چڱي خاصي حلقي ۾ اٿ ويهہ اٿس..!

رفعت جيڪا وقت جي گردش جو هڪ لقاءُ آهي تہ هوءَ اڪيلائي جي رڻ ۾ ڏينهن گذاري رهي آهي، هيءَ ڪو وڏي عمر جي تہ ناهي؟ بلڪ اڃان تہ ڪو 28 بهارون ڏٺيون اٿس، پر ان ننڍي عمر جي باوجود اڪيلائي، تنهائي، خشڪ، بوريت جا ڏينهن قيديءَ وانگر اڪيلي گهر ۾ بند گذاري رهي آهي، هن جو حسن، جواني، نسوانيت جو رنگ ڇڙهيل هيس، سو هتي هن گهر ۾ خزان جي موسم وانگر ماحول ۾ موجود آهي، هن جي نفيس، ادائن، ناز نخرن، دلفريبين ۾ ڪو رس چس نہ رهيو اٿس.

رفعت جي دل تي مونجهہ ڇانيل اٿس، جڏهن تہ هوءَ نئين نويلي ٻار سان وقت گذاري رهي آهي، ننڍڙي ٻالڪ جي صدقي بہ هن کي سڪون ناهي، هڪ ڇڪتاڻ هن کي بيچين ڪري وڌو اٿس، ان بيچيني جو سبب آهي رحمان! هن جو جيون ساٿي، هڪ خاموش طبعيت جو سادو سودو شخص گهٽ ڳالهائيندڙ، محدود دائري ۾ رهندڙ دنيا جي اٽڪلن، چالاڪين جي بجاءِ بس هڪ گهر تائين محدود!

جيئن جيئن ازدواجي زندگي ۾ گڏ رهندي رفعت کي احساس ٿيو ته اونداهي ڪاهي ۾ جيون ساٿي سان رهندي هجي، ورلي ڪو رحمان مسڪرايو به هجي، بس هڪ روبوٽ نما انسان هجي، جيڪو صبح جو اٿي ته شيو ڪري، وهنجي سهنجي ناشتو ڪري، پنهنجي پسند جو، ڊريس، ٽاءِ، جوتو، جورابا اهي هن جا مخصوص نه پر فِڪس ويندي اها ڪمپني ۽ برانڊ به رحمان جي پسند وارا هجن، نه ته صاحب نه پائي، ڪاڏي پيتي ۾ به ائين، جي ڪڏهن ڪنهن مٽ مائٽ ڏانهن هلي ته به اهڙي خاموشي جو نه لِکي نه ڪو ڳالهائي، ائين نه هو ته هرو پرو هن اهو سڀ وڏائي جي ڪري ٿي ڪيو، اهو بس هن جو روٽين هُيو، هڪ ٻه دوست هيس، انهن سن بس ويٺو هوندو هيو، باقي ٻين شوقن ۾ شامل ٿيڻ جو گمان نٿو لڳي.

بس وقت وقت جي ڳالهه آهي، اهو رشتو رفعت جي والدين جي پسند تي ٿيو، صاف سٿرو، نوڪري وارو نوجوان هيو رحمان، جيڪو سڀني کي پسند آيو،

رفعت جي ماءُ پيءُ، ڀينرن، ڀائرن کي به پسند آيو، اهو رشتو پڪو ٿيو، هڪ اڌ روبرو به ملاقات ٿي، پر ان ۾ خاص ڳالهه ٻولهه نه ٿي سگهي، باقي ان بي ڌڙڪ سگريٽ پئي پيتا.

بس هلندي هلندي مڱڻو ٿيو، ونواهه، ائين خير سان شادي ٿي وئي، رحمان جو نئڙو گهر صاف سٿرو پر...پر خاموشي رفعت کي تنگ ۽ بيزار ڪري وڌو. هڪ مرد...هڪ خاموش انسان! چئوديواري ۾ خالي ساهه ٿي کنيو!

مزي جي ڳالهه اها هئي ته ٻيا ڀائر ڪل ڀوڳ ڪندڙ! پر مون وارو هي جيون ساٿي رحمان هڪ جذبن، احساسن کان خالي، ڪو گوشت پوشت جو بس ٺهيل هجي.

جنهن جو ڪم هيو ڪاڏو پيتو، آفيس ۾ فڪس ٿيل سخت گير روٽين وارو انسان. ان خشڪ روٽين ۾ رفعت جا ٽي سال گذري ويا جو هن جي زندگي ۾ ڦيرو آيو، ڏير جي بدلي ٿي آئي، جيڪو پوءِ اچي هنن سان گڏ رهڻ شروع ڪيو.

اهو هيو سلمان، حشاش بشاش، لين شيو، ميل جول وارو ته وري ساڳئي وقت گفتگو ڪرڻ وارو ته گهر ۾ هجي ته ڪم ڪار ۾ به هٿ ونڊائي، واندو هجي ته پوءِ ويٺو اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب به پڙهي وٺندو هيو، هاڻ رفعت جو وقت به ڪجهه نه ڪجهه بهتر گذرڻ لڳو، اجان پلائي اها ٿي ته هو ادبي، سماجي پروگرامن ۾ به اڪثر شريڪ ٿيندو هيو.

ائين رفعت کي ڏير سلمان اسڪوٽر تي ويهاري سڌو اچي ڪنهن نہ ڪنهن پروگرام ۾ ساڻ وٺي ايندو هيو، انهن ٿيندڙ پروگرامن ۾ ڪڏهن آرٽس تہ ڪڏهن نيشنل ميوزيم ۾ پروگرام هجي يا ڪنهن ٻئي وڏي هوٽل تي!

شرڪت ڪندي ڏير جي هڪ واقف پروفيسر جيڪو سنجيده، بردبار شخصيت جو مالڪ هيو، جيڪو مقرر مدبر بہ هيو، پروگرامن ۾ ايندي ويندي ملاقات ٿيندي رهي ۽ ٿوري وقت ۾ شناسائي ڪان پار پوندي وئي، هاڻ گڏجي ويهڻ ٻڌڻ ڳالهائڻ ڪان تاڙو ملائي کلي ڳالهائڻ ڪان اکين اکين ۾ اشارا ڪنارا ڳولهڻ لڳا.

ائين سمنڊ ڪناري تي اچي ساهي پٽي، لهرن وارو جوش هنن جي اندر ۾ ايري پيو، پاڻي جي لهرن جو پيرن کي ڇهڻ سان هنن جا قدم بہ وڌڻ لڳا، هن جي شهر ۾ وڪوڙجي وئي ۽ آخر هن جي دل جو فاتح بڻجي قابض ٿي پيو، سڌ ئي نہ رهي، هاڻ اهي قائم قربداريون، علمي ادبي ڪچهريون ڪٿي ٿيون مائيون ٿين، اڳ ۾ رفعت بنجر زمين بڻجي چڪي هئي تہ ڪو ڳالهائڻ ۽ آواز ٻڌڻ لاءِ سڪندي هئي، جو اڄ هن نئين تاثير ۽ سحر ۾ وڌندي سمنڊ ڪان ٽي وي چينلن تائين هن سان گڏ هوندي هئي.

گذريل ڪجهہ سالن جي اڪيلائي، تنهائي وارو ساٿيو اهو خشڪ چهرو، هاڻ ڳاڙهو ڏاڙهون وانگر ۽ چپ تن ۾ رت پرجي پيو هيو، اهو حسن، اهي ادائون اڳ ۾ ختم ٿي مري چڪيون هيون، هاڻ هي نئون نکار، هار سينگار، اهو ڪجل ڪرارين اکين ۾ هن کي خوبصورت بڻائي ڇڏيو.

گهر ۾ رفعت ڪجهہ سالن ڪان ڪو قيدي رهي هجي، جنهن کي ٽي سال اها سزا ملي هجي.

ان مان هن کي نئين آزاد ماحول هن جي تن من کي ڌوئي سڄو مير جيئن ڌوبي ڪپڙن مان نپوڙي ڪڍندو آهي، سو رفعت مان اهو غبار هن نئين ساٿ ڪڍي بلڪل نازڪ نفيس ڪچي ڪلي بڻائي ڇڏيو هيو.

رفعت پاڻ کي خوشبوئن ۾ محسوس ڪيو، اندلٺي رنگن جهڙيون سندر شامون گذاريندي خوش رهڻ لڳي.

پروفيسر ائين رفعت کي بيوٽي پارلر تي وٺي وڏيڪ خوبصورت بڻائي فنڪشن ۾ وٺي ايندو هيو، هر فنڪشن ۾ وڏيڪ نکار ٿي آيو، ان دوران رفعت کي ڪار جو شوق جاڳيو تہ گاڏي خود هلائجي؟ ائين اهو شوق پورو ڪرڻ لاءِ ڊرائيونگ جي ڪجهہ ڏينهن سکيا بہ ورتي، پوءِ ڪجهہ پيسا رحمان ڪان تہ ڪجهہ پروفيسر ڪان وٺي ڪار جي خواهش پوري ڪري ورتي.

رفعت کي هڪ ڏينهن ذهن ۾ خيال آيو تہ گهر مان نڪرڻ جي لاءِ بہ ڪو بهانو کپي، پنهنجي لاءِ بيوٽي پارلر ڇو نہ کٽي کولي؟ هن اها پروفيسر سان صلاح ڪئي تہ هن بہ پنهنجي اندر جي لالچ جي پورائي لاءِ جلدي ۾ حامي ڀري ورتي، هن بہ ڏٺو تہ بس هي ئي موقعو آهي، مال غنيمت ڪو هٿ لڳي هجي، ائين رفعت کي پنهنجي ويجهو توڙي پنهنجي قابو ڪرڻ لاءِ اهو عمل سهي آهي، ها ڪئي.

رفعت بيوٽي پارلر جو ڪم بہ سکڻ شروع ڪري ڏنو، ڪجهہ نين ڪم ڪندڙ اتي ڇوڪرين سان بہ تعلق جوڙي ورتو، هاڻ ان بهاني هڪ پاسي ميڙاڪن ۾ شرڪت هئي تہ ٻئي پاسي شام جو ڪم ٿي سکيو ۽ پنهنجي بيوٽي پارلر جي جڳهہ جي بہ چونڊ شروع ڪري ڏني تہ کٽي ۽ ڪهڙي علائقي ۾ هجي؟

هلندي هلندي ان سهاني سفر ۾ رفعت کان مڙس بہ وسري ويو تہ مڙس جي پيٽ ۽ پنهنجي ننڍي پيٽ کي بہ ڳوٺان گهرائي رهايو، اهي ٻئي گهر جو توڙي ٻار جي سار سنڀال ٿي ڪئي، انهن شوقن ۾ مصروف، هوا ۾ ٿي اڏامي، انهن يادگار سونهري لمحن ۾، لذتن جي نشين جهان جو سير ٿي ڪيو، سمنڊ جي ڇولين موجن وانگر عطر ماحول هيو، ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ رفعت بيوٽي پارلر تي ڪم بہ سکي ورتو ڇو جو شوق جنون بڻجي پيو هيو.

رفعت جو غبار خزان بڻجي ڇٽي پيو ۽ مٿس بهار اچي وئي هئي، ترو تازه ٽڙندڙ گلاب جو گل بڻجي پئي هئي، همدم، همراز، پروفيسر جي دم سان بيوٽي پارلر بہ کلي ويو، روبوٽ رحمان مان بہ جان ڇٽس، قدرتي بيوٽي پارلر تي عورتون امير توڙي ڪڙڪ وڏن وڏن سرڪاري آفيسرن جون زالون، ڊيٺر توڙي خاڪي وردي وارن جون بيگمون توڙي ڊيٺر اچڻ شروع ڪيو، جن جي هٿن ۾ بيري جا ٻہ ٻہ موبائيل، ڪروڙن جي نين گاڏين تي چڙهي ايندڙ جو پنهنجي سامهون ويٺي ۽ کلندي ڳالهائيندي ڏٺيون ۽ رقم اڪائونٽ ۾ وڌڻ لڳي تہ ڪنهن جي پرواهہ ڇو ڪجي؟

رفعت جو ڏينهن، منجهند، شام تہ ڪڏهن رات بہ ات گذرندي هيس.

هن جو تعلق گراهڪ جي صورت ۾ ايندڙ ڇوڪرين سان ويجهو وارو جڙڻ لڳو تہ ٻئي پاسي هن ڇا ڪيو جو هن وٽ گراهڪن جي شڪل ۾ واڌ ٿيڻ لڳي، سو اهو هيو تہ هن آس پاس جي ڇوڪري جي اسڪول ۾ وڃي پنهنجي بيوٽي پارلر جي پبلسٽي مهم شروع ڪئي، اتي هن پمفليٽ ورهايا، انهن اسڪولن توڙي ڪاليج جي ڇوڪرين سان خاص رعايت هئي، ان سان بہ

هن وٽ اچ وڃ ۾ به اضافو ٿيڻ لڳو.

رفعت پنهنجي پوشاڪ توڙي ميڪ اپ اهڙو ٿي ڪيو جو ڏسڻ وارو دنگ رهجي وڃي؟

ان دنگ رهجي وڃڻ واري وقت پروفيسر جي به حالت ڏسڻ وٽان هئي ته هيءَ اها ئي اڳواري رفعت آهي يا ٻئي ڪا حور نئون نئون انداز، نئون ڪم ۽ نوان نوان گراهڪ، جن جو به تعداد آهستي آهستي وڌندو ٿي ويو، اهڙي وقت تي پروفيسر به شڪايت ڪئي پئي ته ٻئي طرف رحمان جو به پنهنجي سامهون رفعت کي ڏنو جهڙوڪ ڪنهن فيشن جي پروگرام جي دوران ريمپ تي واڪ ڪا ڪندڙ مشهور ماڊل هجي.

هڪ ڏينهن مڙس چئي ڏنس: "واھ واھ..." انهن لفظن ٻڌڻ تي هن کي اچرج به ٿي ته گاڏڙ خوشي به! پر هاڻ گهڻي دير ٿي چڪي هئي، تير ڪمان کان نڪري چڪو هيو، هن وٽ ايندڙ هڪ گراهڪ ڇوڪري سان تعلق جڙيو، جيڪا ماڊلنگ به ڪندي هئي، ان سان گڏجي رفعت به اشتهارن ۾ ڪم ڪيو، هاڻ هڪ نالو ٿي سامهون ابري آئي، مس رفعت!

مس رفعت سگهارو، طاقتور ۽ با اعتماد نالو هئي، هن رحمان جي ۽ پنهنجي پيٽ کي به پاڻ وٽ اڳ ۾ ئي رهايو هيو، هاڻ انهن به هنر سکي ورتو هيو، سراپا سونهن ۽ ادائن جو نمونو هيون.

هاڻ گراهڪن جي صورت ۾ واڌ ته بجيٽ جي صورت ۾ واڌ، تعلقات جي صورت ۾ واڌ.

رفعت جو تعلق هاڻ بيوروڪريٽن جي زالن سان ته جڙي چڪو هيو پر پنهنجو تعلق به سٺو واپارين، سياستدانن سان به جڙي پيو هيو، جيڪو در اصل ڪجهه رنگين راتين جي دين هئي.

مس رفعت جو مزي جي ڳالهه ته هڪ پوليس آفيسر سان گاڏي کي هلڪو ٽڪر لڳڻ کان پوءِ ڦڏو ٿي پيو، گاڏي ڪيندي اهو واقعو رونما ٿيو، تنهن تي پوليس آفيسر رعب ڪندي هڪ به جملو ڌمان ۾ چئي ويس.

خبر ناهي هن جي اندر ڪٿان طاقت اچي وئي، هن کي موٽ ۾ چئي وڌس!

"اي مسٽر! هي تنهن جو ڏانٽو ناهي ۽ نه وري ڪو آئون تنهنجي سب آرڊينيٽ"

ان جملي تي پوليس آفيسر آپي مان نڪري ويو، وڏيڪ بدتميزي ڪري ورتي، جيڪا ٿوري وقت کان پوءِ ڪيئن چينلن تي وڃي پهتي، بس اها

خبر چا نشر ٿي تہ ڪٿان ڪٿان ڪان هن کي ڪالون اچڻ شروع ٿي ويون، آخر ڪار ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ ان پوليس آفيسر کي اتان بدلي ڪرايو ويو تہ ٻئي طرف هن جي ناماچاري ۾ واڌ آئي، رفعت هاڻ هڪ ٻئي برانچ بيوٽي پارلر بہ کولي ورتي، هڪ مشهور ملڪ جي اداڪاره هن جو افتتاح ڪيو، ان تقريب کي ڪجهہ چينلن تي هلايو ويو، خبر جي صورت ۾!

وقت.....مهمان...مسافر....حادثي جو ڪو وقت ناهي، هن کي پنهنجي ڏير پروفيسر سان ڏسي ورتو، پوءِ اها ڳالهہ وڃي رفعت جي روبوٽ مڙس رحمان تائين پهتي، روڪ ٽوڪ، منع هاڻ ڪا گار هجي، بيوٽي پارلر هڪ نئون جهان هيو.

رفعت جي ڪجهہ ڏينهن مڙس سان اٿبٺت هلندي رهي، پر اهو سلسلو خراب ٿيو جو ٻار ٿي پيس، سو وڏيڪ رفعت کي خبر يا خدا کي اهو پيچ ڏاهہ ۽ شڪايت جو دور هيو، رفعت جو مڙس ۽ ڏير گڏجي هن ڳالهہ تي سوڙهو ڪيو تہ ٻار جي ڊي اين اي ٽا ڪرايون.

رفعت کي بہ پڪ نہ هئي تہ پروفيسر مان يا جيون سائي مان يا ڪنهن رنگين رات جو تحفو آهي.

پر... رفعت خاموشي اختيار ڪئي، جيون سائيءَ کي ڏٺا سٺا ڏئي ريجهاي چا برغلائي وڌو؟ اهو هٽيار عورت جو ڪامياب هٽيار هوندو آهي، مسڪا، ٻُرڪا ۽ مڪر وارا ڳوڙها ڳاڙيندي ڏير تي شاهدي ڏئي ويئي، هي جو مون کي وٺي ويندو آهي تہ پنهنجو پيٽ جو سور اٿس، نيٺ مجبور ٿي هن کي بہ سهولت ڏيندي هيم، اهو بہ پروفيسر جي فليٽ تي، جيڪو اصل ۾ هن جو دوست آهي، منهنجو واقف ناهي.

نيٺ پروفيسر وري هڪ نئين راند ڪئي تہ چوڪيدار پلازاه جو وٺي اچي سلمان مٿان شاهدي ڏياري، ان کان پوءِ مس مس وڃي رفعت جي جان ڇُٽي ۽ سلمان تيڙ گول ڪيا ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هڪ دور دراز علائقي ۾ بدلي ٿي ويس، هاڻ گهر جو پيدي هتجي ويو.

اهو سازش وارو رفعت جو هٽيار ڪم آيو، ٻيو هن رحمان کي هڪ سٺيي هنڌ تي پوسٽ وٺرائي ڏني.

هڪ اياڳي شام هئي جو پارلر تي پروفيسر سان ناراضگي ۾ هو هن کي ٿڦون وهائي نڪري ويو، رفعت کان اڪين مان ڳوڙها وهي پيا ۽ ڏکي رهي هئي جو هڪ گراهڪ ڇوڪري جيڪا طاقتور اداري جي سربراهہ جي ڌيءَ سان گڏ سهيلي بہ هيس ان پوليس کي شڪايت ڪئي، پوليس پهچي وئي،

رفعت ان شڪايت ڪان پوءِ تہ پروفيسر کي هٽ ڪري وجي ڪال ڪوٺڙي ۾ پهچايو، ڪجهہ ڏينهن دال روٽي کائي موٽيو، هاڻ رفعت کان ميڙ منٽ ڪري بعضي پنهنجي پاڙ پوري ڪري ويندو آهي تہ ٻئي طرف رفعت نئين ماڊل جي گاڏي ۽ نئين ڪار ورتي آهي، پراڻي پنهنجي ڪار وري مڙس رحمان کي ڏئي ڇڏي.

## غزل

## جميل سومرو

نيڻ منهنجا ندين سان اٽڪي پيا،
خواب سارا اکين سان اٽڪي پيا.

ڪيڏا باغي مزاج ها منهنجا،
پنهنجي ذاتي خوشين سان اٽڪي پيا.

ها ڏسڻ ۾ گلاب جا گل پر،
خار وانگر گلين سان اٽڪي پيا .

لمحا لمحا ڪنا وَيا ٿيندا،
ڪٿ جوڙي صدين سان اٽڪي پيا .

پير جيڪي پٿون ڪَيا رستن،
سي ٻچاوي؛ گهٽين سان اٽڪي پيا .

ٿورو اڏرڻ سڪيا تہ اڏندي ٿي،
اُب تي اُڏندڙ پکين سان اٽڪي پيا .

کهاڻي

# چنڊ جو ٽڪرو

## وفا اسلم شيخ

اياز وارن جي فيملي دبئي کان پاڪستان شفٽ ٿي چڪي هئي. اڄ ڪلهه هنن جون پنهنجي رشتيدارن وٽ دعوتون هلي رهيون هيون. اڄ مامي جي گهر دعوت تي آيل هيا. سيئي فيملي ميمبر ڊرائنگ روم ۾ ويٺا هئا. اياز پاڻيءَ لاءِ جڳ ۾ هٿ وڌو ئي ته هن پنهنجو هٿ هٽائي ڇڏيو. ڇو جو جڳ هن کي خالي نظر آيو ۽ان وقت ئي هڪ خوبصورت دل کي لڀائيندڙ آواز هن جي ڪنن پتو،

" توها هي پاڻي وٺو مان ڀيو ئي ڪٺي اچان." اياز جيئن ئي ڪنڌ ڦيرائي ڏٺو ته سندس ئي ڪزن خوشبو هئي. جنهن ڀريل گلاس پنهنجو ئي هن کي پيش ڪيو.

اها اياز ۽ خوشبوءَ جي دبئي کان شفٽ ٿيڻ کان پوءِ پهرين ملاقات هئي. ۽ پوءِ ته اياز به سندن گهر ۾ ديرو ڄمائي ڇڏيو، پيو ڪنهن نه ڪنهن بهاني ايندو رهندو هين ۽ پوءِ خبر ئي نه پين ته ڪيئن سندن دليون هڪٻئي لاءِ ڌڙڪڻ لڳيون. خوشبو پروفيسر نذير جي ڌيءَ جيڪا مڊل ڪلاس جي فيملي هئي. پروفيسر اياز جي والد جو سوٽ هيو. اياز وارن جو شمار شهر جي بزنسمين جي اپر ڪلاس سان هيو. پر محبت ته ڪنهن اپر يا لوئر ڪلاس جي محتاج نه هوندي آهي.

اياز جي لاءِ اڄوڪو ڏينهن وڏي اهميت پيو رکي هو ڪنهن به طرح

هن ڏينهن کي وڃائڻ نہ پيو چاهي. سڀ ڪم هڪ پاسي ڪري خوشبو جي گهر آيو. گيٽ کان اجان داخل ٿي مس ٿيو تہ سامهون ئي هن کي خوشبو نظر آئي. ڪليل وار ۽ آف وائيٽ ٻريس ۾ ديوي لڳي رهي هئي.

" سلام " شاعرن وانگي هٿ نرڙ تائين آڻيندي اياز چيو.

" وعليڪم الاسلام." خوشبو مسڪرائيندي رهي.

" پلا انڪل ۽ آنٽي نظر نہ ٿا اچن."

" ظاهر آ ايڏو وڏو گهر تہ نہ آهي جو توکي نظر نہ اچن." منهن سوڄو ڪندي چيائينس.

" مري ويا سي اڄ تہ ڪنهن اڪيلي وڻ هيٺان گذري آئي آ." اياز پنهنجي ساڄ هٿ ڪنڌ کان ڦيرائيندي چيو.

" اهو جا چيئي ؟ "

" منهنجو مقصد آ اڄ تہ صفا ماسترياڻي لڳي پئي آن."

" اياز جا پٽ مان توکي گهڻا دفعا سمجهايو آ تہ مون کي ماسترياڻي نہ چوندو ڪر." خوشبوء هن جي مٿان الر ڪئي. هو سڌو اچي ڊرائنگ روم ۾ صوفي تي ڪريو. خوشبو بہ سندس پويان پهتي ۽ هٿ پنهنجي چيلهہ تي رکي هن جي سامهون ٿي بيٺي.

" چڱو ٿيو جو تو منهنجي پٽ جي ڳالهہ ڪئي. هاڻي مان تہ اياز آهيان باقي منهنجو پٽ ، سو اهو شاديء کان اڳ ۾ ڪيئن ٿي سهگي ٿو.؟" گدو نڪاءُ تي ويس منهن ۾، هوء ڊرائنگ روم مان وڃڻ لڳي تہ هن چيس،

" پلا ڪافي ملندي ؟ "

" اڄ تہ زهر بہ پيو آ."

" پوء تہ سوايو ڪنيو اچجانء." ٺهڪ خوشبو کان نڪري ويو، ڪلندي ئي دروازو ٽپي وئي.

اڄ موسم ڏاڍي خوشگوار لڳي پئي هئي. صبح کان وڻي هلڪي هلڪي بوند وسي رهي هئي. سڄي آسمان تي ڪڪر ڇانيل هئا ڪٿي بہ نيري رنگ جوناءُ نشان ڪو نہ هيو. اياز ۽ خوشبو وارن جي فيملي هڪڙي پارڪ ۾ پڪنڪ لاء آيا هئا جتي آسريليا جا طوطا مختلف قسمن جا رکيل هئا ۽ اتي ٻارن جي رش لڳي پئي هئي. اياز ۽ خوشبو بہ ڳالهيون ڪندي ڪندي ڪجهہ اڳتي نڪري آيا.

" پلا ڪجهہ سوچيو بہ ائين ؟ " خوشبوء ساڻس گڏ ڇهل قدمي ڪندي پڇيس.

" ڇا جي باري ۾." اياز جي هٿ ۾ وڻ مان پٽيل ننڍي ٽاري هئي جنهن کي زمين تي هڻندي چيو.

" بس ڇڏيس." هوء ڪاوڙجي تيز تيز قدم کڻندي اڳتي نڪري وئي.

" اڙي اڙي ڇا ٿيو. بيهه تہ سهي، ڪاوڙ بہ تنهنجي منهن تي ٺنگي پئي آ." اياز هن جي اڳيان اچي پنهنجي ٻنهي ڪنن کي پڪڙيو.

" ڏس جيڪڏهن چاهين تہ مان ڪڪڙ ٿيڻ لاءِ بہ تيار آهيان ۽ رڳو ڪڪڙ ٿي نہ پرپانگ بہ ڏيندس." خوشبوء کان بيساختہ کل نڪري وئي پوءِ منهن تي مسڪراهٽ آڻيندي چيائين،

" ها. هاڻي ٺيڪ آ. ۽ ٻڌ."

" ڇا."

" اهو تہ............." رڪجي وئي.

" ڇا اهو."

" اهو تہ، تون منهنجي لاءِ ڪنهن حسين خواب جيان آهين."

" بس! مان تنهنجي لاءِ خواب آهيان اها حيثيت آ منهنجي." ٻئي هڪ گهاٽي وڻ هيٺان اچي ويٺا.

" پر خواب جو تعبير بہ تہ هوندو آ."

" ها بلڪل هوندو آ مان ٿو ٻڌايانءِ." هن ڇا ٻئي هٿ خوشبو جي ٻانهن ۾ پئجي ويا ان وقت خوشبوءِ جي دل ۾ ڇڻ سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هجي. اياز هن کي پنهنجي سامهون ويهاريندي چيو،

" ڪي چهرا مسڪرائڻ لاءِ ئي هوندا آهن. مان هميشہ توکي خوش ڏسڻ ٿو چاهيان. خوشبو تنهنجي مسڪراهٽ ۾ منهنجي زندگيءَ جي تند جڙيل آ، مان توکان جدا ٿيڻ جو سوچي بہ نہ ٿو سگهان. اهو ئي ٿي پڇڻ چاهين نہ، تہ مان ڇا سوچيو آ." خوشبوء ڪنڌ سان ئي ها ڪئي. اياز سنجيده ٿيندي چيو،

" مان چاهيان ٿو تہ تنهنجي پڙهائي پوري ٿئي ۽ پوءِ بس منهنجا والدين تنهنجي گهر."

" منهنجو هي آخري سيميسٽر آ ۽ گهر تہ اڳ ۾ ئي هڪ ٻن رشتن جو ذڪر هلي ٿو. مون کي پوءِ آ تہ ڪٿي ها نہ ڪري ويهن." ان کان اڳتي ڪجهہ نہ چئي سگهي. نظرون هيٺ ڪري ويٺي رهي. اچانڪ بہ ٽي ڳوڙها سندس ڳلن تان ڳڙي آيا. اياز جو من تڙپي پيو،

" خوشبو هي ڇا. تون تہ وڏي دلير آهين، تون ڇا ٿي سمجهي مان توکان سواءِ جي سگهندس. ڏس! اسان ٻنهي تہ گڏجي زندگيءَ جو حسين خواب

ڏنو آ ۽ ان جو تعبير اسان جي سچي محبت آ ۽ ان سچي پيار جي سهاري تہ مان زنده آهيان. جنهن ڏينهن اها محبت نہ رهي، تہ پڪ سمجهجانءِ تہ مان بہ نہ رهندس. هيڏي ڏس منهنجي اکين ۾." اياز هن جو چهرو پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ سمائي ورتو.

"چا تو کي لڳي ٿو تہ هنن اکين ۾ بيوفائي آ. هان ٻڌاءِ نہ خوشبو."

خوشبو هن جي اکين ۾ نهاري روئي ويئي. اياز هن کي ٻانهن جي ياکر ۾ پوئي ورتو.

اياز پنهنجي فيمليءَ سان گڏ ڊائننگ ٽيبل تي ماني کائي رهيو هو. سندس پيءُ ماءُ ۽ پاڻ ڪل ٽي فرد هئا. اڄ سندس پيءُ پڇي ورتو تہ پلا هاڻي اڳتي جو بہ ڪجهہ سوچيو اٿئي يا نہ؟ "

" ماشاءالله بزنس تہ زبردست پيو هلي. بس هاڻي تہ صرف موڙ ٻڌڻ جي تمنا آهي پنهنجي پٽ کي." اياز جي ماءُ مخاطب ٿي. جڏهن تہ پاڻ اياز ماني کائي رهيو هو. پر ڌيان هنن ڏانهن ئي هيس.

" مان سمجهان ٿي ايازکي شيرازي صاحب جي ڌيءُ ضرور پسند ايندي." شيرازي صاحب هنن جي ليول جو بزنسمين هيو.

" پر ان باري ۾ اياز جي راءِ تہ معلوم ڪر." اياز جي پيءُ مداخلت ڪندي چيو.

" توهان بہ ڪمال ٿا ڪيو پلا، پنهنجي اڪيلي پٽ لاءِ ڪو غلط فيصلو ڪنديس ڇا. ڇوڪري تہ چنڊ جو ٽڪرو آ ٽڪرو."

" پر امي مونکي ٽڪرو نہ پورو چنڊ کپي." اياز هٺ صاف ڪندي چيو.

"ها ها. چنڊ ڪان بہ وڌيڪ آ."

" پر امي منهنجو چنڊ تہ خوشبو آ، پروفيسرصاحب جي ڌيءُ."

" ڇا! ڇريو ٿيو آن ڇا. انهن مڊل ڪلاس ماڻهن جي چڪر ۾ نہ پوءُ. انهن کي تہ بس دولت ڦٻائڻ جو موقعو کپي."

" پر ائين ناهي امي."

" بس مونکي نہ ٻڌاءِ انهن جي باري ۾،مان بہ ڄوان تہ آخر چڪر آهي ڇا." ماڻس جي چهري تي ڪاوڙ جا تاثرات اڀري ويا. اياز بہ دير ئي نہ ڪئي فيصلو ٻڌائيندي چيو.

" امي شادي ڪندس تہ خوشبوءَ سان نہ تہ ڪنهن سان بہ نہ." اٿي ٻي ڪمري ۾ هليو ويو.

" اڙي! ڏئي پنهنجي پٽ جا ڪم." مڙس کي چيائين.

" تنهنجو پٽ ناهي ڇا. ڏنيس هاڻي منهن تہ خبر پوَئي."

" توهان ٻئي هڪڙي خيال جا آهيو. مان بہ ڏسي رهنديس." ڪاڙجي اٿي هلي وئي.

گهڻن ڏينهن کان پوءِ اڄ خوشبوءِ جي پيءُ پروفيسر صاحب جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو هو. هو روئي رهيو هو. اياز جي ماءُ صاف صاف لفظن ۾ چئي وئي هين،

" اوهان جهڙن ماڻهن کي عزت راس نہ ايندي آ. پنهنجي ڌءَ کي اياز جي ڪِڍِ ان ڪري لڳايو اٿئي ڇا تہ متان ايڏي وڏي لاٽري هٿ مان نہ نڪري وڃي. مان اوهان کي خبردار ڪرڻ آئي آهيان. ٻيهر خوشبو اياز سان نہ ملي ورنہ سٺو نہ ٿيندو." سندس زال پروفيسر سان گڏ ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي.

" هي ڪهڙو طريقو آ انهن ماڻهن جو، ڇا عزت بس انهن کي راس ايندي آ. هي بہ ڪو ڳالهائڻ جو طريقو هو، ڪو ڍنگ هو. بس غلطي آ تہ خوشبوءِ جي ٿي آ سندس پٽ جي تہ ڪا غلطي ٿي ڪونهي. دولت جي نشي ۾ رشتا ناتا تہ وساري ٿا ويهن پر ايمان بہ نڪري ٿو وڃين."

پروفيسر مسلسل ڳالهائي رهيو هو. خوشبو در جي پاسي کان بيهي سڀ ڪجهہ ٻڌي رهي هئي. اڄ پهريون دفعو هو جو هن پيءُ کي روئيندي ڏٺو هو. دل تڙپي پيس. اچي پيءُ جي قدمن ۾ ڪري،

" بس بابا مون کي معاف ڪيو، مو کي ان سان ايترو نہ ملڻ کپندو هو. بابا مون کي معاف ڪر مان اوهان کي روئندو نہ ٿي ڏسي سگهان." سندس قدمن ۾ ڪري هوءِ سڏڪي رهي هئي پٽس ڳلي سان لائيندي چيس،

" نہ بابا تون بس ڪر، مون کي تہ ڏک انهن جي روش جو آ." پيءُ ڌيءَ جي مٿي تي ٿڦڪيون ڏئي رهيو هو. خوشبوءِ جي ڳوڙهن ۾ اياز جي سچي محبت غوطا کائڻ لڳي.

اياز کي بزنس جي سلسلي ۾ مهيني کن لاءِ دبئي پئي وڃڻو پيو. هن خوشبوءِ سان موبائل تي ڳالهائڻ چاهيو پر خوشبو هن سان صحيح طريقي سان نہ ڳالهايو. اياز گهڻي ڪوشش ڪئي تہ سندس موڊ ٺيڪ ٿئي پر هن پنهنجو رويو ساڳيو ئي رکيو ۽ اياز کي حالات کان واقف نہ ڪيو ۽ طبعيت خراب هجڻ جو بهانو ڪيائين.اياز هن سان ملڻ جو اسرار ڪيو پر هن انڪار ڪيو ۽ چيو،

" موٽي اچو تہ پوءِ ملندا سين،شايد پوءِ اوهان کي ڪا خوشخبري بہ

ملي.“

”بس پوءِ ته جلد موٽڻ جي ڪبي.“ اياز هن کان موڪلايو ۽ دبئي لاءِ روانو ٿي ويو.

هوڏانهن پروفيسر صاحب به پنهنجي هڪ ويجهي رشتيدار وٽ خوشبوءِ جو رشتو طئي ڪري ڇڏيو. اڳلن کي به ڪا ايڏي جلدي هئي جو مهيني ۾ ئي شاديءَ جو پرگرام طئي ٿي ويو. اياز به پنهنجو ڪم پورو ڪري ايئرپورٽ کان گهر پهتو. اڄڻ سان ئي فريش ٿي خوشبوءِ جو نمبر ملايائين پر اٽينڊ نه پيو ٿئي. هن سوچيو گڏيءَ جو ٿو نمبر ملايان. گڏي خوشبو جي ننڍي پيڻ هئي.

”السلام عليڪم گڏي ڇا حال آ.“

”ادا اياز! توهان آهيو ڪٿي، مان ڏاڍو اوهان کي مس ڪيو آ.“

”او ويري سوري مان ٻاهر ويل هوس. اڇا اهو ٻڌايو اوهان جي آپي ڪٿي آ“

”آپي! ڇو اوهان شاديءَ ۾ نه پيا اچو ڇا.؟“

”شادي ڪنهن جي بابا.“ هن حيرت مان پڇيس.

”آپيءَ جي! پيو وري ڪنهن جي.“ اياز جي مٿي تي ڄڻ بم ڌماڪو ٿيوهجي، ٽڙيل منهن ڪنڊر بڻجي پيس. سندس دماغ ۾ لفظن جا مترڪا لڳي رهيا هئا.

”آپيءَ جي شادي..... پيو ڪنهن جي......“

موبائل هن جي هٿ ما ڪري چڪي هئي گڏي ته پيو الائي ڇا ڇا چئي رهي هئي پر هو ته بت بڻجي ڪرسيءَ تي ڪري پيو هو. اوچتو هن کي هوش آيو بائيڪ جي چاٻي ڪٺي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. هن جي بائيڪ هوا سان ٽڪر کائي رهي هئي. ٽريفڪ جي باوجود به بائيڪ جي اسپيڊ تيز هئي. سندس دماغ ۾ طوفان هيو ولولو هيو. هن کي ڪجهه سمجهه ۾ نه پيو اچي ته آخر ائين ڇو ٿيو،اهڙو ڪهڙو مسئلو هو. خوشبوءِ به ته ذڪر ڪو نه ڪيوهو. هو انهن ئي سوچن ۾ هيو ته خوشبوءِ جي بنگلي جي سامهون واري موڙ تي سندس ڪار سان ٽڪر ٿي پيو. ٻه ٽي ڪلٽيون کائي وڃي روڊ تي ڪريو، مغز ۾ ڌڪ لڳڻ سان رت ڪافي وهي چڪو هيو جنهن ڪري سندس زندگيءَ جو پکي پرواز ڪري ويو..

روڊ تي ڪافي رش ٿي وئي جيج به اچي مٿان پهتي. ڇاڇي لهي حادثي ..و جائزو وٺي رهيا هئا. ڪي افسوس ڪري رهيا ها ته ڪي ڪنن تي هٿ رکي

توبہ توبہ ڪري رهيا ها. هنن جي بنگلي اڳيان گوڙ گهمسان ٿي پيو انهن مان ڪنهن چيو،

” اڙي! هو تہ صديقي صاحب جو پٽ آ.“ پوءِ تہ جيترا وات اوتريون ڳالهيون ۽ اها ڳالھ جڏهن ڪنوار جي ڪن پئي تہ ڊڪندي بنگلي جي گئلري؛ تي آئي هن سان گڏ پيون سهيليون بہ هيون. ڪنوار جي نظر روڊ تي پيل لاش تي پئي تہ سندس دل ٿي وسامي وئي، هڪ آه نڪرندي نڪرندي سيني ۾ دٻجي ويس،اکين مان ڳوڙها نہ ڇڻ رت پئي وهيس،دل ۾ اياز جي لفظن جا تير چبهي رهيا هيس تہ،

” خوشبو مان تنهنجي سچي محبت جي ڪري ئي زنده آهيان جنهن ڏينهن اها محبت نہ رهي نہ، تہ ڏسجانءِ مان بہ نہ رهندو سانءِ.“

# آغا سجاد زائر

## غزل

مُرڪن سان گڏ ادا ٽِپَل ڳُفتي ۾ پنهنجي خوشبو،
لفظن جو پنهنجو جادو، لهجَي ۾ پنهنجي خوشبو.
موچارگي آ مُرڪڻ، روئڻ جي پنهنجي لذت،
ڪِلِ آ ٻَلي ڪٿوري، ڳوڙهي ۾ پنهنجي خوشبو.
جيسين نہ ماڳ رسجي، تيسين نہ مُرڪجي ڇا؟
منزل ۾ مِهڪَ پنهنجي، رستي جي پنهنجي خوشبو.
محبوبَ جون بہ مُندون، موسم الڳ الڳ هِن،
رُسندَي جو رڻ آ راوَڻ، پَرتي جي پنهنجي خوشبو.
جولانَ جُهدَ جهاڳي، محبوبَ جي اڱڻ تي،
چالن ۾ ڇَير پنهنجي، سهڪَي جي پنهنجي خوشبو.
گيڙو لباسَ پويان جَي دل بہ دردوَندِي،
فردوس پو فقيري، ڪنٽي جي پنهنجي خوشبو.
اي دوستو! سدائين سوڪا نہ ڳولهيو رستا،
سنهنجي جو لطف پنهنجو، اهنجي جي پنهنجي.

ڪهاڻي

# رڪشو

## محمد شفيع ٻکک

ڪراچي ۾ جون جولائي وارا مهينا گرم باه وانگر تپندا آهن،پڪي، پڪڻ ماڻهون سڀ ڪا نہ ڪا ڇپر،ڇانو ڳولي تنهن ۾ پنهنجي سسئي لڪائيندا هئا. تہ جئين گرمي جي تپش کان بچي سگهن .

گارڊن واري علائقي ،جمن شاه ۽ لسٻيلي جي وچ ۾ هڪ نم جو عاليشان وڻ مين روڊ تي لڳل هو، جنهن کي لڳي اندازي مطابق سئو سال جو عرصو ٿيو هوندو.

اهو وڻ ان ڇتي گرمي ۾ واٽهڙو مسافرن ۽ انهن رڪشا ٽيڪسي وارن لاءِ قدرت جي نعمتن مان هڪ نعمت هئي.

اونهاري جي ڇتي لڪ ۽ سج جي تپش، صبح يارهين وڳين کان شام ڇئين وڳين تائين هلندي هئي، تنهن ڪري شهر ۾ سناٽو ڇانيل هوندو هو، باقي اهڙا ايڪڙ،ٻيڪڙ، نم يا ٻڙ جا وڻ بہ هوندا هئا، اتي انهن رڪشا ۽ ٽيڪسي وارن جو ٺڪاڻو هوندو هو.

سڄو ڏيهن جيڪر شهر ۾ سواري لاءِ گهمن تڏهن به ڪين روڊن تي سناٽو ملندو هو، ڪو هڪ ٻه پسينجر هوندوهوته به ايترا ته انتظار ۾ رڪشا وارا بيٺل هوندا هئا جو ائين لڳندو هو، جڻين ڪو امير ماڻهون غريبن جي ميڙ ۾ ڪا شيءِ ورهائڻ پهچي ته سڀئي ان ورهائيندڙ ڏانهن ڊوڙندا آهن.ائين هن سخت گرمي ۾ پسينجرن جي انتظار ۾ ڪتل هنن رڪشا وارن جون اکيون ڪنهن پسينجر کي ڏسي وٺس پهرين پهچڻ جي ڪندا ۽ بناه ڪنهن ريڙ پيڙ ڪرڻ جي هڪدم پسينجر ڪٺڻ تي راضي ٿئي ويندا.

پر سڄي ڏينهن ۾ ڪو هڪ پسينجر آيو ته آيو نه ته سڄو ڏينهن ان نم جي وڻ هيٺان گذرندو هو.

لائق خان به انهن هي رڪشا وارن مان هڪ هو، جيڪو صبح گهران نڪري سڄو شهر ڦري تڏهن به ڪيس هڪ پسينجر مليو ته مليو نه ته سارو ڏينهن لسٻيلي ۽ گارڊن جي وچ واري علائقي ۾ نم جي وڻ هيٺان بيٺو هوندو هو.

شام جڏهن گهر موٽي ايندو ته ٻارڙا اچي ڪيس ڀاڪر پائي ڪانس خرچي گهرندا انهيءَ مهل لائق خان جي اکين مان لوڪ ڪري پوندا هئا، ٻارڙن کي ڪجهه دير چاتي لاءِ ،چمي ڏيئي ،ڪيسي ۾ رڪشي جي مالڪ کي ڏيڻ وارن پئسن مان پئسا ڪڍي ڪين ڏيندو ، چو ته اهي ٻارڙا سندس دل جا ٽڪڙا هئا. سندس حياتي جو آڪسيجن هئا.جن کي ڏسي سندس سڄي ڏينهن جي گرمي سبب ضايع ٿيل انرجي واپس بحال ٿيندي هئي.

لائق خان جي زال رضيه گهرجي رڌ پچاءُ لاءِ ڪانئس پئسا گهريا ته لائق خان چوڻ لڳو: " گرمي سبب ڏينهن جو روڊن تي سناٽو هوندو آهي ،جنهن ڪري سڄو ڏينهن نم جي وڻ هيٺان بيٺا هوندا آهيون ،ڪو به پسينجر نه ايندو آهي، جيڪڏهن ڪوهڪ پسينجر

مليو به ته اهو رڪشا واري مالڪ جي رقم ۽ گئس ۾ خرچ ٿيو وڃن ٿا،مان ڪٿان خرچ پورو ڪيان،روز مالڪ جا پئسا مون تي قرض چڙهندا ٿا وڃن ."

رضيه: "ها پر ٻارڙن جي پيٽ پرڻ لاءِ ته پئسا گهرجن" لائق خان: " ها رضيه مان سمجهان ٿو، وٽ هي پئسا جيڪي رڪشا جي مالڪ کي ڏيڻ لاءِ رکيا هيم"

لائق خان پئسا رضيه کي ڪڍي ڏي ٿو پر، مٿس،رڪشه جي مالڪ جو قرض چڙهندو ٿو وڃي . ٻئي ڏينهن لائق معمول طور رڪشا ڪڍي گهران نڪتو ته ڪجهه پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ڪيس هڪ سوٽ بوٽ ۾ ٽائي لڳل همراه هٿ ڏنو،

لائق خان رڪشا روڪي سوٽ بوٽ پاتل همراهه ،پڇڻ لڳو،حبيب بينڪ پلازه وٽ وڃڻو آهي،ڪيترا پئسا وٺندي.....؟ . لائق خان:"سر ڏيڍ سو روپيا " پسينجر:"ڏيڍ سو ته گهڻا آهن" لائق خان:"پوءِ توهان ڪي جيڪي به صحيح لڳن اهي ڏجو ويهي رهو." لائق خان رستي ۾ دعا ڪندو پئي ويو ته شڪر آهي اڄ گهران نڪرڻ شرط ڪو پسينجر ملي پيو. رڪشا ۾ ويٺل پسينجر چوڻ لڳو:"توهان رڪشا وارن ته باهه ٻاري ڏني آهي. جيترو وٺي ٿو ڪرايو وٺو ٿا ،پر هاڻي ته ڪرائي جي گاڏين جون ڪمپنيون کلي ويون آهن ،ڪال ڪري ڪنهن به وقت رڪشا ۽ ٽيڪسي پنهنجي گهر گهرائي سگهجي ٿي. پسينجرن جي توهان جي ان روز روز جي چڪ چڪ مان به جان ڇٽي. لائق خان چوڻ لڳو:" صاحب اها توهان جي ڳالهه صحيح آهي، هتي اسان جو گئس ۽ مالڪ جو ڪرايو به نٿو نڪري باقي توهان صاحب لوڪ آهيو جيڪو وٺي ڇڏيو" لائق خان ڪيس اڇي حبيب بينڪ پلازه وٽ ڇڏيو، ۽سڄي رستي سوچيندو رهيو، هڪ ته گرمي ڪري پسينجر نه ٿو ٻاهر اچي ٻيو هاڻي ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته پسينجر گهٽ ڇو آهن. جڏهن کان هي ڪرائي واريون ڪمپنيون ڪوليون آهن ،اڳي ته ڪارنءِ وڏين گاڏين جو ٻڌو هوسين بڪنگ جو هاڻي ته رڪشا به بڪنگ تي ملن ٿا، تنهن ڪري اسان سڄو ڏينهن رلي به تيل ۽ سيٽ جا پئسا به پورا نٿا ڪري سگهون.لائق خان کي ائين ڪندي پندرهن ڏينهن گذري ويا ۽ رڪشي جي مالڪ لاءِ پئسا ٻارن تي خرچ ڪندو رهيو، ۽ نيٺ هڪ ڏينهن رڪشا جو مالڪ اچي گهر پهتو ۽ ڪانئس رڪشا واپس وٺي ڇڏي.

### ڪهاڻي

# ماءُ جو بدلو

## موپاسان

سنڌيڪار:

عبدالواحد سومرو

وير لان ۾ پنڌرهن سالن ڪانپوءِ واپس آيو آهيان. انهن گذريل سالن ۾ هتان جون شڪار گاهون مون کي ڏاڍو ياد ايندڀون رهيون. اڄ ڪلهه خزان جي موسم آهي، جيڪا پکين جي شڪار جي لاءِ سڀ کان سٺو وقت هوندو آهي. مان هن ڀيري به پنهنجي دوست سروال جي قلعي جهڙي وڏي حويلي ۾ رهائش پذير آهيان جيڪا پروشيا فرانس جي جنگ جي دوران سڙي وئي هئي. ۽ تازو ٻيهر ٺهرائي وئي آهي.

هي سڄو موضوع مون کي تمام گهڻو پسند آهي. ننڍا جهنگ سحر انگيز آهن. وڪڙ ڪائيندڙ نديون ائين وهن ٿيون جهڙوڪ زمين جي جسم ۾ خون جون رڳون جنهن مان اسان قسمين قسمين مڇيون پڪڙيندا آهيون. ان ڪانپوءِ اسان جي خوشي جي ڪا حد نٿي رهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ وهنجندا به آهيون.

ڪلهه سر جي لاءِ نڪتس ته ٻئي شڪاري ڪتابه مون سان گڏ هيا. سروال هڪ سؤ گزن جي پنڌ تي هيو اسان هلندي جهنگ وٽ وڃي پهتاسي جتي هڪ کنڊر ڏسڻ ۾ آيو.

اوچتو مون کي احساس ٿيو تہ فرانس پروشيا جنگ کان ڪجھہ مهينا پهرين ان کي ڏٺو هيوَ. ان وقت هي سر سبز ساون وڻن سان پريل ۽ رنگ برنگي گلن سان ڍڪيل هيو. وڻن تي پکي ۽ هيٺ هاري وينا هيا. مرغيون، ٻڪرون هيڏانهن هوڏانهن ٿي ڦريون. ڪجھہ سالن ۾ زندگي جا آثار ختم ٿي ويا. هاڻ تہ صرف ڍير باقي آهي. مون کي ڏک ٿيو.

اتي بيٺي ياد آيو تہ هڪ ڏينهن جهنگلي جانورن جي پويان ڊڪندي ٿڪجي پيو هيم ۽ ان گهر جي اندر ڪنهن عورت مون کي شربت پيئارو هيو. ان ڏينهن سروال ٻڌايو تہ ان عورت جو مڙس هڪ شڪاري هُيو جنهن کي پوليس گولي هڻي ماري ڇڏيو هيو ۽ ان جو پٽ بہ ڊگهي قد ڪاٺ جو پرپرور نوجوان آهي،جيڪو بہ زبردست شڪاري آهي جيئن عام طور وڏيرا زمين دار هوندا آهن. پر هي گهراڻو غير معمولي طور تي بهادر، دلير بي باڪ آهي.

کنڊر جي پر سان مون سروال کي آواز ڏنو ويجهو اچڻ تي ان کان پڇيو تہ ان گهر جا مالڪ ڪيڏانهن هليا ويا آهن؟ هن مونکي انهن جي باري ۾ ٻڌايو تہ

"جڏهن جنگ شروع ٿي تہ ان پوڙهي جو پٽ 23 سالن جو هيو جنهن کي فرانسيس فوج ۾ زبردستي پرتي ڪري ڪنهن محاذتي موڪليو ويو. هيو. ۽ اهي ٻين جوان پٽن جي مائرن وانگر روئينديون پٽينديون رهجي ويون. ڳوٺ وارن بہ هن تي ترس نہ کاڌو شايد ان جو هڪ سبب هي بہ هيو تہ هوءَ مالدار هئي.

جڏهن تہ ڳوٺ کان ٿوري پنڌ تي واقعي آن ايڏي وڏي حويلي ۾ هوءَ اڪيلي رهجي ويئي. پر ان کي ڪنهن شئي جو ڪو خوف نہ هيو. جو تہ هوءَ گهر جي مردن وانگر دلير ۽ بهادر هئي. ڊگهي، مضبوط عورت جيڪا نہ تہ ماڻهن سان گهڻو حجائتي ٿيندي هئي ۽ نہ وري ڪو هن سان مذاق ڪرڻ جي جرئت هئي. مون بہ هتي اڪثر هاري ۽ غريب عورتون خاموش ۽ اداس ڏسڻ ۾ اينديون آهن.

پوڙهي عورت جي زندگي معمول جي مطابق گذري رهي هئي. سردي جي موسم شروع ٿي تہ آس پاس جي هر شئي برن سان ڍڪجي وئي هاڻ هوءِ ٻاهر گهٽ ئي نڪرندي هئي.هفتي ۾ هڪ ڀيرو ڳوٺ وڃي پنهنجي لاءِ بريڊ ۽ گوشت وغيره خريد ڪري ايندي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ هن علائقي ۾ رڍن جي هارين تي حملي جا واقعا رونما ٿيڻ لڳا. هوءَ ان جي ڪري پنهن

جو مزو لڳو پيو آهي.“

هڪ ڏينهن هوءَ گهر ۾ اڪيلي هئي. اوچتو هن هڪ ماڻهو کي پنهنجي گهر جي طرف ايندي ڏٺو ويجهو اچڻ تي خبر پئي ته هو ٽپالي آهي جنهن هن کي لفافو آڻي ڏنو. ان کيسي مان عينڪ ڪڍي پاتي ۽ خط پڙهڻ لڳي.

”امان! خير ته خواب آهي. پر مون کي پنهنجو واعدو وفا ڪرڻو آهي. اوهان پنهنجي دل مضبوط ڪيو. ڪلهه اوهان جو پٽ هن سان گڏ هيم ۽ اهو سڀ منهنجي جي اکين جي سامهون ٿيو. ڪجهه ڏينهن پهرين هن چيو پئي ته جيڪڏهن مون کي ڪجهه به ٿئي ته امان کي اطلاع ڪري ڇڏيان _ ان وقت مون ان جو مذاق اڏايو هيو پر مون کي ڪهڙي خبر ته جلد ئي اسان سڀني جو مذاق اڏائي هليو ويندو. مون ان جي کيسي مان ان جي گهڙي ڪڍي پاڻ وٽ رکي آهي جنگ ڪانپوءِ اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿي اوهان جي حوالي ڪندس.

اوهان جو تابعدار

زيوات

رضا ڪار جهينٽ نمبر 23

خط تي ٽي هفتا پهرين جي تاريخ لکيل آهي

پوڙهي نه ته رني ۽ نه ئي وري ان جون اکين آليون ٿيون. هو سخت صدمي جي حالت ۾ هلڪي آواز ۾ چيو، ”ها!! وڪٽر جو وارو اچي ويو!! ان کي دشمن ماري ڇڏيو“ اهو چوڻ ئي هيو جو ڳوڙها پنهنجو پاڻ هن جي اکين مان وهي پيا دل غم سان پرجي وئي. مختلف خيال ان جي ذهن ۾ اچڻ لڳا. جن ۾ ڏک، تڪليف ۽ پيڙاء سان گڏ بيوسي به هئي. ”هاڻ مان پوليس جي پٽ کي پيار نه ڪري سگهنديس پهرين پوليس والد کي هاڻ جرمن پڻ کي ٽڪرا ڪري ڇڏيو توب ان جا به ٽڪر ڪري ڇڏيا.“

ان پنهنجي تصور ۾ ڏٺو ته ان جي پٽ جو سر ڪنجي ڏڙ ڪان ڌار ٿي ويو. پوءِ هيٺ ڪري پيو. پوءِ ان جون اکيون ٻاهر نڪري آيون. هو پنهنجي ڪارين مڇين کي چٻائيندو رهيو جيئن غصي جي وقت ڪندو هيو.

”دشمن ان جي لاش سان ڇا ڪيو هوندو؟“

ڪاش ان جو لاش ئي واپس موڪلين ها_ جئين ان جي پيءُ جو لاش موڪليو ويو هيو _ جنهن جي مٿي جي بلڪل وچتي گولي لڳڻ هئي. پوءِ ان فوجين جي واپس اچڻ جو آواز ٻڌو ان ٽڪڙ ۾ اهو خط پنهن جي کيسي ۾

وڌو ۽ اکيون صاف ڪري انهن جي استقبال جي لاءِ حسب معمول مطابق مسڪرائڻ لڳي۔

چارئي خوش واپس موٽيا هيا۔ شايد ان جي ڪري جو هڪ ٿلهو سيهڙ انهن جي هٿ لڳو هيو۔ انهن ايندي سٽ فرمائش ڪئي پوڙهي هن کي اسان جي لاءِ پچائي تيار ڪر۔

جڏهن تہ هوءَ ڪاڏي ٺاهڻ لاءِ مصالحو ڪٽڻ لڳي۔ جڏهن سيهڙ کي کهڻ جو مرحلو آيو تہ ان جي جسم ۾ ڏڪڻي وٺي وئي۔ فوجي بہ حيران هيا تہ پهريون ڀيرو ڪم ڪندي پوڙهي گهبرائجي آهي۔ هڪ جرمن فوجي سيهڙ جي ڪن تہ مڪ هڻي ماري وڌو۔ ان ڪانپوءِ ان جي کلڻ لاهڻ لڳا رت کي ڏسي ان جي جسم ۾ سيسراٽي نڪري وئي۔ رت نڪتي ٿڏي ٿي هڪ هنڌ ڄمي وئي۔ هاڻ هوءَ ڏکي رهي هئي۔ ان کي ائين لڳو ڄڻڪ سهيڙ جي بجاءِ هي ان جو پٽ آهي، جنهن کي ٽڪرن ۾ وڍيو ويو آهي۔ جيڪو اڃان تائين تڙپي رهيو آهي ان جي هٿن ۾ سيهڙ جو گوشت ترڪندو رهيو۔ ۽ ان جي اکين مان ڳوڙها وهندا رهيا۔

هوءَ انهن سان ڪاڏي جي ميز تي ويٺي تہ سهي پر هڪ گرهہ نہ کائي سگهي انهن سڀي ديگڙي کي چٽ ڪري ڇڏيو ۽ هوءَ خالي صرف ڏسندي رهي۔ ان جي چهري تي غم غصي جا آثار نہ هيا پر دل ئي دل ۾ هڪ فيصلو ڪري چڪي هئي۔ اوچتو چيو:

”توهان کي هتي ايندي هڪ مهينو گذرچڪو آ. پر اڃان تائين آئون توهانجا نالا بہ نٿي ڄاڻان.“

انهن خوش ٿيندي پنهنجا نالا ٻڌايا۔ ان هڪ ڪاغذ تي انهن جي گهر جي ايڊريس بہ لکرائي ۽ انهن کي پنهنجي پٽ جي موت واري خط سان گڏ ڪيسي ۾ رکي ڇڏيو۔

جڏهن ڪاڏو ختم ٿيو تہ چيو،

”مان هر وقت اوهان جي آرام ۽ سڪون جي باري ۾ سوچيندي رهندي آهيان۔“

ان ڪانپوءِ هن خشڪ گاهہ جون ڳنڍڙيون ڪٽي مٿي واري منزل تي پهچايون۔

انهن جي ڪمري ۾ پيل قالين جي هيٺان وڇائڻ شروع ڪيو۔ جنهن سان هنن کي حيرت ۽ تجسس بہ ٿيو هن اهو ئي چيو چپ ڪرائي ڇڏيو تہ هي سڪو گاهہ هنن کي سردي کان بچائيندو آ آرام ده گدن جو ڪم بہ ڏيندو هاڻ

فوجين به ان جي مدد ڪئي. ٿوري ئي دير ۾ انهن جي سمهڻ جو هنڌ نرم گرم ۽آراهده بڻجي ويو اهي حيران هيا ته هي خيال پهرين ڇو نه آيو.

شام جي ڪاڏي ڪائڻ وقت به هنن محسوس ڪيو ته پوڙهي هاڻ به ڪجهه نه ڪاڏو آهي. انهن جي اسرار تي ان پيٽ خراب هجڻ جو بهانو بڻايو ان ڪانپوءِ ان ڪمري جي سگري پاري ۽ آرام ڪرڻ هلي وئي چارئي سپاهي به ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويا.

ڪجهه دير ڪانپوءِ پوڙهي ڪمري ڪان ٻاهرآئي. مٿي وڃي آهستي آهستي فوجين جي ڪمري جو دروازو ٻاهر ڪان بند ڪيو ۽ هيٺين ڏاڪڻ هٽائي ڇڏي ٻاهر سڪي گاهه جون ڳنڍيون ڪٺي بورچيخاني ۾ رکي

ڇڏيون. ايتري ۾ هن کي ستل فوجين جي ڪونگهرن جا آواز اچڻ لڳا هاڻ پنهن جي تياري تي اعتماد ٿيو ته هوءِ بورچيخاني ۾ هلي وئي ۽ چلهو ٻاري هڪ ڳنڍڙي کي باهه ڏئي ڇڏي. پوءِ ان کي چؤ طرف پکيڙي ڇڏيو. ان جي بلڪل مٿان ستل فوجين جو ڪمرو هيو هي سڀ ڪجهه ڪرڻ ڪانپوءِ هوءِ ٻاهر برف ڏانهن هلي وئي ۽ باهه ڏسڻ لڳي.

ڪجهه گهڙين ۾ ئي سڄو گهر باهه جي لپيٽ ۾ وڪوڙ جي ويو. ائين پئي لڳو جيڪر وڏي آروي ٻري رهي هجي. دري سڙي ٻاهر برف ظرف اچي ڪري. ان سان گڏ ئي مٿي ستل سپاهين جون رڙيون هنيانو ڏاريندڙ ٻڌڻ ۾ ٿي آيون ان ۾ خوف، بي وسي لاچاري هئي. پوءِ ان جي ڪمري جو دروازو ڪِريو

هاڻ سڄو گهر وڏي شعلي جي شڪل اختيار ڪري چڪو پئي ۽ ٿوري دير شعلا دونهين جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويا جيڪي آهستي آهستي گهٽجي رهيا هيا.

پري ڪان سائرن جو آواز اچڻ لڳو.

پوڙهي پنهنجي پٽ جي بندوق هٿ ۾ کنيون بيٺي هئي ته جئين ڪو بچي نڪري نه سگهي. جڏهن ان جو مشن پورو ٿيو ته ان بندوق به باهه ۾ ڪٽي اڇلائي جنهن سان ڪجهه ڌماڪا ٿيا.

ماڻهو ڊڪندا آيا. انهن ۾ جرمن ۽ مقامي هاري به انهن ڏٺو ته پوڙهي وڻ جي پنن تي سڪون سان ويٺي آهي. هڪ جرمن فوجي آفيسر جيڪو فرانسيسي به ڳالهائي ٿي سگهيو پڇا ڪرڻ لڳو.

"اسان جا سپاهي ڪاڏي ويا؟"

ان پنهن جي آڱر سان وسامندر باهه ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”هوڏانهن۔“

هو هِن جي چؤطرف گڏ اچي بيٺا هيا۔ آفيسر ٻيهر پڇيو۔

”ٻاهه ڪيئن لڳي؟“

”مون لڳائي۔“ پوڙهه جواب ڏنو۔

انهن کي پڪ نٿي۔ هنن سمجهيو ته هن جي دماغ تي هن حادثي جو ٻُرو اثر پيو آهي جڏهن ان جي پرسان وڏيڪ ماڻهو جمع ٿيا ته ان پنهنجي جي پٽ جي موت بابت لکيل خط ۽ فوجين جي سرڻ ۽ رڙيڻ تائين سڄي ماجرا بيان ڪئي۔ پوءِ پوڙهي پنهنجي ڪيسي مان هٿي خط ڪڍي ڏيکاريا ته هي وڪٽر جي موت وارو خط آهي ۽ هي هنن فوجين جي گهر وارن جون ايڊريسون ان ڪان پوءِ چار ٻيا خالي ڪاغذ ڏيندي چيو انهن کي لکو ته وڪٽر جي ماءُ هنن کي اطلاع نه ڏيڻ وساريو۔ اهو ٻڌڻ ڪانپوءِ جرمن فوجين ان کي ايترون گوليون هنيون جوان جا ٻه ٻه ٽڪر ٿي پيا۔

سروال ٻڌايو ته جرمن فوجين ڪوڙ ۾ اچي ان علائقي جي ڪيترين حويلين کي ٻاهه ڏئي ڇڏي ان ۾ هن جو گهر به شامل هيو۔

مون کي اڃان به انهن فوجين جي بد قسمت مائرن جو خيال اچي پيو جيڪي زنده هوندي مري ويون۔ ۾ هن ماءُ جو به جنهن کي ٻه ٽڪر ڪري ڇڏيو جيڪا شايد پهرين ئي مري چڪي هئي۔

## هن پرچي جو شاعر

## رحمت سومرو

توڙي جو اسان ٻئي ساڳئي دعا لاءِ جهليل ٻُڪ جي ٻن هٿن جيان هر وقت گڏ هوندا آهيون، تمام فري هجڻ/رهڻ باوجود بہ هڪ ٻئي جي عزت ۽ احترام ڪندا آهيون. رحمت سومرو هڪ باوقار ادبي گهراڻي سان تعلق رکي ٿو، هُو هڪ پُختو شاعر آهي، هن وٽ شاعريءَ لاءِ اهم موضوع پنهنجا آهن، رستا پنهنجا آهن، اظهار جا گس پنهنجا، پيچرا پنهنجا آهن. هن اڄ تائين ڪنهن جي بہ تقليد نہ ڪئي آهي، هن وٽ مزاحمت آهي ۽ رحمت جدت جي تمام گهڻو ويجهو آهي. هُو رومانس ۾ مشڪل پسنديءَ واري غزل ڏانهن دلچسپيءَ سان وڏي ٿو، ڏکيا قافيا استعمال ڪري ٿو، اڙانگي جاءِ تي قافيا پٺمائي ڪندو آهي ۽ اُن ڪي آسان بڻائي ڇڏيندو آهي. سندس نظم گلاب جي مُکڙين جيان، پنکڙين جي پردن جيان کُلندو آهي، انتها پسنديءَ جي انتهائي ڏکين موضوعن تي هُن ڪمال ڪاريگريءَ سان گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. سندس نثري نظم بہ ويچار ڪرائن ٿا تہ انهن ۾ موضوع نئين بحث کي جنم پڻ ڏين ٿا. اسان ٻنهي جي محبتن جو محور حسن درس جي شاعري ۽ ڪراچيءَ جون بي وفا هوائون آهن. منهنجي دعا آهي تہ هو ذات جي سفر ۾ تمام وڏي منزل ماڻي.

### غزل

صدين کان مات آ بلڪل، صفا اڪيلو آ.
پڇونس، درد جو ٿورو، خدا اڪيلو آ.

اسان جي ساٿ جي هوڏي حوا اڪيلي آ.
حوا جي ساٿ جو آدم، جدا اڪيلو آ.

انيڪ جسم هتا جن سان همسفر هاسين.
مگر هي روح اسان جو ، سدا اڪيلو آ.

هلي وئي تہ هوائن ڇيو زماني کي.
ڏيوس، سخت ڪا هاڻي سزا، اڪيلو آ.

## پراڻي عمارت جيان هوءَ عورت

پراڻي عمارت جيان هوءَ عورت،
اڃان عشق ۾ پئي ٻڌي ۽ ٽٽي.
اڃان ٿي محبت ۾ جيئي، مري.
سيئي مرد فطرت جي مجبورين هيٺ
اڃان حسرتن سان ٽا هن کي تڪن.
ڇپن ۾ پراڻن گلن جي مهڪ ۽
لڳي ٿي اکين کي نشي نئين جيان.
ڪري وقت جا وَر وَڪڙ ڍڪ سيئي،
رڳو هڪڙي محبوب ڏي ٿي مڙي.
هئي ان لڪ رستي سڌي سئين جيان.
نندي ڏينهن جهڙو اهو ڇوڪرو،
ٻيهري، ۾ ٻهچي ٿو هن ۾ ٻري،
انهيءَ جي مٿان شام جيان ٿي ٺري.
انهيءَ تي ڏگهي رات جيان ٿي وري..

## اڏ ڍڪيل بدن تنهنجو

اڌ ڍڪيل بدن تنهنجو،
اک سڄي اگهاڙي آ
ديد بيچيني منهنجي،
ڇيلڻ تي نئي بيهي،
وک کڻين تہ دنيا جو
تخت ٿو لڏي سارو،
پاڻ مان سنڀاليان ٿو
وقت ٿو لڏي سارو،
آگرين جي سازن تي،
ڇيڙجي وئي آهين،
حيرتون حدن کي ڏئي.
مون سان ويجهڙاين ۾
ويڙهجي وئي آهين،
مان سچو ننڍل هان تہ ٻہ
منهنجي ٻانهن تي ايندي
منهنجي پاڪرن ۾ تون،
ميڙجي وئين آهين..

## غزل

پڙهيوسين پيار هڪ ٻئي جو چپن سان
بدن جا ورق اٿلايا بدن سان.

ٻئي ڏينهن ٽيبلن جي انا کي،
دليون ويڙهي ڇڏيون هڪڙي وچن سان.

اها تنهنجي اکين سان آشنائي،
سچائپ جڻ تہ ڪا پنهنجي وطن سان.

اٿين توسان هجان، مون سان هجين اٿين،
هجي جيئڻ ماس کي پنهنجي هڏن سان.

مٿان پيرن مان تون مون کي وڄائين،
مٿان ڳرلهين سپاٽي پوءِ هٿن سان.

## غزل

ميري بدن مٿان ڪو، ليڙون لباس آهي،
اي عشق هر ڳليءَ ۾ تنهنجو نئي واس آهي.

تو ۾ فقير پهچي، سارا امير ٿي ويا،
هر خاص عام ٿيو هو هر عام خاص آهي.

جنهن سان ملي دنيا جا باطن ٿين ٿا ظاهر،
هي درد پاڻ هڪڙو اهڙو حواس آهي.

جوڳين کي ڪلهہ ڪکي وڻي، نانگڻ نئين نموني
هن منڊ ٻي سُري ۾ مُرلي اداس آهي.

دل جي غريب ڌرتي، اجڙيل هئي، مٿان هي
مقتول موسمن ۾، آيو اماس آهي.

تون ٿي پڇين تہ تو ٻن، آ ڪيئن، نيٺ ڇاهي
رحمت حقير هڏا. بيڪار ماس آهي.

## غزل

لفظ ڪنهن اچاريل ڪي، روز چئي اچاريون ٿا.
شهر ۾ ائين هالي، زندگي گذاريون ٿا.
موڙ تي مليو جيڪو، درد جوڙ ۾ نئون آ،
معاملو پراڻي ڪنهن مرڪ سان سنواريون ٿا.
هيل ڪنهن ٻه سهڻي لڪ، آئون ڪو نہ ٿيس ميهر
هيل دل گهڙو خود آ، پاڻ ئي اُڪاريون ٿا.
تو لهي پيو سورج، ماڳ موروڙي جسي تان.
پنهنجي گهر جي ميرانجهي، سانجهڙي سنپاريون ٿا.

## نثري نظم

پاڻ جڏهن گڏ هوندا هئاسين .
پاڻ جڏهن گڏ هوندا هئاسين،
وڻن جون پاڙون وڏيڪ،
مضبوط ٿي وينديون هيون،
۽ انهن جي چانوَ گهاٽي،
ٿجي وندي هئي .
سمنڊ جي گهرائي اڃان ٻه،
وڌي ويندي هئي .
گلن کي پنهنجي خوشبوءِ تي،
پيار ايندو هو .
پکين جي پرن تي،
آسمان پنهنجي ئي اوچائي جو،
مشاهدو ڪندا هئا.
آبشار پنهنجي ئي پاڻي کي
هيٺ ڪرندو ڏسي،
لطف اندوز ٿيندا هئا .
هاڻ ورهيہ گذري ويا آهن
فطرت تہ پنهنجون سڀ شيون،
سنڀالي ورتيون آهن،
پر اسان جي زندگين جو توازن
خراب ٿي چڪو آهي .

# بخشل باغي

## غزل

بارشو! دل جي مسيحائي نہ ٿي.
مينهن ۾ آلي اڪيلائي نہ ٿي.

لُوءِ ۾ آهن ٿڌل سَيئي پنون،
واڱڻائي ڏوپ جي تائي نہ ٿي.

تو ڇيان مونکان نہ هي پَرتي ڪلهن،
هاءِ! پنهنجي دل بہ پَرچائي نہ ٿي.

سج ڏنو تاندي جيان تارون مٿان،
بادلن جي ڪاب پرچائي نہ ٿي.

روح کي جيڪا سدا محسوس ٿي،
تيئن مون کان سُونهن سمجهائي نہ ٿي.

ڪپڙي وانگر پَلي مون کي وَڇا،
تون مگر ڏِهُ ۾ ٻُڏل وائي نہ ٿي.

وقت اهڙي ڳنڍ اُلجهائي وَيو،
زندگي پَر پوءِ سُلجهائي نہ ٿي.

# ستارسُندر

## غزل

ٿِي گهٽائون گهمن سڀيون تنهنجون
ڇيلهہ ڇَندن ڇُمن سڀيون تنهنجون

ڇڻ ڪنارو نديءَ جو پُٽ تنهنجي
نظر تنهن تي لڳن سڀيون تنهنجون

ڇنڊ توڙي تڪي رهيو آهي،
ڊاڪَ تي ٿيون لُڏن سڀيون تنهنجون

ڪيف ڪيڏا نہ ڪهڪشائن کي
مڌُ جهڙيون ڇُلن سڀيون تنهنجون.

عشق آهي پتنگ بدن ڏيئو،
لاٽ وانگر ٻرن سڀيون تنهنجون.

## غزل

### منور سولنگي

ايڏو معصوم ٿيندي تو هئن ڪي ڇو ڏٺو آهي؟
هئن سان باھ ڏيندي تو هئن ڪي ڇو ڏٺو آهي؟
ٻه ڳل تاري مثان ٽڙندڙ ڏٺا توڪان ٿيا ناهن
ٻنهي مان هڪ پٽيندي تو هئن ڪي ڇو ڏٺو آهي؟
ڏسي تو پاڻ ڏي جنهن ڪي هئن سان مک ٻڪي چڏيو
انهي ڪان ڏور ويندي تو هئن ڪي ڇو ڏٺوآهي؟
گهٽي ۾ ڪو يڪو بيٺو رهيو تو ليءِ ڏسي انکي
ڪندي در کي پو ڏيندي تو هئن ڪي ڇو ڏٺو آهي؟
اهي هٿ تو ڇڏايا ها مٽي جن سان وڌي تو آ
قبر منهنجي تان ايندي تو هئن ڪي ڇو ڏٺو آهي؟

## غزل

### وشال

هن حسن'هن حيا تي دل جي بتي ٻري ٿي
معصوم هر ادا تي دل جي بتي ٻري ٿي
هر شخص پونر گل آ' دنيا رنگن جو ميلو
خوشبو ڀري هوا تي دل جي بتي ٻري ٿي
ماضيءِ جي ڪهڪشان ٿي'ڪاروح ۾ ڪڙي پٺي
ڪنهن ياد جي فضا تي دل جي بتي ٻري ٿي
پر شور هي هوائون برسات رات ڪاري
ڪڪرن جي ڪا صدا تي دل جي بتي ٻري ٿي
ڪجھ پي چوڻ نہ هن جو'سڀڪجھ چئي رهيو آ
خاموش التجاب تي دل جي بتي ٻري ٿي
جنهن کان ڪا آجپي جي اميد ناهي ڪائي
تنهن درد لا دوا تي دل جي بتي ٻري ٿي
هڪ آس جو اجهامي جيئن ٿو وسال ڏيئو
ٻي آس جي ردا تي دل جي بتي ٻري ٿي

## نثري نظم

### مسيح منگسي

ڪاڙن مٿان، سج رَکي!..
هنَ سفر کي طويل ڪري ڇڏيو..
پهاڙن جيڏا پنڌ..
چور سنڌ،سنڌ
هيڪلائيءَ جو، هر هنڌ،
خنجر ايو!!..
پيلڇي ويل حياتيءَ جو قصو.
۽ اونڌيرن جي اره پَٽ ،
جويَن ديس مان جلاوَطن ،
ٿيندو پيو وڃي!..
جيئڻ معجزي کان ، ڪنهن به،
گهٽِ نٿ رهيو!..
شڪار ٿيل ،پکيءَ جو ، آخري سفر ،
ٽانڊين ڏانهن ئي وَڃي پيو!..

## نثري نظم

### رحيمداد جوڻي

ڇوڪري موڪل واري ڏينهن
رف ڪاپيءَ جي
اڇن پنن مان
گل ٺاهي رهي آهي
گل جيڪي
ڏسڻ سان ٽڙي پيا آهن !

## امداد سولنگي

### غزل

جديد بحرن حسن اوهان جو ڪٿي ڏٺو آ
نڪور خيالن حسن اوهان جو ڪٿي ڏٺو آ
نفيس طرحون لکيون ٻه شاعر مگر اجان پيو
حسين لفظن حسن اوهان جو ڪٿي ڏٺو آ
غزال اکڙين جمال اوتي فضا ڪئي روشن
اجان ٻه ڏيٺن حسن اوهان جو ڪٿي ڏٺو آ
پکين جا پيرا اجان ٻه تازا پٽر تي آهن،
وڻن جي لامن حسن اوهان جو ڪٿي ڏٺو آ
اوهان جي وارن ڇڏيون لڪائي اداس راتيون
ورهه وڇوڙن حسن اوهان جو ڪٿي ڏٺو آ

### وائي

## عاطف جاني

هتي هاڻي خيالن جا
هوا احساس ڇاڻي ٿي!
اڌوري سوچ ۾ الجهيل
جوابن ۽ سوالن جا ، هوا احساس ڇاڻي ٿي!
لکيل جيڪي لڙن تي ها
انهن ئي خاص نالن جا، هوا احساس ڇاڻي ٿي!
عُمر ڪي درد سان پيتي
اسان جي هر حوالن جا، هوا احساس ڇاڻي ٿي!
انڌيري رات ۾ گهر ٿي
اسان جي ڏس اجالن جا، هوا احساس ڇاڻي ٿي!
اماڻيا تو هٿا جيڪي
پريل "عاطف" رومالن جا، هوا احساس ڇاڻي ٿي!

# غزل 1

## سنڌو پيرزادو

مان ڪناري تي هلان ٿي سمنڊ تنهنجي ساز ۾ آ،
گيتَ لهرن تي لکان ٿي سمنڊ تنهنجي ساز ۾ آ.

انتظاريءَ جي اُفق تي جڏهن تہ مان اڏندي رهان ٿي،
ريت تي ٽڪجي ڪران ٿي سمنڊ تنهنجي ساز ۾ آ.

پيٽ هڪڙي تي وجان ٿي بينچ ڪي خالي ڏسان ٿي،
وڻ ساڳي سان ملان ٿي سمنڊ تنهنجي ساز ۾ آ.

رات ٻيڙيءَ تي ٿري ٿي ڪا مُهاٺي ڪرُ پڇي ٿي،
چنڊ ڪي ٻڏندو ڏسان ٿي سمنڊ تنهنجي ساز ۾ آ.

تون هوا هُن پار جي آن ڪي هوائون ويجهڙو هن،
مان هوائون ٿي وجان ٿي سمنڊ تنهنجي ساز ۾ آ.

# غزل 2

بارش، خواب، جواني،
وسندڙ ڪا حيراني.
خوشبو، چنڊ ۽ رات،
تنهنجي آ نيشاني.
رانديڪا، آڪاٽيون،
ننڍپڻ جي ناداني.
سارونٽين جو منظر،
ويراني، ويراني.
سمنڊ، هوا ۽ تون مان،
باقي دنيا فاني.
پاتي جڏهن تہ ملائڪ،
صورت ڪا انساني.
چئني پاسي جاني!
جاني، جاني، جاني.

